مئل ماڻهو- جيئري پيڙا

(ماڻڪ کي پيڙا)

سهڙيندڙ : سحر امداد / امداد حسيني

سهڪاري : سمورا سنڌي پڙهندڙ / لکندڙ

ليکڪ : ماڻڪ ؛ لعل پشپ ؛ مراد علي مرزا ؛ علي بابا ، شوڪت شورو ؛ نور لهڏي شاهه ؛ سحر امداد ؛ سانول ؛ عبدالجبار جوٽيجو ؛ عزيز مهراڻوي ؛ ممتاز مهر ؛ مظهر ميمڻ ؛ ڏينسي وليئمز / آغا سليم ؛ مشتاق شورو

ملهه : ۱۰-۰۰ (ڏهه روپيا)

ايڈريس : ۷-۲۳۵ يونٽ ۲ لطيف آباد ، حيدرآباد سنڌ.
پوسٽ باڪس ۴۳۶

(359) N

تقسیم شہریاں

جونوز دلاسا ریزرو

ایل۔ایچ۔سی

چامشورو۔سندھ

۱۰-۱۰-۸۳

پـ اکـر

● ماڻڪ آن ٿهيءَ مان هو، جيڪا پاڻ کان سينئر ۽ جونيئر جي ٻن پڙڻ ۾ پيسجي رهي هئي / آهي. سينئر پنهنجي لکڻين ۾ وڏيرن کي لوئي پاڻ ادبي وڏيرا بڻجي ويا۔ ۽ جونيئر شارٽڪٽس جي گهولا ۾ رهيا. ائين ادبي محاذ تي قومي ايڪي واري اعليٰ مقصد کي کا پاري ڏڪ لڳو. ون يونٽ کان پوءِ واري مائار ۾، جن ليکڪن ٻيئل پاڻيءَ ۾ پٽر آڇلي، تجربي جو ساهس ڪيو ۽ ادبي ٺيڪيدارين جي مخالفت ڪئي، انهن کي ڪچيون گاريون ڏئي، جڙتو حالتن جي ڪنڊ۔تار لوڙهي ۾ واڙيو ويو! نصاب مان ڪين باهر رکيو ويو؛ ادارن جا دروازا تہ مٿن اڳ ئي بند هئا؛ پر نجي سطح تي بہ هو "ادبي واڳن" جي ور چڙهي ويا! اِن آگري صورتحال جو ماڻڪ وڏيڪ شڪار رهيو: شايد ان ڪري ئي ماڻڪ پاڻ ارپي، ڪلا سان سچو رهي ٻولي/ ساهت / جاتيءَ ۽ پوري انسانذات لاءِ شاندار آتساهيندڙ ڪردار ادا ڪندو رهيو● اسان کي پڙهندڙ ۾ اتل ويساهہ آهي، تہ "ٽکڙ پبليڪيشن" جي پرپور آجيان ڪندو۔ ۽ سندي ٻوليءَ / ساهت ۽ قوم کي درپيش خطرن کي ٽاڙڻ لاءِ مڪمل سهڪار ڪندو.

ـــ امداد حسيني

MUAL MANHOON-JIHRI PEERA (A dedication to "Manik")
Compiled by: SAHAR IMDAD/IMDAD HUSSAINI
Published by: SYED SHARAF ALI SHAH for TIKHUR PUBLICATION P.O. Box No. 436 Hyd. Sind/ 235-C Unit No. 2 Latifabad Hyderabad Sind
Printed at: Shahbaz Printing Press, Tilak Incline, Near Sultani Masjid, Hyderabad Sind.
Copies: 1000 Edition: First Price: 10-00

کاري / ماڻڪ

اڌ ام پاڙڻ لاءِ: وقت ۾ واجهه وڏل ، وقت جميل ، رڙهي نڪو، ڳجها ٽڏا ساهم. اتاولو من. آماڙيون، اندر ۾ ، پڇي راس ٽيندڙ آس. آسائتيون اکيون. ڏانوان دول ڪندڙ مانڊاڻ ، اڻ- پورا جواب. گڏل وراڻيون. مدبيل مڙو وقت، رڙهي ئي نڪو!

جهرمر تارا، آپ ۾ اکيون. اندر ۾ مانڊاڻ. چوڦير اوندهه جون چوليون. لڏندڙ لمندڙ آسائتو من. بک ۾ پاهه، پوءِ به اجهل وکن کي هونش جا پيڙا وڏل. متان: ٻوريل آس جهوڻي تي چڙي پوي.

اوندهه جون چوليون. ٻڏل لوڪ. ۾ ۾ ٽڏڪار جي ورکا ۾ دفن ٽيل. آسائتيون اکيون آپ ۾ ڪتل. اجهل وکون پيڙا چڏائيندڙ. اڏل آيل: چوڦير نگاهه. ساهم مٽ ۾. پوءِ به جوکو پيرن هيٺان لتاڙيندڙ. وقت تي لانگ ورايل. اڏکيل ساهم آجهل وکون. يار ڏانهن. رئي جو پڏکو. مڙداني همٽ. وک وک ۾. اندر جي آڏمي جي چير تي آجهل وکون. پير ، پير ۾.

اوندهه جو اٽاهه سمنڊ جهاڳيندڙ. من جي اک سان هرگس چلکندڙ. ڪٿين پيرا لتاڙيل ، تنهنڪري چاڏل سچاتل. اجهل وکون ديري ۾، آس سروٽيل. اپاڪو من. جو ، ڪاريءَ وارا ڪڪ. اڃان يار نه آيو!

اوسيڙي ۾ اکيون پنل. منڊل من. هٿي، هن هنڌ ڪٿين پيرا ماٽيل- وڃايل، وڃائي ماٽيل، ماٽي- وڃايل گهڙين جي سڳنڌ ۾ ٽهيون. آڏ ڪو:

اڃان نه آيو!

هورا- ڪورا اڏکيل ساهم جي.

اوس ايندو.

آڏت من ڪي.

سڃاڻ ،

ڪُتڪو. پر شڪ جو گس نہ. انڈو ويساھ انڈي من وانگر.

اجھوڪي پوياڙيءَ جو پھر-

اوندھ جي پاتال ۾ اوسيڙي پنل نيٺ آسائتا. اُڻ- تُڻ. ھُوراڪورا.

ڪڙ-ڪڙ. سڪل پن لڙڪ هيٺ آيل. اٽاھ سرھائيءَ هيٺ، اوسيڙي جو عذاب گھٽيل.

انگل، ڪوڙو روسامو:

دير ڪيئي؟

اڪ لڳي وئي هئي

منھنجي اڪ نہ لڳي. سوڀيڙيءَ ڪان وٽي پئي واجھايم.

پرچاءُ. ايلاز. ميڻيون ايلازن جون. ميڙن منڻن ساڻ.

ٽوڪر: شابس ٽئي.

وري نہ ٽيندو،

انجام

ڏاڙھي

رھاڻ. اڻ- ڪٽ ڳالھڙيون.

پوريل آس چڻي پئي، متل، ماندائ ۾ اٽل. وير چنبڪي چھڻ لاءِ تڙپڻ لڳي. ڏرتيءَ ڪي پوانتي آئي.

چين جو اٽڪاءُ:

آڇ نہ پڇايون

آڇ

ساھي ڪار ناھي

اٽڪيل ڇپون، جھاڪا ڪائيندڙ ساھ. ڪچن جي پگھر جي بوءِ ۾ ڀيڙين پيٽل ساھ ۾ ڀولاٽيون.

بس!

ساھي وڻان

وَڻَ نہ ڏيندي ساڻ

ادمبر وچان اپام

وري ساڳي ڪار. هر لوچ سپڻ جي بولاتي. هر بولاتي سپڻ جو ڏنگ. هر ڏنگ آپيڙيندڙ ساهه. بولاتيءَ جي هر لوڏ، حياتيءَ جي جوت جلائيندڙ. تارن جي اک ٻوٽ. جهر-مر تارا. اوندهه جي ساگر ۾ چوليون. چوليون ڏهندڙ - هندڙ. اڻ-کٽ سلسلو چولين جو. ڪپ ڪي رسڻ لاءِ آتيون. لانگ، لانگ تي. وقت تي لانگ ورايل. ڏرتي ٻيڙل. ديرو ٻيڙل سيڪجهه وڃايل. اوجهل. پاڻ ٻه.

آپڙيل ساهه پولار ۾ ٽيڙ ڪائيندڙ. ويرچند ڪي ڇهي واپس ورندڙ. ۽ پوءِ ناپر. چوڦير سانت. ساڻي ڏرتي. ساڻو ديرو. هاڪي ڏڏڙي هير، ساڻن لڳن ڪي ڪٽڪائي ڪندڙ. آپڙيل ساهن ڪي سنواريندڙ.

ڪا مهل ائين ـ

موڪلايون

وري انجام

سيان هن ويل؟

نه ـ

پرهينءَ

روز روز نه ـ ڪڙڪ نه پوي

هتي؟

يلي

پر

چنچلتا :

چهءَ

اک نه لڳي وڃي

ڏيل ٿهڪڙو. پاڪر. ساڻيون منيون، ننڍا ڪڙيون.

موڪلاڻي :

وک، وک ۾. ڏهڪو دل جو. جوڪو پيرن هيٺان لتاڙيل پر وقت جي لانگ ورايل. اڏڪي ساڻ: ڪا مهل نه، ڪنهن

جهڙي ۽ هوشائتيون وکون ، تن ۾ ٻيڙا وڏل ۽ سجاڳ من جا سانتيڪا چوڪس حواس. وک، وک ۾ نہ وچڙي ۽ سڀ سک ۽

پوءِ : ماٽيل گهڙين جي اولڙن تي اڏيل ، سامائيل سپنا. ٻور جهليندڙ. جهوتن لاءِ آسائتا چٽجڻ لاءِ ۽

وقت ۾ واجهه وڏل. وقت جميل. رڙهي نڪتو. گجها ٽڏا ساهه ۽ آتاولو من، آمازيون اندر ۾. پڇي راس ٽيندڙ آس. آسائتيون اکيون. ڀانوان ڏول ڪندڙ ماندائ....

منديل مٿو وقت رڙهي ئي نڪتو!

جهرمر تارا. اپ ۾ اکيون. اندر ۾ ماندائ، چؤڦير اوندهه جون چوليون ۽ لڏندڙ لمندڙ آسائتو من ۽ بک ۾ پاهه ، پوءِ به اجهل وکن کي هونش جا ٻيڙا وڏل. متان : ٻوريل آس جهوڙي تي چڙي پوي ۽

اوندهه جون چوليون، ٻڏل لوڪ ۽ هر هر ٽڏڪار جي ورکا ۾ ، دفن ٽيل ۽ آسائتيون اکيون اپ ۾ ڪتل. آجهل وکون ٻيڙا چڏائيندڙ. اٽل آيل. چوڦير نگاهه، مٽ ۾ ساهه ۽ پوءِ به جوکو پيرن هيٺان لتاڙجندڙ. وقت تي لانگ ورابل. وقت پيرن هيٺان اٽڪيل ساهه ۽ اجهل وکون، يار ڏانهن. رڙي جو پڙڪو. مڙداني همٽ، وک، وک ۾، اندر جي اڏمي جي چير تي اجهل وکون پير - پير ۾ ۽

اوندهه جو اٽاهه سمند جهاڳيندڙ. من جي اک سان هرگس چلڪندڙ. ڪئين پيرا لتاڙيل. تنهنڪري جاتل سجاتل ....

يار اڳ - اوسيڙو ڪندڙ ۽

اوتجي آيل پوڳ جو خيال من ۾ :

مڙدائو آواز ٺاهي :

"متان ويو آهين."

سراپيل همراهه ۽ ٽهيءَ ۾ ٻيل. پوءِ - اڀالڪ پاڇ ۽

ديبل ٿهڪڙن جي ڦوهار ۽ پانهن کان جهلي - پاڪر ۾ پکڙ ۽

گيدي آهين.
بلي. تون هيين ۽
ڪيڏانهن پئي ڏيگين ؟
مون سمجهيو—
تو سمجهيو اجهو ڏٽي اچي پڳا ۽
نه، تڏهن به هوشيار تہ رهجي.
ڏاهپ جا ٻول :
ڏچين ٿو ؟
نہ جاني- تڏهن به ڪتڪو تہ —
ٽپيءَ ۾ پيل :
جي اهڙي مهل اچي —
اونهي ڪوهہ سان جهيڙو آواز
سر لڳي ۽
پڪو انجام ۽
مڙساڻي ڏاڙهي ۽
پئي نہ ڏيندين ۽
اهو لعنتي ٽئي ۽
وريل ويساهہ ۽ اڻ- مئي خوشيءَ ۾ اوتيل ۽ پاڻهہ جاگل پکڙيل ڳلن تي. ڳچيءَ ۾ پانهن جو هار. چمين جي ورڪا.
ادمبر ۾ پريل، لوچ ڪائيندڙ آواز :
جاني —
ڇپن جو اٽڪاءُ ۽ پوريل آس ڇٽيل. متل مانڊاڻ ۾ آڻل.
ويڑ جي چند کي ڇهڻ لاءِ تڙپ. ڏرتيءَ کي پوانڊي ۽
اڻکيل ڇيون. جهاڪا ڪائيندڙ ساهہ ۽ ڪچن جي پگهر جي بوءِ ۽ ٻيڙين پيتل ساهہ ۾ بولاٽيون.
ون نہ ڏيندي سانءِ ....

ادمبر سان اپام.

هر لوچ سپڻ جي بولاٽي. هر بولاٽي سپڻ جو ڏنگ. هر ڏنگ، آدڙيندڙ ساهم. بولاٽيءَ جي هر لوڏ، حياتيءَ جي جوت جلائيندڙ. تارن جي اک- ٻوٽ. جهرمر تارا. اوندهه جي ساگر ۾ چولين. ڏهندڙ- ڏهندر. اڻ-کٽ سلسلو چولين جو. کپ کي رسڻ لاءِ آتيون. آتيون چولين. لانگ- لانگ تي. وقت تي لانگ وراين. بينل وقت پيرن هيٺان چپيائيل. ڏرتي بينل. سپکجهه وڃايل. اوجهل. پاڻ ۾، پاڻ کان-

آدڙيل ساهم پولار ۾ ٽيڙ کائيندڙ. ويرون چنڊ کي ڇهي واپس ورندڙ. ٽڪل- ساڻيون. جو زوم سان کريل- ۽ پوءِ ناپر. سانت. ساڻي ڏرتي. ساڻو ساهم. هلکي ٽڏڙي هير ساڻن لڳن کي کتکائي کندڙ. آدڙيل ساهن کي سنوارينڊ. ماڻيل گهڙين جي چولين جي هندوري ۾ ٽڪيون کائيندڙ لڳ.

کنهن سمي اسالک کن وڃيا.
ڏت هڏي ٻيل. جهليل ساهم وس ۾ کيل.
جائي ٻ، ٻ پاڇولا اڳتي وڌندڙ.
سُر ٻات ۾ : ٻيو هڃ، نه اڇانءِ.
کيکار ٿي :
متان ويا آهيو.
اوندهه جي مائي سمنڊ ۾ ٻيڙي پئي.
مڙس ٽجان.
هوڪار :
متان —
مڙس ٽپ ڏئي اڇيل. گولي.
وڃي ٿو جهل کجانءِ.
هيئين ۾ چڪهه، اکين آڏو اوندهه. اکين جي هيرين روشني انڌي ٽيل.
هڪ پاڇو پڃندڙ.

يار جي پاڄ جي وک وک، گھوپاتو. هنياءَ تي ڦھڪو ٿي لڳندڙ.

ڪوماڻيل ذهن. ڪوماڻيل حواس. سر تي آئي، منهن ڏبو. ڪوماڻيل ذهن. سوچ جو ترورو. پاڻ سنپاليل:

حيف ٿس.

نہ وڻي آهين رن.

پولار ۾ بولاٽيون ڪائيندڙ آواز ڪي سڃاڻڻ لاءِ:

ادو؟

امالڪ چوٽيءَ ۾ هٽ. سٽ: ڪريل رن. ڪُٽي، ڪيڏانهن: پڳئي يار؟

اوسان خطا. ڪُڇي جهڙي پٽ.

يار جو لفظ بت بڻيل لڳن تي چنبو ٿي لڳل. تتل، بڙڪا ڏيندڙ پاڻيءَ جو چنبو: روح ۾ ڦلڪڻو ٽيل.

آ ـ اچي ٿو ـ

چمڪاٽ، وڃ ڪريل. ڪنڌ لڙيل. ڏک مٽان ڏک. بت ڏرتيءَ تي زپڪو ڪري ڪريل. گڙڪايل ڪيڪراٽ، رات جي اونداهين سانتيڪي سمنڊ جي پيٽ اندر.

ءِ پوءِ ساڳي سانت.

ٻئي ڏينهن، سج ايرئي راڄ ڏنل: واهه ۾ لڙهندڙ لاش. سڃاڻپ وڃايل.

چيائون: ڪاري.

ءِ پوءِ سپ پنهنجي پنهنجي ڪرت سان لڳل.

هڪ ماءُ، هڪ پيٽ، هڪ پتني / لعل پشپ

ٽئڪسي جڏهن هلڻ لڳي ، تڏهن هن متي نہ نهاريو. هن کي وشواس هو تہ هوءُ پيٽ جو چهرو ڏسي سهي نہ سگهندو. هن کي وشواس هو تہ هوءُ وري هن جو چهرو کڏهن نہ ڏسي سگهندو. ٽئڪسيءَ اندر ، پاسي ۾ ويٺل نلني هن جي من استتي چاٽي چپ رهي- پر سوچيندي رهي. ٽئڪسي اڳتي هلي. هن کي ڄاڻ هئي تہ اگر هوءُ چاهي ها تہ اڃا بہ هڪ دفعو پٺيان منهن ڦيري انتر بار پيٽ جو درشن ڪري سگهي ٿا. دريءَ کان منهن ٻاهر ڪيڻ جي بہ ضرورت نہ هئي. پٺيءَ پٺيان شيشو هو، جنهن مان هوءُ هن کي ڏسي سگهيو ٿي. پر هن نہ چاهيو. جيتريءَ تيزيءَ سان هو ان چهري تائين دوڙندو آيو هو ، اوتريءَ تيزيءَ سان هوءُ پٺيان موٽيو هو.... جهڙيءَ طرح ديوار کي زور سان ڪينهو ستيو آهي ۽ ساڳئي زور سان واپس موٽي ايندو آهي.

پر هيءَ ٽئڪسي هلي رهي يا چري رهي آهي؟ سڀ ڪجهہ ايترو آهستي چو ٿي رهيو آهي؟ ان رفتار سان بمبئي ڪيترو دور آهي؟ هيءَ دهلي آهي ، پارت جي گاديءَ جو هنڌ آهي ، هتي لعل قلعو آهي، قطب منار آهي ، سڀ ڪان وڏي ڳالهہ تہ پيٽ ميناڪشي آهي، ان سڀ ڪان وڏي ڳالهہ ڪان بہ وڏي ڳالهہ تہ هتي هن سان نلني آهي جا هينئر هن جي پاسي ۾ ويٺي آهي. پر بمبئي ڪيترو دور آهي؟ ٽئڪسيءَ ڪانپوءِ ٽرين. چوويهن ڪلاڪن جو سفر. جيڪڏهن اُنهن چوويهن ڪلاڪن جو هر ڪلاڪ، سري رامچندر جي بنواس ۾ ڪاٽيل هر سال جي برابر آهي تہ هوءُ رامچندر ڪان بہ وڌيڪ ڪشٽ پوگهيندو !

هو اُن چهري کان پڇي وڃڻ چاهي رهيو هو. هن کي ان چهري کان گهرٽا هئي. ان چهري هن جي پريم جو نرادر ڪيو هو. هن جي پريم کي نہ سمجهيو هو ، ان ڪري اُن جو

نراد ڪيو هو. هن ڪي ان ڇوري ڪان گهرڻا ٿئي. جنهن ڇوري جي هر ريکا جي هن پوڇا ڪئي هئي، دور هوندي به جنهن ڇوري هن جي جيون جي اسهيم انيزن ڪي هڪ جنني جيان لولي ڏيئي سمهاريو هو، اُن ڇوري ڪان هن ڪي سخت گهرڻا هئي.

"اڄ تاريخ ڪهڙي آهي؟"

هن جواب نہ ڏنو، ٻڌوئي نہ.

آواز ٽڪسيءَ واري جو هو.

جواب نلنيءَ ڏنو:

"۱۸ آهي."

ها، هن ڪي ياد آيو، ان ڏينهن ۱۸ تاريخ آهي. يعني هُو ڏهه ڏينهن اڳ دهليءَ ڪي، پيڻ مينا ڪشيءَ ڪي وداع ڪري رهيو آهي. ٻئي ڏهني جي پهرين تاريخ تائين هن آفيس مان موڪل ورتي هئي. پر هُو ڏهه ڏينهن اڳ موٽي رهيو آهي. بمبئي پهچي ئي هو ديوٽيءَ تي نہ ڇڙهندو، ديوٽيءَ تي پهرين تاريخ ئي ڇڙهندو- پر هو دهليءِ ڪي، پيڻ مينا ڪشيءَ ڪي ڏهه ڏينهي اڳ وداع ڪري رهيو آهي.

هن ڪي ياد آيو:

جڏهن گاڏيءَ جا ٽنڊا ڏيا دارجلنگ جي اڏاهين چوٽين تان هيٺ لهي رهيا هئا، سامهون سلي گريءَ جي ننڍي بازار ۾ نظر اچي رهي هئي، تڏهن نلنيءَ چيو هو، "باقي سڀ ڏينهن چا دهليءَ ۾ رهندا؟"

"پروگرام تہ ڪجهہ اڳوئي آهي."

"ڏورا ڏينهن آگرہ هلو."

"آگرہ؟ تنهنجي چا اڳڙي اچا آهي نلني؟"

نلنيءَ دور دارجلنگ جي ان پربت جي چوٽيءَ ڏانهن نهاريو.

"پهاڙن جي سندرتا ڏٺي آهي، ندين جي سندرتا ڏسڻي آهي."

"سا تہ نلني، ندي تڙ ڪي دهليءَ ۾ به ملندي."

"ملندي، پر تاج جي هيڻان وهندي نه ملندي."

"جيئن چاهيندينءَ، ٿيندو نلني. پر هن دفعي پيٽ مينا ڪشيءَ کان هڪ ڏينهن بہ پري ٿيڻ ۽ ان نہ چاهيندس."

نلنيءَ کجهہ نہ چيو. عجب، موه هو هن جو پنهنجي هن پيٽ پر. هن کي ياد آئي هڪ سنجهاڻ، شاديءَ کان اڳ واري اها سنجهاڻ. هن چيو هو، "توسان شادي ڪري، مان اُن ڏينهن ئي توکي ڏهليءَ وڌي هلندس نلني. اُتي منهنجي پيٽ آهي، پر ماڻا آهي. هن جو سنيهہ کجهہ ائين آهي، جڙ اندر ئي ڪٽي ويندو آهي. هن جي هٿن جو پوڄن ڪائيندي اکيون پرجي اينديون، آهن."

نلنيءَ کي کجهہ ٻيو بہ ياد آيو. اهو ٻيو بہ ان کان ٻاهر نہ هو. هوءَ هن جي گهر ويئي هئي پر هوءَ صبح جوئي ڪيڏانهن نڪري ويو هو. هن جي ماءُ جئن هن جا هٿ پڪڑيا هئا، پنهنجي پٽ جي ساراه ڪئي هئي....

ٻئي ڏينهن جڏهن هو ملڻ آيو تہ نلنيءَ هن کي پاڻهہ مان چونڊيندي چيو هو:

"تون ڪوڙ ڳالهائڻ ڪڏهن کان سکئين، ري؟"

"معلوم ٿي رهيو آهي، منهنجي گهر منهنجي چريتر بابت جاسوسي ڪرڻ ئي ويئي هئينءَ- آهين نہ...."

"آهيان، چا؟"

"هڪ پڪي وهنوارڪ استري!"

"سڏو ٿيو جو پڪڙجي پئين!"

"نياءُ تڏهن آهي نلني، جڏهن سزا جي اڳيان اپراڌ بہ هجي."

"توکي ياد آهي، تو چيو هو، تنهنجي ماءُ ماٽيلي آهي."

"چيو هو."

"ڪوڙ."

"ڪوڙ؟"

"ٿي نٿو سگهي."

"ٿي ويل آهي."

"پر ايتري سڀي، سڀاجهي، توسان ايترو پيار ڪندڙ...."

"استري ، پرش جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڀهروپي ان ڪري آهي جو نديءَ ۾ پرش جي پيٽ ۾ من جي سڪيا وڌيڪ محدود رهي آهي ."

"هوءَ تہ چئي رهي هئي ، تنهنجي پيٽ ماڻيلي آهي ."

"پيو ڪوڙ !"

"پر تون ڪئن ٿو چاڻين ؟"

"مان اڃا نندو هوس جو هن هڪ ڳالهہ تي مون کي سخت ماريو هو. تڏهن منهنجي ڀڻي منهنجي گهر رهندي هئي. پاسي ڪري . هن مون کي چيو هو ، "ماءُ ٻہ ڪڏهن پنهنجي پيٽ جائي کي ائين ماريندي آهي ؟ هيءَ تنهنجي ماءُ ئي نہ آهي. تنهنجي ماءُ تڏهن مري ويئي ، جڏهن تو اڃا ڪير ٻہ نہ ڄڏيو هو ...."

"پر هوءَ تہ توکي تمام گهڻو پيار ڪندي آهي."

"ها، اهو صرف ان ڪري جئن پيٽ مينا ڪشيءَ سان پيار نہ ڪريان ."

"چي .... چي .... ماتا لاءِ ...."

"مون کي هن کان سخت نفرت آهي."

تڏهن ننڍي هن جو ڪنور مک ڏسي ڏجي وئي هئي — دوش ڪنهن جو ٻہ هجي، ڪارڻ ڪهڙو ٻہ هجي، پر هوءَ چاڻي ويئي، هن ماڻهوءَ کي ماءُ جو پيار ڪڏهن نہ ملیو آهي.

هن چيو هو ، "مون کي هن کان نفرت ان ڪري آهي جو هن پيٽ مينا ڪشيءَ کي ڪڏهن پيار نہ ڏنو آهي، هن کي ڪيترا دک ڏنا آهن ."

* * * *

ترين ۾ ....

نہ ، هو وري هن شهر کي ڪڏهن نہ ڏسندو. هن شهر هن جا سپنا ٽوڙيا هئا، هن جي سنيهہ جو نرادر ڪيو هو. نفرت.... ها - هو اهائي ڪري سگهندو. چو تہ پريم نہ ڪري سگهندو .

ٻنهي مان هو هڪ ڪري سگهندو آهي. ٻنهي جي وچ هن ڪي ڪڌهن سنتوش نه ڏنو آهي. پاڻ ۾ ٻنهي جو سمجهوتو پائڻ هن لاءِ ممڪن نه آهي. گهرو پريم يا گهور نفرت....

نلنيءَ هن ڏانهن نهاريو. هڪ هٿ هن جي ڪلهي تي رکيو.

هن چيو- "مون کي معاف ڪج نلني."

نلنيءَ نه سمجهيو-

هن چيو- "پلجي وڃج نلني ۽ مان پلجي وڃان- ان گهالهه ۾ به سات ڏج."

"تنهنجو من ٺيڪ نه آهي."

"پيٽ مينا ڪشيءَ تنهنجو نرادر ڪيو آهي.—"

"پر من تنهنجو ٺيڪ نه آهي.—"

"مون هن لاءِ توکي نه معلوم چاچا چيو هو."

"مون کي ياد نه آهي.—"

"ڪرڻ جي ڪوشش به ته ڪج نلني."

"پر هڪ گهالهه مان نٿي پلجي سگهان."

هو خاموش.

پيٽ مينا ڪٿي پچاڑيءَ جو ٻاهر ڪٿهڙي ۾ به نه نڪتي. پچاڑيءَ جو هن مون سان موڪلائڻ ته نه چاهيو پر ٻوءِ به جڏهن اسان هيٺ ٽئڪسيءَ ۾ ويناسين- تڏهن متي ڪٿهڙي ۾ به ڪانه آئي...."

"تڏهن چا هوءَ آتي ڪونه هئي؟" هن پڇيو- پر جواب پائڻ نه چاهيو- من ۾ جا چوٽ پهتي- سا ان پڇڻ ۾ ٻاهر نڪتي. هن متي نهاريو نه هو، ٻوءِ به هن کي وشواس هو ته هوءَ ٻاهر نڪتي هوندي- متان نهارينديءَ هوندي....

هن دريءَ کان ٻاهر نهاريو- وشال آڪاش ڏانهن.

"ٻڌ."

هن دريءَ کان منهن اندر ڪيو.

"دوش اسان جو نہ آهي؟"

هن نلنيءَ طرف نهاريو.

"مان سوچي رهي آهيان، اهو سچ نہ آهي ته دوش اسان جو آهي؟"

"ڪٿي - ڪئن؟"

"مون کي ڪٿي - ڪئن لڳي رهيو آهي - دوش ۽ مينا ڪشيءَ جو نہ آهي. اسان جو آهي - تنهنجو ۽ منهنجو. مدت بعد تون هن وٽ هليو هئين. تو پاڻ ئي چيو هو- جڏهن به تون هن وٽ ويندو هئين- هميشه هن سان گڏ هوندو هئين- هڪ ڪن لاءِ به هن کان دور نہ ٿيندو هئين- پر هن دفعي هڪ ڪن به تون هن سان گڏ نہ هئين. هميشه مون سان گڏ هوندو هئين- هڪ ڪن به مون کان دور نہ ٿيو هئين. اهو سوار ٽپڻو نہ آهي؟"

هن نلنيءَ طرف جو نهاريو هو. نهاريندو رهيو هو. پنهنجي پاونائين جو- پاڻ کان الڳ رکي- چيڊ ڪرڻ سان ئي نلنيءَ چا ان سچ کي پاتو آهي؟ هن سوچيو ۽ مڃڻ چاهيو. سچ کي پائڻ جو اهو سڀ کان آسان طريقو نہ آهي؟ پر چاڪاڻ ته پنهنجي پاونائين جو- پاڻ کان الڳ رکي- چيڊ ڪرڻ سان سچ هميشه ڪوڙ بنجي ايندو آهي - تنهنڪري ئي اهو آسان طريقو به آهي- پر ڪٿن به آهي.

هن چيو- "نلني -"

نلني ٽورو نزديڪ کسڪي آئي.

هن چيو- "اهو سچ ٿي سگهي ٿو- تنهنڪري سوارٽ به ٿي سگهي ٿو- پر اهو سڀ سياويڪ نہ آهي نلني؟ پيڻ مينا ڪشي به جيڪڏهن ان طرح- پنهنجي پاونائين جو- پاڻ کان الڳ رکي- چيڊ ڪري ها ته هوءَ ان سچ کي نہ پائي سگهي ها ته اهو سياويڪ آهي؟ ته به ڇا، پتي- پتني، شاديءَ جو پهريون ڪجهه عرصو هڪ ٻي سان ايترو چهتيل رهندا آهن جو

ٻئي ڪنهن کي ٻه هڪ ڪن ڏيڻ سان انين محسوس ڪندا آهن. ڇڻ هنن جي پريم جي هڪ ڪن کسجي رهي آهي - چورائجي رهي آهي. اگر سچ کي ان طرح جي طريقي سان پائڻو آهي نلني، تہ پوءِ بہ هڪ سان انياءُ رهندو ئي؟ چو تہ سيئي اهو طريقو اپنائين، ان لاءِ نہ ڇاڻان ڪيترا يگ لڳندا ـ اهڙي سڪيا، اهڙي وديا جڏهن هرهڪ وٽ ميسر هوندي."

ان نتيجي تي پهچي هن ڏٺو، اندران هوءُ هلڪو ٿي آيو آهي. هڪ جلن جا اندر پيڙي رهي هئي، گهنجڻ چاهي رهي هئي. شايد گم ٿي ويئي. هڪ بار هو جو هتي ويو هو. پيڻ مينا ڪشيءَ جي اڀمان کي اگر هينئر هو پلجي نہ پئي سگهيو، تہ ياد بہ نہ پئي ڪري سگهيو.

"نون اڄا سوچي رهيو آهين."

"نہ سمجهي رهيو آهيان."

"مان پيڻ مينا ڪشيءَ کي سمجهي سگهي آهيان."

"پر دور تہ مان ئي توکان نہ پئي ٿيس، دوش منهنجو آهي نلني. پيڻ مينا ڪشيءَ توسان گهالهائڻ چو بند ڪيو؟"

"چاڪاڻ تہ هوءَ توکي پوءِ بہ چاهي رهي هئي. پر ساڳئي وقت هن کي پنهنجو غصو بہ ڪيڏو هو. پيو ڪوئي ڪير هو جنهن تي ڪيڏي؟ـ ان جو شڪار مان ٿيس. جئن تہ هن جي من ۾ تو لاءِ پيار پوءِ بہ هو، تنهنڪري هن مڃڻ چاهيو تہ توکي هن ڪان دور مون ئي ڪيو آهي!"

"ساڳيءَ طرح منهنجي ماءُ بہ سوچيندي هوندي تہ مون کي ڪائنس دور پيڻ مينا ڪشيءَ ئي ڪيو آهي؟"

نلنيءَ ڪلي ڏنو. چيائين، "ممڪن ٿي سگهي ٿو ـ ممڪن ٿي سگهي ٿو، اڳتي هلي، اهو سڀ ڪجهہ وري ٿئي."

هن پڇيو، "چا ٿو ممڪن ٿي سگهي تہ اڳتي هلي چا ٿيندو؟"

"تنهنجي ماءُ بہ مون طرف اهڙو رخ ونئي جهڙو پيڻ

مينا ڪشيءَ مون طرف ورتو. يعني تہ مون توڪي هن ڪان الڳ ڪيو آهي، هوءَ ائين سمجهڻ لڳي ـ جڏن پيڻ ۽ مينا ڪشيءَ مون لاءِ سمجهيو ....."

هن جو منهن لهي ويو ۽ لٽل منهن سان هو نلنيءَ طرف نهارڻ لڳو. پر هن ڏٺو، هوءَ تہ بس ڪلي رهي آهي.

"تون ڇا سيني رشتن ناتن جو پوشيہ ڇاڻي ويندي آهين نلني ـ؟"

نلنيءَ ساڳيءَ طرح ڪلي چيو، "گهٽ ۾ گهٽ سان استري ـ سياڻ ڪي ڇاڻي ويئي آهيان ـ هو پنهنجي پائرن، پٽن سان ائين هلندين، آهن جڏ هنن تي سندن اڪار پريتما يا پتنيءَ جهڙا آهن!"....

●

"اڪل هڪ سؤ ڪهاڻيون لکڻ بعد، اڄ ڪهاڻي صنف مون ڪي ساهت جو هڪ ناجائز پار لڳي ٿي جيڪا محض باهرين حالتن جي ڪري يورپ ۾ پئدا ٿي هئي. ان جي شروعات ڏنڊي سان شروع ٿي هئي. ان ۾ چوڻ جو دائرو تنگ ـ اٽپورو ۽ هٽ ٽوڪين ترڪيبن ۽ فن جي ڪري محدود آهي. اسان سنڌين اجايو انڪي مٿي چاڙهي پنهنجا ملهائتا سال وڃائي ناول ڪي پٺتي ڇڏيو آهي. جيڪي بہ ٿوريون اعليٰ ڪهاڻيون لکيون ويون آهن ـ جايس جي فقط هڪڙي ڪافڪا جي فقط هڪڙي ميٽا مورفوسز ـ ٽامس مين جون بہ ـ هيمنگوي جون اڏ ڏزن ـ ڪموءَ ۽ سارتر جون اڏ ڏزن ـ ۽ اهي جملي ڪهاڻيون بہ تمام وڏيون آهن!"

ـ لعل پشپ

(ممتاز مهر ڏانهن ۲۵ـ۲ـ۸۲ تي لکيل
هڪ خط مان ٽڪرو)

ٽڪ و سڄ / مراد علي مرزا

رات جو پويون پهر آهي. جلدئي فجر جي بانگ ايندي. ڪڪڙن ته گهٽو اڳ بانگون ڏنيون هيون. سيٽ کي هاڻي مس مس نند آئي آهي. سڄي رات پاسا ورائيندي گذري اٿس. فڪر ۽ ڳڻتي جي ڳالهه ڪانهي. زمانو ته قري ويو. هاڻي ته آرام آهي، سک آهي؛ پر ڪڏهن ڪڏهن خوشي ۾ نند ڦٽائي ڇڏيندي آهي. شايد خوشي ۽ نند ۾ پاڻ ۾ ويري آهن، پر نند ته سوريءَ تي ۾ ايندي آهي، سو سيٽ جي اک لڳي وئي آهي. اڃا پنڪي مس آئي اٿس ته لاؤڊ اسپيڪر مان پريان آواز اچي ٿو. فجر جي بانگ جو آواز. سيٽ ڪلمو پري اڇي ٿو. پهرين الله تعالي جو فرض. گهر جا سڀيئي پاڻي ستا پيا آهن. آگهور نند ۾.

سياري جي ٽڏي رات آهي. بند ۽ گرم ڪمري ۾ سيءُ پيو ٽڳي. سيٽ اٽيچڊ باٿ روم جو در کولي اندر وڃي ٿو. ٽيوب لائيٽ جي روشنيءَ ۾ ڪير جهڙو سفيد ۽ اڇو باٿ روم ۾ وڏيڪ اڇو نظر اچي ٿو. خوبصورت، چمڪندڙ واش ٽب ۽ نفيس ۽ چلڪندڙ واش ٽب. ٻن نلن وارو، ٽڏو ۽ گرم. واش بيسن جي مٿان بيلجئم جو آئينو لڳل آهي. هو ان ۾ پنهنجو منهن ڏسي ٿو. پوڙهو منهن، اڇا وار، ڏاڙهيءَ ۽ مٿي جا. هاءِ.... جواني وئي هلي! اها وري واپس نه ايندي!! خير.... جئڻ ڪارڻ جيڏيون .... هو هڪدم آئيني کان پري ٿي وڃي ٿو. ڪونئرو ڪٽي، گرم پاڻي پري، وضو ڪري، ڪوٽ پائي، ڳچيءَ ۾ مفلر ويڙهي، مٿي تي ٽوپ پائي .... دل ٿي چويس ته وري آئيني ۾ ڏسان، پر هو آئيني ڏانهن نه ٿو ڏسي. پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ لاءِ همت ٿي ڪپي. هو ٽڪڙو ٽڪڙو باهر نڪري ٿو. بيڊ روم جو ڪمرو کولي اڳڻ ۾ اچي ٿو. هر طرف ڏاڍي سات آهي. گهر جا پاڻي ستا پيا آهن. آگهور نند ۾.

سيٺ مين گيٽ تائين پهچي لائيٽ آن ڪري ٿو. دروازو کولي باهر ٿو نڪري. هڪڙو پير اندر اٽس پيو پير اڳيا باهر ٿو رکي ته چرکي وري اندر ڪري ٿو. مين گيٽ وٽ هڪ ديئر پيو آهي. بلب جي تيز روشنيءَ ۾ هو صاف پيو ڏسي بلڪل ڏر سان گڏ ديئر پيو آهي. قاتل ٽنل گندين رلين ۽ سوڙين جو ديئر. ان ۾ هڪ چهرو پيو ڏسجي. هيڏو پر چند جهڙو چهرو. پوئينءَ رات جي هيڏي هيڏي چند جهڙو هيڏو چهرو. اکيون پوريل، وات بند، اگهور نند. بيٺياڻ، بيپرواهه چهرو ستل سونهن؛ پر رات ته هيءُ در بلڪل خالي هو .... هن سوچيو .... دل ۾.... شايد آڏيءَ رات جو اچي هت ستي آهي. چا ڪجي؟ خير. ڏنو ويندو. پهرين نماز .... الله تعالي جو فرض. هوءَ اگهو نند ۾ پئي آهي. سيٺ وڏيون وڏيون پرانگهون پريندو مسجد ۾ اچي ٿو. سيٺين جو محلو آهي. لکپتين ۽ ڪروڙ پتين سيٺين جو سنگمرمر جي فرش، ڪشادي صحن، طويل منارن ۽ شاندار گنبد واري، ٽيوب لائيٽن جي سفيد روشنيءَ ۾ موتيءَ وانگر چمڪندڙ مسجد. پاڙي جا سيٺي سيٺ، غريب غربا، اتي موجود آهن. صفون، بڌجي ويون آهن. نماز شروع ٿيڻ واري آهي. سيٺ به هڪڙي صف ۾ بيهي ٿو. الله اڪبر. محمود ۽ ايياز هڪڙي ئي صف ۾ بيٺا آهن. الله تعالي جي حضور ۾ سجدو هن جي حمد ۽ ثنا؛ پر سيٺ جي ذهن ۾ پوئينءَ رات جي هيڏي چند جهڙي چهري جو خيال آهي. لاحول و الله .... خير نماز پوري ٿئي ٿي. سيٺي اٿن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ وقت سيٺيون هؤ مؤ ڪان پاسو ڪري پاڻ ۾ گالهيون ڪندا آهن. ڪم جون گالهيون. سيٺ کي خيال اچي ٿو ته متان ڪا اڄ به ڪم جي گالهه ٿئي. هو لنوائي ٿو. ڪنڌ جهڪائي مسجد جي وڏي در ڏانهن لوهه ڪري ٿو سيٺي پنهنجن پنهنجن خيالن ۾ آهن.

باهر شهر جاڳيو آهي. ماحول اڪ ڪولي آهي. جهرڪين جي چون چون پئي بڌجي. پري ڪان گهوڙي جي ٽپ ٽپ ۽

چڪڙي جي چر چر جو آواز پيو اچي. سائيڪل تي ڊبل روٽي وڪڻڻ وارو هوڪو ڏئي ٿو: ڊبل روٽي مکڻ، تازا بيدا. سائيڪل جي گهنڊڙي وڄي ٿي دروازا کان ٻاڻ. کير جي ڊبي ۾ ڪڙڪڙ ٿئي ٿي. صبح جو چانهه جو کير نيرن لاءِ ڊبل روٽيون مکڻ ۽ بيدا. گهرن ۾ ڪڙڪا ۽ ڦهڪا ٿين ٿا. هڪ طرف کان ڪنهن سنڌ ڪٽي جي اوناڙ ٻڌجي ٿي. اوناڙ صبح جي ٻين آوازن کي چيريندي، انهن سان ملي، هوريان هوريان غائب ٿي وڃي ٿي. پري، پري اوپر ۾ پرهه باکون پئي ڪيڏي، پر اهو ته هر روز ٿيندو آهي. سيٺ پنهنجي گهر جي مين گيٽ وٽ پهچي ٿو. گندين سوڙين ۽ رلين جو ڊير پيو آهي، ان ۾ پوئين رات جي هيڏي چنڊ جهڙو هيڏو چهرو. ٻوٽيل اکيون، بند وات، اگهور ننڊ. بيپرواهه بينياز.

سيٺ پنهنجي پيڪيدار بيڊ روم جي مخملي ۽ اطلسي بيڊ تي ريشمي سوڙ ۾ ويڙهيو ويٺو آهي. اکيون عينڪ جي شفاف شيشن مان هڪڙي نقطي تي پيون گهورين، خيال جو ليزر آن ٽڪي ٿو. بيم استريٽ لائيٽ ۾ ٽريول ڪري ان نقطي ۾ پينيٽريٽ ڪري ٿي. بيمار آهي بي سهاري آهي. لاچار آهي. فقيرياڻي جو ٽي. خدا جو شان آهي. گودڙين ۾ لعل لڪا پيا آهن! بيڊ روم جو در ڪلي ٿو. سيٽياڻي ٽرالي هلائيندي پئي اچي. چمڪندڙ ٽرالي. چيني جا جرڪندڙ ٽانو. پرت پريل ڪاون واري چلڪندڙ ٽڪوزي. گرم گرم چانهه تازي تازي اخبار. نوڪر چاڪر ته گهٽائي: پر سيٺ جي ڪاڏي پيتي جو ڪم سيٽياڻي پاڻ ڪري ٿي. بيمار جو ٽي. هاءِ بلڊ پريشر اٿس. ڊاڪٽر چيو هئس ته ٿورو ڪاءِ. ڪم ڪار ڪر. هل چل. نه ته مرض موڪي آهي. سو گهر جو رڌ پچاءُ پاڻ ڪري. سيٺ کي نيرن پهچائي ڪڍهن ڪڍهن ٻارن جا ڪپڙا به ٽوئي ٽي، پر سيٽياڻي جڏ ته اوڏ جي پرائي پٽ. ٽلهي متاري، بد زيبي خصاب ڪيل وار. لڙڪندڙ ڳٽا. هلڻ ڪان حيران. لکن ۾ لوليون ڪري ٽي. دولت

آهي ته سيڪي آهي. سڪي سونهن کڻي ڪم جي؟ خيال جو ليزر جهڙو ڪائي آف ٿئي ٿو. سيٺ پاسو ورائي زال ڏانهن ڏسي ٿو. گذري ويل زمانو جيڪڏهن موٽي اچي ته هوند .... هاءِ، هاءِ جوانيءَ ۾ ته لڏ به قلهاربي آهي. اجهو اهو آهي ماڻهوءَ جو حال! پنهنجي وس ۾ هجي ته الائجي ڇا ڇا ڪري پر، واڳ ڏئي تنهنجي وس .... آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي.

— پڌين ٿي؟

— جي!

— پنهنجي گهر جي وڏي در وٽ ڏٺو اٿئي؟

— جي! خير ته آهي؟

— آهي ته خير — ٽرالي بيد جي پرسان بيهي ٿي — هڪڙي مائي پئي آهي.

— مائي!— سينياڻي ڪتليءَ تان ٽڪوزي لاهيندي لاهيندي بيهي رهي ٿي— چا مطلب؟ مون تنهنجي ڳالهه نه سمجهي.

— سمجهه ۾ اچي ويندئي— سيٺ اخبار کڻي اڳيان رکي ٿو ۽ پڙهي ٿو دل ۾.

— ڪهڙي مائي، چاجي مائي؟ تون ته اخبار پڙهڻ ۾ لڳي وئين. عينڪ جي شفاف شيشن مان به اکيون هن کي گهورين ٿيون.

— بيمار آهي. ڪا فقيرياڻي ٽي پائنجي در تي پئي آهي. پر گهور نه لهبس ته مري ويندي.

— مري ويندي ته مري وڃي. اسان کو ٺيڪو ڪنيو آهي چا؟ سينياڻي ٽڪوزي لاهي ڪتليءَ مان گرم گرم چانهه ڪوپ ۾ اوتي ٿي.

— ٺيڪو ته ڪونه ڪنيو آهي؛ پر .... تمام آهستي چوي ٿو— دل ۾— "توکان وڌيڪ موچاري آهي".

سينياڻي چانهه ڏيئي، مٽي تي پوتي ٺيڪ ڪندي، ڏم ڏم

کندي ڪمري مان ٻاهر نڪري وڃي ٿي ، گهر جا ٻيا ٻاٽي اڃا ٽائين ستا پيا آهن اگهور ننڊ ۾ .

ڏينهن ڪر موڙي اٽي ٿو. پوري زور شور، گوڙ گهمسان، هل هنگامي مان. شهر جو ڏينهن. ڪلهاگس هوڪا . موٽرن ، لارين، بسن، رڪشائن جا فرڙاٽ. هارون دانهون هڪلون رڪاڊنگ. چوٻول. هڪ گجگاهه ٻيلو آوازن جو. طرحين طرحين جا آواز . سيٺ جو به آواز آهي. لکين آواز آهن. اهي آواز جڏهن ملن ٽا، تڏهن لڳي ٿو ته هڪ اٿاهه سمنڊ جون لکين لهريون هڪ ٻئي ٻنيان ڊوڙندينون ڪماري تي وڃي ٽيون ساهه پٽين. شهر جي ڏينهن جو آواز به ائين ئي لڳندو آهي . سيٺ شهر ۾ پنهنجي هڪ دڪان جي پٽئين، پاسي ٽهيل ڪمري ۾ ويٺو آهي. اها هن جي آفيس آهي. هن جا اهڙا ڪيترائي دوڪان آهن سڄي شهر ۾ ڪيترين ئي بلڊينگون آهن سڄي شهر ۾. دڪانن جي آمدني، بلڊينگن جي مسواڙ. دولت درياءَ وانگر ٻئي وهي؛ پر دولت+حرص = وڌيڪ ڪاروبار؛ وڌيڪ جايون !

ڪنهن وقت، سيٺ جي گهر اڳيان هڪ لان هوندو هو. ننڍڙو لان. چوڏاري، طرحين طرحين سهڻا گلن جا ٻوٽا ۽ سائيدار وڻ. اڃي پاڙي جا پارڙا راندينون رهندا هئا ۽ پورهيت ويچارا گرميءَ کان بچڻ لاءِ وڻن جي ٿڏي ڇانو ۾ ويهي آرام ڪندا هئا. اهي ڳالهيون سيٺ کي اصل نه وٺنديون هيون. ٻلا وچ شهر ۾ لان جي کڻڙي ضرورت ! ان تي هن گهٽائي ٻيرا سوچيو. نيٺ هڪڙي ڏينهن هن فيصلو ڪيو. لان جي سنهن ۽ نازڪ سلن تي نوڪدار پٿر ۽ ڪنري پٽجي وئي. سائيدار وڻ ۽ گلن جا ٻاٽو غائب ٿي ويا. ٻيڙهون ٻڌجي ويون. ماڻ ميٺ ۾ سيٺ وٽ پگڙيون پهچڻ لڳيون. لکين روپيا. لان جي جاءِ تي دڪانن جي قطار نهي وئي. اڏاوت جو سمورو خرچ پگڙين مان نڪتو. بچت به چگي موچاري ٿي. سيٺ جي دل تي چڙ ته ٿڏو چندو پٽجي ويو. سڀئي دوڪان ڪڃي ويا، سواءِ هڪ دڪان جي. ان

جي پگڙيءَ تي لٽ لڳل آهي. ۽ ڏاڙيون آهن. هڪڙي ڏر ڏاڙائيءَ تي لهي آئي آهي. الاجي ڇا ڪري؟

آفيس جو دروازو کلي ٿو اندر ٽي همراهه اچن ٿا دروازو بند ٿئي ٿو گوڏيون ٻڌل، کلهن ۾ ڇاتين تي پرت پريل پهراڻ پهريل ڳچين ۾ سونهن زنجيرن ۾ سونا تعويز پيا لڙکن. قداور ڪارا، تيز اکيون، خوفناڪ شهپر، جهڙا وهڙا. ڪي ماڻهو هنن ڪي سيٺ جا شڪاري ڪتا چون ٿا ڪي وري سانڍ، سيٺ هنن ڪي ديوَ تي ڪارائيندو آهي ۽ پٺسا ۽ ڏيندو اٿن. هنن ڪي ڏسي لچ لوفر ڪنٽار ڪري ويندو آهي: پر سيٺ پنهنجي فوم واري فولڊنگ ڪرسيءَ تان اٿي هنن وٽ اچي ٿو. چارئي پاڻ ۾ سس پس ڪن ٿا. ٽي همراهه مڇون وٽي مرڪن ٿا ۽ هٿ ٻڌي روانا ٿين ٿا. سيٺ عينڪ اکين تي ٺاهيندو ڪرسيءَ تي اچي ويهي ٿو، رسيور کڻي نمبر ڊائل ڪري چوي ٿو:

ٻڌئي ميان! دوڪان تنهنجو.... جي.... بس چيم نه.... ها، ها. اڄ ڪنهن به وقت رقم پهچائي وڃ.... جي.... چگو.... واليڪم سلام.

رسيور رکي اکين تان عينڪ لاهي، مٿي ۽ منهن تي ٻئي هٿ گهمائي، چپن ٽي چپن ۾ ڪجهه پٽڪي ٿو ۽ عينڪ کڻي پائي ٿو خيال جو ٻيزر آن ٿو ٿئي. صبح جو گهران ايندي مهل مون فقيرياڻيءَ کي.... هون فقيرياڻيون اهڙيون ٽيندين آهن ڇا؟.... غور سان ڏٺو هو. مين گيٽ وٽ ساڳي حالت ۾ پئي هئي. البت، اکيون ڪليل هئس. توبهه.... سڄو اسرار اکين ۾ ئي ٿو هوندو آهي. ڪيڏيون نه نماڻيون ۽ پرڪشش اکيون آهنس. پر هن اصل ڪونه ڳالهايو گهٽوئي پڇيو مانس ته ڪير آهين؟ ڪهڙي تڪليف اٿئي؟ ڪٿي رهندي هئينءَ؟ پوءِ ڪجهه ڪپئي؟ خاموشي! چڙ پٽين سان پئي ڳالهايم!! رڳو پئي گهوريئين!!! ٽيليفون جي گهنڊڙي وڄي ٽي. خيال جو ٻيزر جهٽڪو کائي آف ٿئي ٿو. کاپو هٽ رسيور کڻي کن ٽي ٿو رکي: هلو!.... جي

گھٹان مڙ ٿيندا ميان ؟ ... ٺيڪ آهي.... پلا اڳهه ؟.... تہ پوء ٺيڪ آهي .... چگو چگو مال ڪٽائي پاندي ۾ موڪلي ڇڏ .... والڪمسلام.

سڄو ڏينهن اهي ئي ڳالهيون پئسا، اڳهه پار، اناج شيون شڪليون، دوڪان جايون بلڊينگون، ڏيتي ليتي، ٽيليفون، اچ وچ، ڪاڳرن تي صحيحون. توبهه زندگي ڪين ٿي چاڪيءَ جوگهاٽو ٿيو. پيو هلي صبح کان شام تائين.

شام جو وقت آهي سيٺ سانجهيءَ جي نماز مسجد ۾ پڙهي گهر ڏانهن وڃي ٿو مين گيٽ وٽ ڪجهه ٻ ڪونهي ! خالي گيٽ !! سيٺ چرڪي هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ٿو. بلڪل خالي. هو ٿورو بيهي سوچي ٿو خيال جو ليزر آن نہ ٿو. ٿئي. هو ڪنڌ ڪي ڏونڊڙ ڏئي گيٽ کولي اندر وڃي پنهنجي ڪمري ۾ صوفي تي ويهي ٿو. رات جي ماني کائڻ جو وقت اڃي ٿيو آهي. ڪمري جو دروازو ٿو ڪلي. جهڙي اوڏ جي پراڻي پٽ ! لڙڪيل گٽا، خصاب ڪيل وار، ٽلهي، بد زيبي.

ـ ماني تيار آهي. دير ڪندين تہ ٽڏي ٿي ويندي.

ـ جي ـــ سيٺ عينڪ جي شفاف شيشن مان زال ڪي ڏسي ٿو ـــ پر هوءَ مائي ؟

ـ توکي مائيءَ جي گڻتي چو ٿي آهي ؟ مون هن کي ٽانيڪو ڪرايو آهي. توبهه آخر هوءَ به تہ جيو آهي. سيءَ ۾ باهر پئي پئي مري وڃي تہ اهو گهنگهر اسان جي ڇڇيءَ ۾ پوندو.

ـ سيٺ هن کي وڌيڪ غور سان ڏسي ٿو ـــ نوڪرن کي چيم تہ ڪٽي وڃوس ـــ هڪ طرف هٽ سان اشارو ڪري ٿي- ٻنهنجو هڪڙو دوڪان خالي ٻيو هو. اتي وڃي ڇڏيو اٽنس. آءٌ چوان ٿي تہ سيءَ کان تہ بچي وئي. اتي هاڻي دير نہ ڪر ماني ٽڏي ٿي ويندي. سيٺ نہ ٿو اٿي. سينياڻي واپس وڃي ٿي. دروازو ڪلي بند ٿئي ٿو. سيٺ سوچي ٿو. دوڪان تہ مون ڏيئي ڇڏيو، پگڙي به ملي وئي. هيءَ زال تہ متي جو سور آهي. سچ چيو اٿن اهڙين عورتن جو عقل ڪڙيءَ ۾ هوندو آهي.

سيٺ گهنڊٿي وڃائي ٿو. ڪن ڪانپوءَ نوڪر اندر اچي ٿو: وڃ هنن وهڻن کي چئو ته عشا جي نماز ڪانپوءَ مون سان ملن. نوڪر واپس وڃي ٿو. سيٺ ڪمري ۾ پسار ٻيو ڪري.

رات جو وقت آهي. عشا جي نماز پوري ٿئي ٿي ته ماٺهو مسجد مان نڪري ٽڪڙا ٽڪڙا پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن ٻيا وڃن. سيٺ مسجد جون پوڙيون لهي هيٺ رستي تي اچي ٿو. هڪ طرف کان ٽي ٽلها متارا ڏڪن جهڙا ماٺهو اچي سيٺ جي پٺيان پٺيان هلن ٿا. رستي تي ايڪڙ ٻيڪڙ ماٺهو ڏسجي ٿو. سڃي ڏينهن جي هڙ هٽان ڪانپوءَ شهر جي زندگي ٽڪجي، ٽٽجي ساڻي ٿي ڪري پئي آهي. اڌ جي ٽڏي هوا سوسات ڪيو پئي لڳي. ڪڏهن ڪڏهن ڪا رڪشا تيزيءَ سان لنگهي ٿي وڃي. چارئي پاڻ ۾ سس پس ڪندا ٻيا هلن. هو پنهنجو آواز رڳو پاڻ ٻيا ٻڌي سگهن. گهالهيون ٻيا ڪن ۾ هلندا ٻيا وڃن. ٿوريءَ دير لاءِ بيهن ٿا. اکين ئي اکين ۾ ٿا گهالهائين. ٽي ماٺهو مڃن ڪي وٽين ٿا. سيٺ ٽنهي کي ڏسي چوي ٿو: ٿورو خيال سان —

سيٺ هڪ گهٽيءَ ڏانهن مڙي ٽڪڙو ٽڪڙو وڃي ٿو. ٽي ماٺهو مڃون وٽيندا ٻئي طرف روانا ٿين ٿا.

سيٺ پنهنجي هڪ دوڪان جي ڪمري ۾ پسار ٻيو ڪري. هن جي منهن مان ڳٽتي ۽ فڪر ظاهر آهي. پسار ڪندي هو ڪمري ۾ هڪ طرف پردي جي پٺيان وڃي ٿو. اتان ٻاهر اچي ٿو ته رومال سان وات اگهندو اچي. هو ڪيترائي ڀيرا اڻين ڪري ٿو. نديڙي بلب جي هلڪي روشنيءَ ۾ هن جي ڳلن تي لالاڻ پئي ڏسجي ۽ اکين ۾ ڳاڙهيون ليڪون ظاهر ٿي ٻيون اٽس. هو هر هر هٽ مهٽي ٿو ۽ رومال سان وات اگهي ٿو. ايتري ۾ ڪمري جو دروازو کلي ٿو، ٽي ڇڪا اندر اچن ٿا ته قداور، ڪارا وٽيل شهپر، اکين ئي اکين ۾ اشارا ٿين ٿا. سيٺ هڪ ڀيرو ورڻي پردي جي پٺيان وڃي ٿو. ڪجهه دير ڪانپوءَ هو رومال سان وات اگهندو ٻاهر اچي ٿو ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو ٻئي

ڪمري ۾ وڃي ٿو. ٿئي ڇڻا ڪمري ۾ ٻيل ڪوڇن تي ويهي
تا رهن.

خماريل اکيون. وڇڙيل ٽنگون. هٿن ۾ پيرن ۾ هڪ
اڇاتل ڏڪڻي. سيٺ ڪمري جو در بند ڪري منهن ڦيرائي
ڏسي ٿو سامهون پٽ سان ديوان تي هوءَ ليٽي پئي آهي. گندين
سوڙين ۾ رلين ۾ نہ، پر صاف ستري ديوان تي. مٿس ڇاتيءَ
تائين چادر ٻيل آهي در جي ڪڙڪي تي هوءَ اکيون ڪولي سيٺ
کي ڏسي ٿي، اکين مان خوف ۽ هراس ٻيو بکيس. ڇڙهم ٻيل
ڪارن وارن جون ڇگون وهاڻي تي ڏڙيون پکڙيون ٻيون آهن.
ڇهرو ائين ٻيو لڳي ڇٽ ڇنڊ کي ٻونئر جهڙا ڪارا ڪکر
وکوڙي ويا هجن. سيٺ ڪنڌ کي ڏونڊاڙ ڏئي اڳتي وڌي ٿو
هوءَ چادر کي ٻنهي هٿن سان ٻنهنجن کلهن وٽ سوگهو ڪري
جهلي ٿي. بيوسي مجبوري لاچاري! ڏاڍ زور زبردستي! هوءَ
رڙيون ڪرڻ گهري ٿي. دانهون ڪرڻ گهري ٿي. لڇڻ ڦٽڪڻ
۽ پاڻ بچائڻ گهري ٿي؛ پر هن جو رڳو جسر ڏکي ٿو. ننهن
کان ڇوٽيءَ تائين. سيٺ چادر ڇڪي پري ٿو اڇلائي. اوچتي
حملي کان پاڻ بچائڻ لاءِ هوءَ ٽپ ڏئي ٿو. ايپي ٽيڻ گهري ٿي؛
پر هوءَ سري پٽ کي ٽيڪ ڏئي پاڻ لڪائڻ جي ڪوشش ڪري
ٿي. تيز ڏپ جو هڪ جوهو سيٺ جي نڪ جي ناسن ۾ گهڙي
ٿو وڃي. منهن ۾ گهوماڻي ٿي اڇيس ۽ هو چڪرائجي ٻيهي رهي
ٿو. هو اکيون ڦاڙي ڏسي ٿو ديوان تي هڪ معذور عورت ڪروندڙي
ٿي ويٺي آهي. هن جون ستڙن کان هيٺ ٽنگون آهن ئي ڪونہ.
تہ ٻوءِ ڇا ٿيو! سيٺ سوچي اڳتي وڌي ٿو؛ پر هن کي لڳي
ٿو تہ سڄو جسر ساڻو ۽ نبل ٿي ٻيو اٽس هو چرڻ گهري ٿو پر
چري نہ ٿو سگهي. هو ٻنهنجي پئيءَ جي ڪنڌي ۾ برف جهڙي
ٺڏي لهر کي ڊوڙندو محسوس ڪري ٿو. گرميءَ جي لهر کي
ٺوڪلينڊڙ فيوز اوچتوئي اوچتو اڏامي ٿو وڃي. سيٺ ڳالهہ کي
سمجهندي بہ سمجهڻ نٿو گهري. هن جي اندر ۾ حرص لالچ جي

بدران کاوڙ ۽ کروڌ کر موڙي ٿو اٿي. هو مٿو ڏونڊاڙيندو فرش کي لتون هٽندو دروازي ڏانهن لوهه ڪري ٿو. هاءِ جواني شايد هميشه هميشه لاءِ موڪلائي وئي ! دروازو کولي ٻئي ڪمري ۾ اچي ان‌کي زور سان بند ڪري ٿو. ڪمري ۾ ويٺل ٽي ڇڻا ڇرڪي هن ڏانهن ڏسي ڪوچن تان اٿي بيهن ٿا.

ـ ڪٿي وڃي اڇلايوس. آءٌ وڃان ٿو.

سيٺ هليو وڃي ٿو. ٽئي ڇڻا هڪ ٻئي ڏانهن شڪي نظرن سان ڏسي ڪلن ٿا. هنن جي ٽهڪن ۾ جواني، جوش ۽ گرمي آهي. اڄ ٽهڪ سيٺ جي ڪنن تي مترڪن وانگر لڳن ٿا. انهن جو هيبتناڪ پڙاڏو ٻري پري تائين سيٺ ٻڌندو ٻيو وڃي، جنهن ۾ سڏڪن ۽ هڏڪين جو آواز ملي وڃي ٿو.

۽ پوءِ رات جي سانت ۾، ٽڏيءَ هوا جي ڪلهن تي فروغ فرخزاد جي نظم "ڏرتيءَ جا گيت" جون ڪي مصراعون انهيءَ دوڪان ڪان ڌر ڪن ٿيون سيٺ جي گهر تائين:

پوءِ،

سڄ ٽڏو ٽي ويو،
۽ دنيا مان
برڪت هلي وئي
ميدانن ۾ گاهه سڪي ويو
سمنڊن ۾ مڇيون خشڪ ٿي ويون
۽ زمين پنهنجن مردن کي
ٻاهر اڇلائي ڇڏيو.
رات هيئڊين درين ۾
لاڳيتي وڌندي وئي
پکڙبي وئي
هڪ شڪي خيال جيان
۽ ڏکيون ۽ ڪشاديون سڙڪون

اوندهه ۾ ٻڏي ويون
گم ٿي ويون.
اڪيلائيءَ ۽ تنهنائيءَ جي غضائن ۾
بيڪاريءَ جنم ورتو
خون سان پنگ ۽ آفيم جي
بدبوءِ پئي آئي
پيٽ وارين عورتن
سر لٽل پارڙن کي جنم ڏنو.
۽ هن خاموش ۽ سرده تولي ۾
ڪڏهن ڪڏهن کا چٽنگ
اوچتوئي اوچتو
ڇڄي ڀري پرزا پرزا ٿي وئي ٿي
تڏهن هنن هڪ پئي تي حملا ڪيا
هنن چرين ۽ ڪاتين سان
هڪ پئي جا گلا ڪپيا
پوءِ هو وڃي سمتا
آٿساميل چوڪرين سان
خون جي بستري ۾ ! (١)

---

(١) ڏرتيءَ جا گيت : فروغ فرخزاد (١٩٣٤-٦٦) ايران جي مشهور شاعره. هڪ فوجي ڪرنل جي ڏيءَ هن سورهن ورهين جي عمر ۾ شادي ڪئي. سترهن ورهين جي عمر ۾ هن جي ڪلام جو پهريون مجموعو "قيدي" شائع ٿيو. ان کانپوءِ "ديوار" ۽ "باغي" نالي مجموعا ڇپيا. ٣٢ ورهين جي ڄمار ۾ ڪار جي حادثي ۾ هن وفات ڪئي. مرڻ کانپوءِ هن جي باقي ڪلام جو مجموعو ڇپيو.

مرضيءَ جي خلاف لکيل سوانح

نوبيل انعام يافتہ ليکڪ سال بيلو جي ڪجھ عرصو اڳ ھڪ سوانح (Biography) شايع ٿي، جنھن جي مند ۾ ھيءُ جملو لکيل آھي ـ "سال بيلو کي ھيءُ ڪتاب بلڪل پسند ناھي." اھو سچ ئي ھئڻ گھرجي ڇو جو سوانح لکندڙ (Biographer) مارڪ ھئرس انھيءَ ۾ سال بيلو جي زندگيءَ جو اونداھو پاسو پيش ڪيو آھي ـ تہ ھو ڪاڙو بددماغ آھي، عورت بازي ڪري ٿو، پنھنجي زال کي ڇو ڇڏيائين، ڪيئن ھو بين جي گلا غيبت ڪندو آھي، وغيرھ.

پر ھئرس، بيلو جو پراڻو واقف ۽ دوست آھي ـ يا ھو ـ ۽ ھو ڪوشش ڪندو رھيو تہ بيلو ڪانئس پنھنجي اھا سوانح لکرائي. پر جڏھن سال بيلو انھيءَ لاءِ ڪنھن بہ طرح راضي نہ ٿيو تہ ھئرس ماھم ۽ سنڊس زال جو پيڇو ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ زبردستي سندن اڳيان پويان ڦرڻ لڳو. ۽ نيٺ اھا سوانح لکي ڪنھن طرح عام اشاعت گھر مان نہ، بلڪ ھڪ يونيورسٽي، جارجيا يونيورسٽيءَ مان ڇپايائين ۽ منجھس بيلو کي بلڪل "ناڪام ليکڪ" ظاھر ڪيائين.

تہ ليکڪ جي سوانح سنڊس مرضي ۽ موڪل ڪانسواءِ بہ لکجي سگھي ٿي ۽ يونيورسٽي بہ اھا بنا ھيڪ ڇپي سگھي ٿي. پر انھيءَ سان سال بيلو کي ڪجھ بہ ڪونہ ٿو ٿئي، سوانح لکندڙ کي ئي "زندو" ڇيو وڃي ٿو.

دي ايڊيٽر / علي بابا

جيئن ريل جون پٽڑيون پيرلل ہيون ويندیون آهن يا هر جتيل جڙ ڏاند ، تيئن هو ہئي ويهارو سالن کان جُٽ هلندا تا اچن. ساڳيءَ تور سان، ساڳين مرڪن ، ڏکن ڏنجهن ۽ پيار سان. چوٽين پنجين ڏينهن، ڪڏهن ہئي ٽئي ڏينهن، ڪڏهن روز، ڪڏهن پاڳين تہ ڪڏهن باقاعدي پروگرام سان . جڏهن تمام گهٽا ہئسا هوندا اٽن تہ ٽريل فائيو چڪيندا آهن، نہ تہ امپيسبر کان وٺي ڪي—تو جي چوٽيءَ تائين سڀ ڪجهہ هلائي چڏيندا آهن . جيئن چنڊو چنڊي کي سؤ ڪوهن تي ڳولي لهي ، تيئن هڪ ہئي کي لهي وڃندا آهن ۽ جيئن سدائين گهٽو ڪري پاڳين وڃندا آهن، تيئن اڄ بہ پاڳين وڃي ويا آهن، سنڌو ڪناري ۽ سنڌو لهر لهر ڏهڪاؤ ڦهلائيندڙ، آڇهل سنڌو، سدا جيان گجگاهم ڪريو، وهندو ٿو وڃي. ہئي هڪ ہئي کي آمهان سامها ڏسي ، اندر ۾ سدا جيان کائي پراسرار شڪتي آپاميندي محسوس ڪري مرڪي پوندا آهن، تيئن سدا جيان اونچي ڳاٽ ۾ ملن ٿا. هٿ ملائڻ يا پاڪر پائي پيار جتائڻ کان چوٽڪارو ماڻيل . سدائين جيئن درد پريل پڻ پڻ سان :

”يار، سڀ درياهم اهڙا هوندا آهن يا رڳو سنڌو ئي ايڏو زوردار ۽ تيجان تيج آهي؟“ ہنهين مان جيڪو ايڊيٽر آهي ، اهو اونچي سگريٽ جو ہڪٽ وڌائي ٿو .

”سڀ درياهم زوردار هوندا آهن . سيني جي پاڻيءَ جو رنگ ساڳيو هوندو آهي، مصر جي ماٹهن لاءِ نيل سنڌوءَ کان کان وڌيڪ وڏو ، ہلارو ۽ تيجان تيج درياهم آهي ۽ اسان لاءِ اسان جو.“ ايڪٽر دوست وراڻي ٿو. ايڪٽر جيڪو ڪڏهن پاڻ بہ رائيٽر ۽ ايڊيٽر هو . تمام گهٽن ہئسن ڪمائڻ کان ايڪٽر ٿي ويو هو . ہئسا تہ ڪونہ ڪمائي سگهيو، باقي رهي ڪهي عاقبت بہ وڃائي ويٺو آهي. يار، مان تہ هن مٽگزين مان قاسجي ويو

آهيان. مون کي ته هر گهڙيءَ ائين پاسندو آهي جڙ منهنجو سڄو ٽئلنيٽ انهيءَ ايڊيٽريءَ جي ڪري اُپاتجندو ٿو وڃي. اسين ماڻهو آهيون يا ڊور! ۽ ايڊيٽر دور سنڊو متان وڏاندرا پر هٿندي ويندڙ گهيري ڏيکارڻ لاءِ آگر ٿو ڪٽي. ڪن لاءِ ٻئي سنڊوءَ متان ۽ ڪارن ڪرن جي ڪوهيڙي هيٺان اُڏاڻي ويندڙ گهيري ۾ نهارينداَ رهن ٿا. ايستائين جو گهيرو نندڙو ٽپڪو ٿي، گوناگون پولار ۾ گم ٿي وڃي ٿو.

"هان ــ ڪهڙي گهالهه ٻئي ڪئيسين؟!...." ايڊيٽر ذهن تي زور ڏئي ٿو.

"شايد ڪو روڄ ٻئي رنوسين. پٽڻ ٻئي پٽيوسين." ٻئي وڏا ٽهڪ ڏين ٿا.

"ها يار، مون کي ته سڀائين ائين پاسندو آهي، جيون راڙا ئي راڙا آهي، موت جا راڙا. اسين سڀ جڙ هڪڙوئي ٻڙاڏو ڇڏڻ آيا آهيون، موت جي راڙ جو ٻڙاڏو. باقي اسين پنهنجو پاڇولو ٻه پاڻ سان گڏ ڪٽي ويندا آهيون."

"تون ٺيڪ ٿيو چوين. تنهنجي شاعري هاڻ مون کي هانو تي گولي ڪاڌل ماڻهوءَ جي راڙ لڳندي آهي."

"آگوڻي جو متو، يار تو وٽ ڪا ٻي گهالهه ڪانهي! انهيءَ ڀڙوي شاعريءَ کان سواءِ؟!"

"ٻوءِ انهي ڀڙويءَ کي طلاق ڇو نٿو ڏئي ڇڏين."

ايڪٽر جي گهالهه تي شاعر کن لاءِ وسامي ٿو وڃي، ائين ئي، جيئن سگريٽ جي ڏڪندڙ مهاڙي تي منهن جي ڦهرين ڦڙي ڪري. هو ڪنهن وڏي ٻوڏار ۾ پيهندي جڙ ٽٻيءَ مان ٻاهر نڪري ٿو اچي.

"هائو يار، ڪڏهن ڪڏهن شاعري، زال، گهر، ٻار سڀ بڪواس لڳندا آهن." ايڊيٽر ڏاڍي ٻڙا مان آڪاس ۾ نهارينداَ ٿو رهي. ان پار، جيڏانهن گهيروگم ٿي ويو آهي.

"نيٺ پلا اڄ ايڏي مونجهه ڇو آهي ڇا؟"

"منجهندو منهنجو آگرڙو. خبر ڪانه ٿئي آڻون جيرا ڪٽي هلندڙ ماڻهو آهيان. سون کي پنهنجي وت ۾ ست جي پوري خبر آهي." يار جو ڪروڌ ڏسي ڪيس ٿڏي ڪرڻ لاءِ ايڪٽر ناڙ ڏانهن آگر ٿو ڪٽي.

۾ وچ سير ناؤ ۾ آهي هڪ جواڻ جماڻ وينگس، هڪ پارهن سالن جو پار ۾ هڪ ڏهن سالن جي ٻيبي. اڌ ننگي بوجي ٻيبي سڪان سنياليندي ٽي وڃي ۾ ماڻ ۾ پار رڄ ڇڏيندا ٿا وڃن ۾ ناؤ سنڌو مٽان ڏور ڏور هندوري جبان جهلندي ٽلڪندي ٽي وڃي.

"هون ـ چا ٻڌي ڳالهاسين." ويچارو ايڪٽر سگريٽ جو مزو نه ماڻيندي ڏڪندڙ سگريٽ مان ٻيو سگريٽ ڪڍائي ٿو.

"يار رن واهه جي هئي، نه؟ پاڻ ته غور سان ڏني به ڪانه."

"ون چٽائي ڏسي ورتي هئي. قرآن جيهي سنڌوءَ جي جلپري."

"ها ـ اهي سڙهه سڌا ۾ لاڄو نوان رکڻ واريون سڀ ناريون نوريءَ جيان نور ئي نور هونديون آهن. جام تماچي به چا ماڻهو هوندو!...." ايڊيٽر ٿڏو ساهه ٿو پري ۾ وري واڪي ٿو:

"آئون جي جام تماچي هجان ته سنڌو چا، سڄو سموند فشريز وارن کان کسي فشرمين جي حوالي ڪري ڇڏيان."

"پر ڏک اهو آهي جو اين مهاڻا به نه ٿي سگهياسين. الا ـ چا چولان چول وهندڙ جيون آهي!"

[ٿڏن ۽ ماهن پريل ماڻار]

ٻئي ڪنڊي ڏيو هلندا ٿا وڃن، ڪڏهن ڪڏهن آگر پريل آپ ۾ نهارين ٿا، ڪڏهن لڙهندڙ ٽڙن ۾، ڪڏهن سڙهه ڪنيو، درياهه ۾ چير وڄهي، اوپار ايندڙ ٻيڙين ۾.

"يار تنهنجي روسانس جو چا ٿيو؟ چا ضروري آهي اسين هر وقت ادبي روڄ روڳون؟!"

"يار سڳو آهي ادبي روڄ روڳون."

"چوڙي، اڇا تائين حرامپايون کونہ ڇڏيندين."
"ڪمال آهي يار، حرامپڻي جي ڪهڙي ڳالهہ آهي."
لنوائين ڇو ٿو."
"يار ڪاوڙ جي وئي. نہ رٽيومانس."
"ڇو؟"
"ڇيائين: جي مون کي ڪنهن ايڪٽر سان ئي رومانس ڪرڻو پيو، تہ پوءِ اوٽول مون کي سيني کان گهٽو وٽندو آهي، لارينس آف اربيا ۽ هن جا پڻا ڏاڍا سهٽا ٿي لڳا."
"يار تون بہ ڪٿي ٿورڙو پرايون سرايون ڪارون پٽيانس وڌيڪ ڏوڙائين ها."
"تون ڇا ٿو سمجهين مون ائين نہ ڪيو هوندو! يار ڪار ٿي ئي تہ هوءَ چڙي پئي هئي. ڇيائين تون مون تي ڪار جو رعب وجهڻ آيو آهين، اها تو جهڙي ماڻهوءَ لاءِ شرم جهڙي ڳالهہ آهي!"
"اڇا، ائين ڇيائين؟!"
"ٻيو ڇا، پلا تون ئي چئہ نہ، هڪ اسڪالر عورت جو هڪ اشتهاري فلمن جو پرفارمر آئيڊيل ٿي سگهي ٿو!؟ يار مون تہ هن لاءِ فيچر فلمن جو ملنڊڙ ڪم بہ ڇڏي ڏنو."
"اڙي پڙوا، فلمن مان ڇا، تون تار مڪان مان ئي نڪري ويو آهين!"
"ها ـ تون تہ جڻ ڪڏهن نڪتوئي ڪونہ هئين. سچ ٻڌاءِ، توکي وٽي ٿي يا نہ؟"
"ها يار، آهي تہ گولڊن ليڊي، ود گولڊن گلاسز پر ان کان وڌيڪ مون کي تون پيارو آهين. هوندي اسڪالر ليڊي. ايڊيٽر جو مود آف ٿي وڃي ٿو.
۽ وهنڊڙ پاڻيءَ مان وڌو وڌو ڪڇئون، ڏانگ جيهي ڳچي ڪ ڏي وري ٽپيءَ پر هليو ٿو وڃي. ٻئي ڪن لاءِ ڪچين ۽ پوءِ درياهہ جي گوناگون وهڪ پر نهارندا ٽارهن ۽ جيئن جيئن

سڄ ڊرندو ٿو وڃي، گوناگون پاڻي جڏ پلاٽينم ٿيندو ٿو وڃي، وگهريل اتانگهه چوٽين کان ايندڙ لاوي جيان گڙگاٽ کندڙ پلاٽينم.

"پڌ، تون ڪهاڙيون ڇو نٿو ڪلين؟"

"ان سان ڇا ٿيندو. تون ته ايستا بلشڊ پوئٽ آهين. تو کي ڇا مليو آهي جو مون کي ڪي پراپٽ ٿيندو."

"اڙي سوئر پوءِ آخر ڪندين ڇا؟...."

"منهنجو آگوٽو ڪجهه ڪري. اڇڪلهه ۽ان هيپي ازم تي استيڊي ڪري رهيو آهيان."

"يار تون هيپي ازم تي ٿيسز لکي، پي-ايڇ-ڊي ڪري وڃ نه."

"يار الائي ڇا ٻيو چوين. پهرين ته اهو پڌاءِ ته تنهنجي ميگزين ۾ هيپي ازم تي ڪجهه لکي سگهجي ٿو؟!...."

"پوءِ پلا آخر ڇا ڪندين؟"

"يار سوچيان ٿو، سٺو ڪتو پاليان. نالو رکانس رن جو رن."

"ها - پيٽ نه پاريان ڪتا ڏاريان. هئين ڪر، تون پاڻ کي جادو ٻادو سکي ڪتو ٿي وڃ."

"يار پوءِ به ڊگري ڪاڻ ملندي."

"ڇو؟...."

"جو کي هرڪنهن آڏو پڇ لوڏڻ جي عادت ڪانهين."

"ها يار، ڪڏهن ڪڏهن پاسندو آهي اسين آهي پڇ ڪٽيل، سڌريل وفادار ڊاگز آهيون جن کي پڇ ئي ڪونهي. لوڏينداسين ڇا....؟"

[ماڻار، درياهه جي چولان ڇول گاڄ پريل ماڻار-]

ٻئي هلندي هلندي ٻيهي ٽا وڃن- وري هلن ٽا- وري ٻيهي ٽا وڃن- نوان سگريٽ ڪائڻ لاءِ-

"ڇا موٽون؟...." ايڊيٽر وڏي مشڪل سان ڳالهائي ٿو-

"هتي آيا ٿي موڪ لاءِ آهيون-" ۽ ٻئي واپس پل ڏانهن هلڻ لڳن ٿا-

"پڌ ...." ايڊيٽر جي اندر ۾ ڪا مونجهه آهي-

"پڌاءِ نه ڪٽي-"

"مون اهو ٿي چيو ته دنيا جا جيترا به جينئس ماڻهو ٿي گذيا آهن يا موجود آهن سڀ دکي ؟!.... ٽرو سنچريز !.... مهاتما پڌ ۽ شاهه ته اسان وٽ سمبل آهن-"

"شايد ان لاءِ ته جينئس ماڻهن کي دنيا ۾ سک ڏسڻ ۾ ٿي ڪين ايندا آهن برٿويءَ تي ساري چمار پٽڪڻ کان پوءِ سروم دکم دکم يا ڏاگهي جيڏا ڏک چئي ڏهي پوندا آهن- ڪڏهن وٽن هيئان ته ڪڏهن رڻ ۽ راڻي ۾-"

"ان جو ڪارڻ شايد سک آهن ؛ هر ماڻهو سک ماڻڻ ٿو چاهي جڏهو سک ! سچي پائدار سکن لاءِ ڪوئي ڪونه ٿو سوچي- ان ڪري سک جو اسان وٽ ڪو اميج ٿي ڪينهين-"

"ها- پر هاڻي ته بور پيا ٿيون- يار، سمو ڏاڍو رومانٽڪ آهي- چا پل آڏو اوسن هوٽل ۾ ديدار بازي الله راضي نه ملي ڪريون-"

"اڙي سوئر هاڻ ته ائين به نٿا ڪري سگهون- اڌ ڪان ٻڌي سڃاڻ جاڻ واريون چوريون هونديون- گدڙ ڪي هرڪو سڃاڻي- پل چڪ ۾ ڪنهن ڪي اک نه هڻي ويهون !"

"قرآن خوش ٿيندي-"

"قرآن تي ته ائين ٿو اچين چڙ پڙهين جي جاگير آهي-"

"يار حيف ٿئي، اسان وٽ ايتري جاگير به برداشت نٿو ڪرين-"

"چگو هل ته اڄ ڪارو منهن هلي ٿا ڪريون-"

۽ پوءِ ٻئي هوريان هوريان پل ڏانهن وڌڻ لڳن ٿا- جتي چهل پهل آهي، رنگا رنگ، لڳڻ ۽ سلوٽا جسم آهن- سونهن ۽ اسپيڊ آهي....

هارايل ماڻهوءَ جي ڊائري / شوڪت حسين شورو

[هيءَ ڊائري مون کي هڪ پارڪ ۾ ڀيل ملي. ڊائري تمام پراڻي هئي ۽ ان جا ڪافي پنا قائل هئا. ڊائري جي مالڪ لکيل هو ته ”مون توکي هارائي سڀ ڪجهه هارائي ڇڏيو.“ پر ان ۾ ڪوبه سلسلو ڪونه هو. ڪيتريون گهاليون اڌورا لکيل هيون جن جو ڪو سر پير نه هو. گهٽ ۾ گهٽ اهي مون کي سمجهه ۾ ڪونه آيون، ان ڪري اهي مون هتي ڪونه لکيون آهن. ڊائريءَ ۾ ڪا تاريخ، ڪو سال ڄاڻايل ناهي.]

* * *

سڀ ائين شروع ٿيندو آهي ۽ ائين ختم ٿي ويندو آهي. مون جهي مري ڪونه ڏٺو آهي. (اها گاله آهي ته آڻون هر گذرندڙ گهڙيءَ سان گڏ مرندو پيو وڃان)؛ پر شروعات کي ختم ٿيندو ڏٺو اٿم. ۽ هميشه ائين ٿيندو رهيو آهي. جيڪڏهن ڪو فطري فارمولو آهي ته اهو آهي. بيا سمورا فارمولا هٿرادو آهن. ماڻهو جنهن کي پنهنجي زندگي سمجهي پيار ڪري ۽ اها زندگي هڪ ڏينهن هن سان اجنبين وانگر ملي! ان کان وڌيڪ ڪو عذاب ٿي نٿو سگهي. جاڻ کان هوءَ اجنبي بنجي وئي تڏهن کان آڻون پاڻ پنهنجي لاءِ اجنبي بنجي ويو آهيان. مون ۾ اهو ڪجهه رهيوئي ڪونهي جو ڪنهن کي پيار ڏئي سگهان. مون کي ڪجهه وقت اڳ خبر پئي ته تون ڏاڍو رني آهين. (مون لاءِ!). رني هوءَ به هئي، پر هن روئي مون کي به روڻاڙيو هو. تو روئي مون کي دکي ڪيو آهي (تولاءِ). آڻون جيڪر توکي ٻڌائي سگهان ــ آڻون هڪ هارايل ماڻهو آهيان. پر هرڪا گاله ٻڌائي نٿي سگهجي. منهنجي من تي عجيب احساس چانيل آهن هينئر. احساس ڏڪ جا، پڇتاءَ جا ۽ رکي رکي برف وانگر جمي ويندڙ. آڻون توسان ملڻ نٿو چاهيان. مون ڏٺو آهي ته اهائي گاله آهي جيڪا مون کي توسان ملڻ کان روڪي ٿي. ۽

عجيب گاله آهي ويو وانگر رکي رکي ٻين احساسن تي چانٽجيو وڃي سو هي ته تو مون سان پيار ڪري مون کي پاڻ ڏي پنهنجي نظرن ۾ ڪيرائي وڌو آهي. آڏون موت ۾ تو کي پيار نٿو ڪري سگهان آڏون تولاءِ ڪجهه به نٿو ڪري سگهان ـ ۽ ان ڪري آڏون پاڻ کي ذليل پيو سمجهان. اڄ آڏون ڏاڍو ٽڪل هوس. ننڊ اکين ۾ ۽ دماغ ۾ زوريءَ گهڙيو پئي آئي. پر تنهنجي گاله هڏي اها به موٽي وئي. تون الائي ڇا سمجهندي هوندينءَ مون کي. پيو جيڪي وٽئي سو سمجهه، پر اهو نه سمجهجانءِ ته ڪو آڏون پيار ڪرڻ جي قابل به آهيان. تنهنجي من جو بار گهوڙهن ڏوئي مٽائي ڇڏيو هوندو ۽ هاڻي تون منهنجي لاءِ ڏکار محسوس ڪندي هجين ته ڏاڍو سٺو. شايد ائين ٿيو هجي. اهو سوچي آڏون پاڻ کي آجو محسوس پيو ڪريان. پر شايد اها به منهنجي ذليل هجڻ جي وڏي ثابتي آهي.

* * *

کي ماڻهو بذات خود ٽريجڊي هوندا آهن.

* * *

انسان جي عظمت ان ۾ آهي ته هو آخر دم تائين لڙندو رهي ۽ شڪست ڪڏهن به نه قبولي. پر ڪا شڪست اهڙي هوندي آهي جيڪا پهريون ڀيرو ماڻهوءَ کي ڇڏيندي آهي. جيڪو ماڻهو من ئي من ۾ هارائي چڪو هجي اهو ڪنهن به ويڙهاند ۾ ڪامياب نه ٿيندو.

* * *

آڏوهيءَ جئن ڏکڙا، چڙهيا چوٽيءَ سيئن ـ (شاهه)

* * *

تون هينئر ڪٿي هوندينءَ؟ ڇا ڪندي هوندينءَ! خوش هوندينءَ يا اداس هوندينءَ! تو کي ڪڏهن به اوچتو اهو خيال آيو هوندو ته هن گهڙيءَ، هن پل تو کي ڪو شدت سان ياد ڪندو هوندو. پر منهنجي دعا آهي ته تو کي اهو خيال ڪڏهن به نه

آيو هجي. تون خوش هجين ۽ تهڪ ڏيندي رهين.... منهنجي تصور ۾ ڏکي ٿه ڪ ڏيندو ڏسي مون کي سڪون ملندو آهي.

* * *

جڏهن به آڻون توکي ياد ايندس تون سوچيندين ۽ ته اهو پاڳل اڇا به رڳو خواب ڏسندو هوندو ۽ جڏهن به تون مون کي ياد ايندين ۽ ته محرومين ۽ ناڪامين جو بار هان ۽ تي وڌيڪ گهرو ٿي پوندو.

تون مون کي وساري ڇڏج. صنا وساري ڇڏج. ڪڏهن پلجي به مون کي ياد نه ڪج. تون مون کي ياد ڪندين ۽ ته اداس ٿي ويندين ۽ تنهنجو چهرو ته آئينو آهي جنهن ۾ تنهنجا احساس ۽ ڪيفيتون صاف صاف پيا بکندا آهن. ماٺهو توکان پڇندا ته تون اداس ڇو آهين ۽ ان اداسي ۽ جو ڪارڻ آڻون هوندس!

* * *

مون رات خواب ۾ توکي ڏٺو. نند ۾ به ڀپ جو احساس هو ته تون مون کي وري به ڇڏي هلي ويندين ۽. ۽ مون توکي ڇيو ڪڙو منٽ ترس. آڻون توکي ڇگي طرح جاچي ڏسڻ ٿو چاهيان. تنهنجي مک کي پنهنجي من ۾ اتاري ڇڏڻ ٿو چاهيان. تون ڪٿي به هجين، پر سدائين منهنجي من ۾ هوندين ۽.

* * *

جيڪڏهن آڻون تنهنجي جهول خوشين سان ڀري سگهان، ته مون کي ان گهاله جو ڪو حق ناهي ته توکي رڳو پريشانيون ڏيندو رهان.

* * *

واري ۽ جيئن وڃري هينئون، ڪٽڪي لئي ڪيڏان- (شاه)

* * *

اميد هڪ لعنتاڙو بنجي وڃي آهي منهنجي لاء.

* * *

گڏ هلندي اوچتو تون مون کان هٿ ڇڏائي الائي ڪيترو

اڃڻي وڏي وئي آهين. پر آئون اڄ به اتي ئي بيٺو آهيان جتان پاڻ وڇڙيا هئاسين.

* * *

ڪي ماڻهو ايڏا بدنصيب ڇو هوندا آهن! ڇا انهن جي نصيب ۾ رڳو ٻڪ هوندو آهي ـ انهن جي ڪابه منزل نه هوندي آهي! ماڻهو جيڪي ڪجهه سوچيندو آهي ٿيندو ان جي ابتڙ آهي. مون جنهن کي سچي عمر چاهيو، اهو مون کي ملیو به ته ڪهڙي روپ ۾! اهائي اڻڪٽ ڏوڙ.... اهوئي ٻڪ....

* * *

آئون جيڪا به آرسي ڏسندو آهيان ان ۾ مون کي تنهنجو چهرو نظر ايندو آهي. پر تون آهين ڪٿي؟

* * *

ذهن آهي يا ڪا پيلاڙ ٽيل ٻني! جنهن ۾ هرڪو خيال بيپرواهي جي، بنا روڪ ٽوڪ جي هليو اچي.

* * *

پير پٿرائجي ويا آهن. وک وک تي ذهن جون نسون تائجي ڇڪجي ٿيون وڃن. رڳو پير پٿر ڪونه ٿيا آهن، سڄو وجود پٿر بنجي ويو آهي. روح ان پٿر جي گهاٽي ۾ ٻڙجي رهيو آهي.

* * *

منهنجو اندر به ايترو اونڌاهو آهي جيترو منهنجو ڪمرو.

* * *

اڄ گهر وڃي ڪپڑا لاهي ڪٽ تي اڇلايم ۽ پاڻ کي ديوار تي لڳل ڪليءَ ۾ ٽنگي ڇڏيم.

* * *

هي ڪيڏو ڊگهو غار آهي. اونڌهه ۾ هٿوراڙيون ڏيندو رڙهندو ٻيو وجان. منهنجو ساهه ٿو منجهي.... ڏاڍو ٽڪل آهيان. جسم ٽٽي پيو. سنڊ سنڊ ڏار ٽي پيو آهي.

مڪتي / نورالهدي شاهه

وشال سموند جي ڪناري جڏ جڳن ڪنان ٻيٽو آهيان.
منهنجن پيرن هيٺان جڏ صدين تي ڦهليل اتهاس آهي ـ مان سوچيان ٿيو، چا ماڻهوءَ جو سموري سفر دائري جو سفر آهي ؟ ماڻهوءَ جا سمورا سپنا ـ احساس ـ آدرش هڪ ڊگهو چڪر ڪاٽي، فنا جي آخري نقطي تي اچي ٻيهي رهن ٿا!ـ چا اهو ڪائنات جو آخري نقطو آهي ؟ چا فنا جي ان آخري نقطي کان اڳتي به ڪجهه ٿي سگهي ٿو!! ؟ پوءِ دائري جي ان سفر جو ڪهڙو حاصل آهي ٻلا!!ـ مان محسوس ڪندو آهيان ته مون کان اڳ به انسانن جو هجوم هو جيڪو اهو سڀڪجهه سوچيندي نيٺ به مري ڪپي ويو هوندو. مان مرڻ به نٿو چاهيان. ستي سپني ۾ ڪائنات جي گولي کي پاڪر ۾ پرڻ لاءِ ڊوڙ پائيندو آهيان پر گولو تيزيءَ سان اڇلبل بال وانگر مون کان ڪان به تڪو ڏوزندو، اوندهين پولار ۾ الوپ ٿي ويندو آهي ـ ته چا انسان هيل تائين ڪائنات تي سوپ به ماڻي نه سگهيو آهي!!ـ تڏهن چند جي سفر کان وٺي نيوٽران بم جي تخليق تائين سڀ ڪجهه فراڊ آهي چا!!ـ ؟ چا اخبارن ۾ چيڄنڊ، ريڊيو ؟ ٽي وي ٽي رڙندڙ بڪ، بدحالي، انساني تباهي ؟ ڀيانڪ جنگين جون سمورڊيون خبرون به فراڊ ٿي سگهن ٿيون !!ـ مان به سلي نه سگهيو آهيان ته ماڻهوءَ جي سوچ چا ۾ آهي!!ـ جنگ ۾ـ امن ۾ـ مذهب ۾ يا سڀڪجهه تياڳي بن واس وٺڻ ۾، مون کي اهو به گمان ٿيندو آهي ته ان سموري ماندائ جي پويان موت جو اوسيڙو آهي. نه ته بظاهر ماڻهو جيئڻ جا هزارين ڪارڻ گهڙي وٺندو آهي ـــ چا ان آخري نقطي تي اچي سموري ڪائنات تباهه ٿي ويندي !!ـ

ـــــ جڏهن مان اهڙيون گالهيون سوچيندو آهيان، تڏهن منهنجن پيرن هيٺان صدين تي ڦهليل اتهاس جڏ ڪسڪڻ لڳندو

آهي. مون ۾ڏو آهي ته جڏهن ماڻهوءَ جي آتما ۽ وجود جي وچ ۾ آزاديءَ جي جنگ شروع ٿيندي آهي تڏهن ماڻهوءَ جي اندر احساسن جي تباهه ڪاريءَ جا اهڙائي آثار جنم وٺندا آهن. ان سموري احساسا تي تباهه ڪاريءَ جي نتيجي ۾ آتما ۽ وجود مان ڪا هڪ شيءَ آزادي ماڻي وٺندي آهي. نتيجي ۾ ماڻهو نارمل نه رهندو آهي- تڏهن چا مان پنهنجا حواس وڃائي رهيو آهيان!!؟ هڻ منهنجو ان ۾ ويساهه آهي ته ماڻهوءَ جي آتما ۽ وجود هڪ ٻئي کان ڌار رهي بلڪل بيڪار آهن- پر مون کي پنهنجي اندر جي ان سموريَ ڪيفيت تي ڪوبه اختيار ڪونهي- بي اختياريءَ جي اها ڪيفيت مون کي زوريءَ سمونڊ ڏانهن وٺي ايندي آهي-

ـــ نيٽن تي ڏريل ٻئي هٿ هٽائي، ڪي ڪن ڏانهن ٻڌي پولار ۾ گهوريندو ٿو رهي ـــ ۽ اوچتو سمونڊ جي نيري-ڪاري پاڻيءَ منجهه باهه ٻڙڪو ڏئي ڀري ٿي پوي ۽ آلا آڪاس کي ڇهڻ ٿا لڳن. سندس ٻڪ تي واسو ڪري ويل ٻيڙا- وت- ڏانهن ۽ ڪاوڙ جا ٻاوَ- ۽ ڪائنات سموريءَ کي اوچتو ڏسندي ٿي ڏسندي، سندس ڀُ نيٽ نهار آڏو، باهه جي سمونڊ ۾ ڦٽي ڪيو ٿو وڃي ۽ ڪائنس هانءَ ڏارينڊ رڙ نڪري ٿي وڃي- نـــ نـــ نَ ـــ نَ ـــ نا ـــ ا ـــ ا ـــ ا ـــ هو سيڪجهه ڏسي ٻيو سگهي (جيڪو سمونڊ ڪناري هلندڙ سندر، آسندر ڇهرن وارا ماڻهو نه ٻيا ڏسي سگهن ۽ ڏسڻ- نه ڏسڻ جي وچ ۾ سمجهه جي ڏاڍي سنهڙي ليڪ هوندي آهي). هو ڏسي ٿو، جيڪو ڪجهه باهه جي سمونڊ ۾ سڙي پسم ٿي رهيو آهي سو سيڪجهه سندر آهي ۽ آسندر ته بس آها باهه آهي جيڪا سيڪجهه سڙي رک ڪندي ٿي وڃي ڪيس. باهه جي رقص ڪندڙ ڀُ ۾ عجيب وحشي پڙو محسوس ٿئي ٿو ـــ (سڏڪو/ آلا سيڪجهه سڙي رک ٿي ويو، ڪنهن کي بهه نه ٻئي- لوڪ- انڌو لوڪ ستوڻي رهيو)ـــ

اکيون ٻوٽي ، هٿ تريون ڪنڻ تي ڏري رڙيون ڪندو ڏي رهي- نه ـــ نه ـــ پڇو ـــ باهم ـــ با ـــ هم ـــ هم هم ـــــ

سموند جي ڪناري هلندڙ ماڻهو سندس چؤڏاري بيهي اچرج مان ڪيس ڏسندا رهن ٿا-

"ڪٿي آهي باهم؟؟" هجوم مان ايندڙ ڪجهه آواز

هو پيڙا ۽ خوف وچان سموند ڏي نهاري ٿو، جت باهم وٽندي پئي وڃي ۽ سموري سندرتا سڙي رک ٿي رهي آهي-

"ڪٿي آهي باهم" ماڻهو ڪيس ڪلهن کان پکڙي ڏونڊاڙين ٿا-

"چريو آهي ويچارو- چڏي ڏيوس"

۽ ڪيس ياد اچي وڃي ٿو ته ماڻهو انڊا آهن- ماڻهن جا سيئي حواس مري چڪا آهن- ماڻهو باهم ۾ هلندي به- سڙندي به- مرندي به، خوش آهن- پنهنجا سپنا- احساس- آدرش هڪ هڪ ڪري باهم جي مچ ۾ ساڙي رهيا آهن- بنا ڪا ورندي ڏيڻ جي ـــــ

هو ڪنهن تي هٿ تريون ڏري باهم ـــ پڇو ـــ هم ـــ جو شور مچائيندو ، سمند ڪان دور ڀوڳندو ماڻهن جي نيٺ هار ڪان الوپ ٿي وڃي ٿو ۽ ماڻهو ڪلندا- ٿڪ ڏيندا ڏڙي پکڙي وڃن ٿا ـــــ

جڳ جڳاندر تائين سائين
سنڌي ٻولي امر رهي

ماهر بہ سوانح نٹي پسند ڪئي

سمرسيٽ ماهر تہ ڪنهن بہ قيمت تي پنهنجي سوانح لکائڻ لاءِ تيار نہ هو. نہ پنهنجي حياتيءَ ۾ نہ مرڻ کان پوءِ ئي. انهيءَ ڪري هن پنهنجا سمورا خط پٽ گڏ ڪري، تيلي ڏيکاري ڇڏي. پنهنجن دوستن کي خط لکي موڪلياٿين تہ خط ناس ڪري ڇڏيو، ۽ سوانح لکندڙ خواهشمندن کي ڇاڻي واڻي غلط سلط احوال ڏيندو رهيو. سوانح لکندڙن کان هو نفرت ڪندو هو ۽ سندن بيعزتي بہ ڪري ڇڏيندو هو.

پر انهن سين جو نتيجو بہ ڪو خاص چڱو نہ نڪتو جو جو ماهر جي حياتيءَ ۾ ٿي ويو ـ ٽي سوانح شايع ٿيون ۽ موت کانپوءِ تہ انهن جي قطار لڳي ويئي. منجهن هڪ ٻئي کان عجيب اڻڄاڻيون ڳالهيون لکيون ويون جو ماهر جي ادب جي سار سنڀال لهندڙ اسپينسر ڪرٽس برائون کي ماهر جي مرضيءَ جي خلاف هڪ مستند سوانح لکڻي پيئي، جئن جيئن غلط سلط ڳالهيون مشهور ڪيون ويون هيون، انهن جي تردید ڪري صحيح ڳالهيون اڳيان آڻي سگهجن. ٽيڊ مارگن ـ لکيٽ اها سوانح ماهر جون برايون، مثال طور هن جي هم جنس پرستي کي هوبهو پيش ڪندي بہ سندس زندگيءَ جي ٻئي پاسي کي نظرانداز نٹي ڪري. اها جوناٿن ڪيپ ڇپي آهي.

”تو هوا کي ڪڏهن روئندي ڏٺو آهي !.... ائين پاسندو آهي جڙ کا جواڙ جماڻ وڏوا اوساريندي هجي ؛ کا ماڻ پنهنجي اڀهم ڀار لاءِ روئندي هجي .“

”.... ۽ ان ۾ روئڻ جي کهڙي ڳالهه آهي ؟“ هو رڙ ڪندي چئي ٿو .

”ڪٿي ٻئي رڻان ؟“ ائين چئي هوءَ روئي ٿي ٻئي . لڙڪ ڳلن تان لارون ڪري لڙڻ تا لڳن ـ گونگا لڙڪ .

”سون کي نفرت آهي روئڻ کان !“ زهر ڏڌل لهجو . سندس لفظ لفظ، اکر اکر، هيري ڪٽيءَ جيان اندر کي ڪٽيندو هليو ٿو وڃي ..

هوءَ پنهنجين رڙين کي چپن ۾ ڇڪ وجهي روڪي ٿي ڇڏي ـ ۽ چولي جي ڪنڌ سان اکيون ۽ ڏاڙهو ٿي لڳي . آخري لڙڪ ـ ڦڙي جي آلاڻ تائين آڳهندي ٿي رهي . نارمل نظر اچڻ جي ڪوشش ٿي ڪري . کي ڪن پوءِ ڏانهس نهاري ٿي . پولار ۾ گهوريندڙ نهار بنا نيٺ . هوءَ ڏانهس سري ٿي اچي . سندس چاتيءَ جي وارن ۾ هٿ ڦيرائي ٿي چڏي ـ ”پٽي چڏيان پاڻن کان .“ گهنڊ گهرو ٿي ٿو وڃيس . هوءَ پنهنجي ڏسٽي آگر سان گهنڊ ڪي ڇهي ٿي .

”تنهنجي نراڙ جون اهي ٻه ليڪون ڳالهائين پيون . آهو ڪجهه جو تنهنجي اندر ۾ آهي . ڪڏهن گهريون ؛ ڪڏهن سپاٽ ٽيندڙ گهنڊ جون اهي ٻه ليڪون !“

هو ڪنڌ ڦيرائي اکيون ريٽ ۾ ڪپائي ٿو چڏي . ۽ لڳي ٿو جڙ هو ٻه ڪائي ريٽ هجي ـ جنهن ۾ ٻه پٿر اکيون اوساري ڪيون ويون هجن . هوءَ ڪيس گرهاتي پائي ـ چمڙ لاءِ جهڪي ٿي : ٽڏا / ڏريل ؛ گوشت جا ٻه ٽڪر ! ۽ هوءَ پاڻ کي ڏرندو برف ٽيندو محسوس ٿي ڪري :

”.... اهڙن لمحن ۾ تنهنجا هٿ به ائين ئي هوندا آهن.... ۽ تنهنجون اکيون به .... تنهنجي اندر جو اولڙو !“

هوءَ آٿي ٽي، پٽ ۽ سندس اکين جي وچ واري وٿيءَ کي وچ ۾ اچي ويري ٽي چڏي:

”تون ڀلا ائين ئي رهندين ؟“

”تون به ائين ئي رهندين !“ سندس لهجو زهر جيان اندر ڪتيندو ويو؛ ۽ هوءَ ان جو ترياق ڳولهيندي رهجي وئي. ڏکي ماڻ ڪانپوءِ چيائين به ته صرف ايترو:

”ساري ! بس هاڻي نه روئنديس !“

”نه نه تون روئجان. جنهن جي نصيب ۾ ئي روئڻ لکيل هوندو— سو روئندو !“

تيز ڪيڏي نه هوا من بن ۾
رهو ٽڙڪات هڻا سپ تن ۾

لڳيس ٽو هوءَ پاڙوٽن پٽجي اچي پٽ پوندي. ان پل پٽ، وڏو سهارو ٽي پاسيس — ۽ هوءَ پٽ کي ٽيڪ ڏيئي، ان پٽ، جوئي کو حصو ٽي لڳي. تيز هوا دريون ڪڙڪائيندي ٽي رهي. ۽ هوءَ ان طوفان ۾ گهاڻي وڃ جيان ستبي ٽي رهي (ڪن— پل— صديون — جنم). طوفان ٿميو. چوڌاري چپ؛ سانت ۽ سناٽو چانئجي ويو. تڏهن ئي سندس ٻاهر ويندڙ قدمن جا آواز ان سناٽي کي ٽوڙيندا ويا؛ ۽ هن لوهه ٻاتي؛ روکي وٺانس!

”ٻڌ !“

”ٻڌائي.“ هو تاڪجي بمهي ٽو رهي.

”ساري !“

”بس !“ ۽ هو تيزيءَ سان ڪڙو کولڻ ٽو لڳي.

”وڏي سڌ گهالهاءِ.... بس ڏک ٽيندو اٿم .... ڪوشش ڪنديس، ڪيڏو به تيز تکو، ڪتيندڙ لهجو دکي نه ڪريم. پراڻ بس بس — آئنده نه روئنديس.“ ٻئي ٻانهون سندس چيلهه ۾ ڦياڻي ڪيس سوگهو ٽي ڪري وٺي— ۽ هو ٻنهنجا ٻئي هٿ سندس

پانهن ۾ ڦهائي، زور سان پانهن جو گهيرو ٽوڙي، جهٽڪي سان پاڻ ڇڏائي، ڪيس ڏڪي در کولي ٻاهر نڪري ٿو وڃي. هوءَ پند پڻ ٿي رهي. ڪجھ دير ساڳي پوزيشن ۾ بيٺي رهندي آهي (ڏڙام ڏڙام در بند ٿيندو ٿو رهي) لڳيس ٿو جنهن اسپيڊ ۾ در بند ٿيو آهي؛ ان ساڳي اسپيڊ سان در کلندو ۽ هو وري به گهر جي اندر هوندو. ڪيس ضرور پنهنجي زيادتيءَ جو احساس ٿيو هوندو! جڏهن ڪجھ دير تائين در ائين ئي چپ ۽ بند رهندو آهي ته هوءَ مايوسيءَ ۽ دک وچان درکي بند ڪري، ڪمري ۾ اچي ٽي ۽ سيف دريون ۽ در بند ڪري ٽي ڇڏي.

"تون پنهنجي اندر ۾ بند ٿيل آهين!"

"نه مان تنهنجي اندر بند ٿيل آهيان!"

"تنهنجو سياهُ سمنڊ جيان آهي. ڪڏهن لهي- ڪڏهن چڙهي!"

"منهنجي ان سياهُ جو ڪارڻ تون آهين؛ او منهنجا چنڊ! ۽ مان چاهيان ٿو منهنجي محبوبا! اڪيون اُپٽيان ته توکي ئي پسان- ۽ جي پوريان ته به منجهن بند هجين تون. دم دور نه ٿين. ۽ مان توسان ڳالهائي سگهان؛ توکي ڏسي سگهان، ڇهي سگهان؛ پر جڏهن مون وٽ هوندي، مون کان دور ٽي ويندي آهين- هي بڻجي ويندي آهين- تڏهن مان واپس موت جي ان موڙ ڏانهن موٽ ڪائيندو آهيان، جتان زندگي منهنجي هٿ ۾ هٿ ڏيئي؛ وک وک سان ملائي ڇڏي هئي. تنهنجي ملڻ کان به اڳي مون توکي گهوليو هو. ڪيڏو تنهنجو انتظار ڪيو هو. ان اوسيئڑي؛ ان پيڙا جو تون اندازو به نٿي ڪري سگهين. اڳي سڀ ڪجھ اجايو لڳندو هئم. تون ملين ته سڀ ڪجھ سجايو ٿي ويو. بي معنا وجود کي معنا ملي وئي...."

ته ڇا انهن موتمار لمحن جي به ڪائي معنا آهي. وڃائجي ويل وقت جي ڪائي قيمت آهي!

وقت ڪيڏو نه هوريان هوريان رهندڙ- سيڪنڊ جي

کائنات جو مسلسل آواز عذاب ڏينڊڙ. بند ڪمرو. اڪيلو تنها وجود. هيڪلايائون ڪيڏا نہ پوائتا روپ ڌاري مون تي جلهون ڪري رهيون آهن. لڳيم ٿو دل جي دڪ دڪ ڪنهن سمي (ڪارڊ / اڪارڊ) بند ٿي ويندي. ۽ هوءَ پنهنجو منهن وهاڻي ۾ هٽي ٿي ڇڏي- جيئن سندس رڙيون هن ڪمري کان ٻاهر نہ نڪري سگهن.

مان جڏهن ٽو تائين پهتي هئس تڏهن الاهي ديڙ ٿي چڪي هئي. سالن، صدين ڪنان دکن ۽ پيڙا ن ۾ ٻيڙجندڙ تنهنجو وجود: اڪيلاين ۽ اداسين جو زهو پيئندي اندران ٿي اندران زنگجندو پئي ويو: ڪاچندو پئي ويو .... Unnatural decay ته انهن وڏي رهيو هئين تون. تڏهن ٿي سون پنهنجو هٿ تنهنجي ڪليل هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيو هو.

"ٽو پنهنجي اندر جا سمورا در، دريون ۽ طاق ڏيئي ڇڏيا آهن. منهنجي ڪا رڙ انهن بند طاقن کي چيري تو تائين پهچي نہ سگهندي!؟ ۽ جي پهتي نہ ته سالن ڪان بند ٽيل: زنگ لڳل اهي طاق ڪلي نہ سگهندا؟"

۽ جڏهن هو هن تي ڪلندو هليو ويو هو: "مان نراس هئس، تو مونکي آس ڏني. مان ٽٽل هئس، تو مونکي جوڙيو آهي. مان وکريل هئس، تو مونکي ميڙيو آهي. مان مري رهيو هئس، تو مونکي جيئاريو آهي!"

"۽ تون جيئاري ماريندو آهين- ماري جيئاريندو آهين. تون Sadist آهين. پيڙا، عذاب، دک ۽ ٽارچر ۽ ٽوکي مزو ملندو آهي!"

"مونکي مزو ته تنهنجي پيار ۾ ملندو آهي!" هو کيس پيار ڪرڻ ٿو لڳي. ڏيمي ڏيمي، مدم مدم سرن جهڙيون ڪسڻ. مدم مدر ڏن تي هوءَ سندس ٻانهن جي گهيري ۾ نچي پئي. گول دائرن جو ناچ:

"تنهنجي سرهي سڱ ۾ سيڪجهه سپني جهڙو سندر آهي:

واتون ڪلن چانيون آهن ؛ سڪ ستارن سمان آهن ۽ دک ....
دک ۽ دود ڪلن جيان ٿا پاسن !"

زندگيءَ جو ايڏو پرپور احساس ٻون ڪڏهن ۽ نه پانيو هو. چاتو هئم ته هاڻ هتي ويرانيءَ جي اڇ جي هر رستيءَ کي منهنجي جيئري جاگندي وجود بند ڪري ڇڏيو آهي. ڪيڏي پاڇوهم منجهان تنهنجي تن من تان ڪوريڙي جي جارن کي صاف ڪيو هئم— منهنجو پيار اهو ريگمال آهي ، جنهن سان ويساهم هئم ته اهو زنگ هر هميش لاءِ لهي ويندو. ۽ تڏهن ٿي آرسين کي نئون سنئون آجاريو هئم . گهر جي هر ڪنڊ ۾ گلدانن ۾ گل سجايا هئم ....

عورتن جون چوٽيون

چوٽين (Quotations) جاگهڙيئي ڪتاب ڇپيا رهندا آهن پر عورتن جون لکيل يا ڇپيل گالهيون جو ڪتاب اڃا نظر نه آيو. پهريون ڪتاب ۱۹۸۰ع ۾ جي پڇاڙيءَ ۾ 'وائليٽس اينڊ رونيگر' نالي شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب ۾ سينڪڙن جي مشهور عورتن جون چوٽيون آهن، جن مان ثابت ٿئي ٿو ته اهي مردن کان گهٽ چينڊر يا تفريحي گالهه نٿيون چون. مثال طور:

"انگريز عورت جا جوتا اهڙن ماڻهن ناهيا آهن جن جوتن جو نالو ته هڪو آهي پر اهي ڏٺا ڪڏهن به ناهن."
(چو جو انهن سان پير ڏکجن نٿا)- مارگريٽ هالسي.

"مون ڪنهن مرد کان ايتري نفرت ڪڏهن نه ڪئي آهي جو سندس ڏنل هيرا واپس ڪري ڇڏيان."
- زا- زا- گيبر.

چوڪري ۽ چوڪرو / سانول

"ڏوهن ڏيهاڙي گهٽيون سگريٽان چڪيندا او !"
"الاءِ ڪڏهن گهٽيون نه ٿم. چو؟"
"بس ـ ائين !"
"ائين ! هروپرو تم ڪجهه به نه هوندو آ !" (هو سگريٽ مان سگريٽ ڪڍي ٿو).
"ڏسو توهان ري سگريٽ ڪڍي."
"ها. سگريٽ جي هاڙ به ڪڏهن ڪڏهن .... !"
"ڪڏهن ڪڏهن چا؟" (اتاولائي)
"ڪڏهن ڪڏهن سگريٽ جي هاڙ به سنگتياڻيءَ جي هاڙ جيان لڳندي آ ؛ پر .... !"
"پر چا؟"
"پر اها گهالهه تنهنجي سمجهه ۾ نه ايندي !"
"سمجهه ۾ نه ايندي ! چو؟"
"تون اڃا ننڍي آن !"
"ڪاڻي هان ننڍي !؟" (هوءَ پهن تي ڪڙي ٽي ٽي وڄي)
"ڏسو توهان جي ڪلهي تائين ٿم رسان ٽي."

(۲)

"پڌ !"
"چئه !"
"تنهنجي پرس ۾ گهڻا ڊوڪڙ آهن؟"
"ٽين."
"ففٽي ففٽي."
"اوڪي."

(چوڪري ۽ چوڪرو ايونگ شفٽ مان واندا ٿي هاهر اچن ٿا. چوڪرو چوڪريءَ کي رڪشا ۾ چاڙهي ٿو، رڪشا سڙي ٿي ٿم چوڪري چوڪري کي چپ ٿي ڏيکاري. هو مرڪي

ساڳي راهہ تي رَمي. چوڪري مڙي مڙي چوڪري ڏانهن ٽي ڏسي ۽ ڪيس رڪشا ۾ ويهڻ لاءِ اکين، هٿن ۽ ڪنڌ سان ايلاز ملتون ٻہ ڪندي ٽي وڃي. آسپاس ڪان بيخبر ٻيئي ڇٽا نهار- ڏور ۾ تاڪا ٽا وڃن. موڙ وٽ ٽرئفڪ جام آ. اڳيان قاتل ٽرئفڪ ۽ پٺيان ايندڙ ٽرئفڪ ۾ رڪشا سوگهي آهي. چوڪرو لوهہ پائي چوڪريءَ کي رڪشا ۽ ٽرئفڪ مان ٻاهر ڪڍي، هڪ سوڙهاڳ گهٽيءَ سان نڪري ڪليل رستي تي هليو ٿو اچي.... حيدراد جي رات جي هوا سان هو ٻہ گهلندا ٽا وڃن).

(۳)

....

"هي ڇا آهن ؟"

"ڊوڪڙ آهن ٻيو ڇا هن !"

"گهٽا آهن ؟"

"گهٽي وٺ."

"سو روپيا !" (چيٽ)

"ان ۾ رڙ ڪرڻ جي ڪهڙي گهالهہ آ !"

"پر ٻہ ....!"

"تو ڪلهہ پنج روپيا ڏنا ها نہ !؟"

"ها !"

"آهي وياميا آهن."

"وياميا آهن ؟!"

"ها پر اها گهالهہ تنهنجي سمجهہ ۾ نہ ايندي ....!"

"سمجهہ ۾ نہ ايندي ! ڇو ؟"

"تون اڃا ننڍي آن !"

"توهان سڌائين مونکي ننڍي ڪري ڇو ليکيندا او ؟"

(هوءَ ذري گهٽ روئڻ هارکي ٽي ٽي وڃي)

"تو هوءَ لوپيءَ ۽ نوگيءَ وارو سبق پڙهيو آ ؟" (هو ڇڻ گهالهہ جو ٽيمپو بدلائڻ ٿو چاهي)

"نہ."

"نہ!؟ درسي ڪتابن ۾ ....!"

"توهان کي سڌ آ ته مان سنڌي ميڊيم ۾ ڏهيان پڙهي."

"پر اها ته هڪ Tale آ!"

"مان نہ ٻڌي آ. ٻڌايو!" (هيڄ)

"هڪ لوپيءَ کان، ڪنهن ڏوڪيءَ ڏيڍڙو اڌارو ورتو. ٻئي ڏينهن ان ڏيڍڙي سان ٻيا ٻہ ڏيڍڙا ڏيڍڙيون ڪٽي آيو. لوپيءَ پڇيس: ٻاڦو هي ٻيا ڏيڍڙا ۽ ڏيڍڙيون ....؟ ڏوڪيءَ وراڻيو: ادا، تو وارو ڏيڍڙو رات وياسيو ....!

لوپيءَ جي ته لئي ٽي ويئي. ٻئي ڀيري ڏوڪيءَ لوپيءَ کان سمورا ڏانو اڌارا ورتا. ڏينهن لنگهي ويا. ڏانو واپس نہ ملڻا هڪا سي نہ ملياء. نيٺ لوپي لنگهي ويو ڏوڪيءَ وٽ. ڏوڪيءَ ٻوٽ ٻاڙو ڪري چيس: ڏانو ويچارا پرلوڪ ٻڌاريا. لوپيءَ رڙ ڪئي ته: ڏانو ٻہ ڪڏهن کو مڻا؟! ڏوڪيءَ چيو: مرندا نہ، ته کو ويامندا آهن چا؟

"تون مونکي لوپي ٽو سڏين وڏو ڏڳ آن!" (هوءَ چوڪري، آڏو تاڻجي بيهي ٽي رهي).

(۴)

"دريءَ مان چا ايڏو ٽي سندر ڏيک آ؟"

"پر مان دريءَ مان ڏسان ٽي ڪاڻي پيو! مان ته جهٽ ليءَ هي لوهي سيخون ۾ پار آڪري ويو هوس. تو سڏ ڪري وري مون کي سيخن جي هن پار بند ڪري ڇڏيو. (چوڪرو گنهير ٽي ٿو وڃي) مان توکي ٻهرين ٻ ڇيو آ ته مان جاڏي ٻ ڏسي رهيو هوندو آن، توڏي ڏسي رهيو هوندو آن؛ ڪاڏي ٻ وڃي رهيو هوندو آن، توڏي وڃي رهيو هوندو آن! (چوڪري اٽي چوڪري ڏانهن وڃي ٽي ۽ سيخ ۾ قهايل هن جي هٿ ٽي ٻنهنجو هٿ ڏري ان کي ڪا معنا بخشي

ٽي ڇڏي. ڇوڪري کي ڇوڪريءَ جا ڇپ وڌيڪ رس ٻريا ٿا لڳن).

(۵)

"هيڏي!"

"جي!"

"منهنجي ٽاءِ جي نات تہ ٽيڪ ڪري ڇڏ!"

"اچي سائين هيءَ ٽاءِ جي نات ....!"

"هاڻي وارن کي ٿورو ڦٽائي ڇڏ!"

"وار تہ هوا اڳيئي ڦٽائي ڇڏيا آهن." (ءِ ڇوڪري ڇوڪري جي وارن کي آڱرين سان سنواري ٽي ڇڏيا)

(٦)

"تو ڪڏهن سياري جو سنڈو ڏٺو آ؟"

"ها!"

"ءِ سنڈوءِ پر ويهي پريين پار ڇيرا ڇيرا ڇيرا ڇيرا سڄ هڏندو ڏٺو آ؟"

"نہ!"

"پوءِ ڪيئن ٽي چئين تہ تو سنڈو ڏٺو آ؟!"

"مان سنڈيونيورسٽي ويندي چامشورو پل ڪراس ڪندي سنڈو کي ڏٺو آ!"

"پوءِ تو سنڈو ٽي ڪوتا ڪيئن رچي!؟.... ان ٽي نيٽن مان سنڈوءِ وهائڻ جي کهڙي ضرورت آ؟ مس چٽو ڏيانءِ!"

(ءِ ڇوڪري لڙکن هاڻا نيٽ ءِ مرکن هاڻا چپ ڪٽي ڇوڪري ڏي ڏسي ٽي، ڇوڪرو ايڏي سيگهہ مان آنهن ڪنوارن ڇپن کي چمي ٽو وڌي، جو ڇوڪريءَ کي ڇپن ڇمڙڻ جو رڳو گمان ٿي رهجي ٽو وڃي)!

(لاڳيندي- ڪڏهن نہ ڪنڊڙ کهاڙي)

ذات ۽ ڏاڻ جو ڏاڻ : ماڊڪ / ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو

زندگيءَ جي ڏکن ۽ سکن جي عڪاسي ڪرڻ اديب جو ڪم آهي. اديب اِتي هڪڙو سٺو فوٽوگراف آهي. جڏهن هو خود اُن ڏکن جي گهاڻي ۾ پيڙجي يا سنڌس جاتي پيڙجي تہ پوءِ هن جا ناهيل لفظن جا فوٽو متاثر ڪندڙ هوندا آهن. ڪيترين ڳالهين آهن، جيڪي اڪثر اديب صاف صاف چوندا آهن. ڪنهن ڏند ڪٿا، ڪنهن اشاري ڪنايي ۾ نہ چوندا آهن. انهن ۾ اسان وٽ نجم عباسيءَ جو هڪڙو مثال ڪافي آهي. جيڪي وري ڏند ڪٿائن، اشارن ڪنايِن سان ڳالهہ چوڻ گهرن ٿا، تن ۾ ماڊڪ هڪ نشانير ليڪ آهي. هن ابتدا ۾ اشارو ڪنايو گهٽ ڪم آندو. پاتال ۾ بغاوت تائين ايندي هو اشاريت ۽ علامت نگاريءَ جي هڪ علامت بنجي ويو. جنوري ۱۹۸۲ع ۾ هو روبوٽ وانگر پٽ ورائي هليو ويو. منهنجو خيال آهي تہ سنڌس کهاڻي روبوٽ اُن ڳالهہ جو اشارو آهي. روبوٽ کي واپس ورڻو هو. هن کي جيڪو ڪم ڪرڻو هو، سو مڪمل ڪري لال لانگ ورائي ڪرهو ڪاهي هليو ويو. سنڌي ادب کي ماڊڪ جيڪي ڏيئي ويو، سو ايترو ۽ ايتري معيار وارو آهي، جو ڪيس بيڪس سان پيٽجي.

بيڪس ننڍي عمر ۾ گذاري ويو، پر سنڌس ڪلام جو معيار اوچو آهي. ماڊڪ سنڌي کهاڻيءَ ۾ منفرد طرز جو ليڪ آهي. سنڌس تحريرن جو وڏو حصو اُن پيڙا جو پڙلاءُ آهي، جنهن خود ڪيس پيڙهيو. هن سماج ۾ جيڪو ظلم ڏٺو، اُن خلاف لکيائين. "سمجهہ جي مار" وارن ڪيس ٿي ڪٽي چوڪنيو ٻٽو ـ چي "بداخلاقي ٿو پکيڙي ـ جنسياتي مرض ۾ ورتل آهي." ماڊڪ جي ڊگهي کهاڻي / ناولٽ "رچ ۽ پڑاڏا" ۾ شبوءَ جي پيڙا ۽ اُن نوجوان جي پيڙا آهي، جيڪو نا برابري ۽ ظلم جو شڪار آهي. جذبن وهيٽو آهي پر بيوسيءَ جي اهڙي چار

۾ قائل آهي، جنهن سان هڪڙو مڪمل نسل پاڻ کي ڇڏائي نٿو سگهي. عاشي به اُن چار ۾ قتڪندڙ هڪ جيو آهي ۽ ڏاڍ جي سهپ جي علامت آهي.

عاشيءَ کي زندگيءَ جو طوفان آڏائي ڪٽي ٿو وڃي. اُن جو وجود هڪ ڀرپور زندگيءَ جي علامت مثل آهي ۽ غير موجوگي زندگيءَ جي ڪوڪلائپ کي ظاهر ڪري ٿي.

ماڻڪ زندگيءَ کي گلن جي سيج جي صورت ۾ نه ڏٺو. هن لاءِ زندگيءَ جو احساس پيڙا پريو ۽ اذيت ناڪ هو.

پيڙا کي ماڻڪ جنسيات جي حوالي سان به ڏٺو. سندس مجموعي "ڇهه انام ڪهاڻيون" جي پهرين ڪهاڻيءَ کي ڏسبو ته زندگيءَ جي سوچن جو هڪ پهلو اسان جي اڳيان ايندو. جتي محبت ۽ نفرت هڪ ٻئي سان گڏيل ملنديون. خواهشون جي پوري نٿيون ٿين، ته اُن لاءِ ڏوهاري ٻين کي ٺهرايو وڃي ٿو. ماڻهه به ڏيءَ کي نٿي وڃي. ماءُ جي پرسڪون زندگيءَ کي ڏيءَ نفرت ۽ ڪڌهن ريس جي نظر سان ڏسي ٿي. منهنجي خيال ۾ حقيقت نگاريءَ جو سهڻو مثال پهرين ڪهاڻيءَ جي هن پئرا ۾ آهي:

"جسم ۾ آيل آٻتي ڪتڪتائي ڪرنٽ ٻڌجي، انگ انگ ۾ ڦهلجي ويس. واڻ واري منجيءَ تي ويٺي، ٻئي آيا کيل گوڏا سولا ڪيائين. انهن تي هانهن جون ٽونڊيون رکي. هٿن جي ترين سان منهن جهلي سوچڻ لڳي: پيار جو لڳ به ڪيڏو عجيب آهي. هر شئي پياري ۽ وٽندڙ. اهائي امان آهي، هونئن صبح جو اُٺندي آهي ته نماز کان وٺي نيرن پوري ٽيڪ تائين هارن کي چهڙون ڏيندي آهي. هاڻ ڪيئن نه سيني تي ٻلهار ويندڙ نهار ڪري وڃي مسلي تي ويٺي آهي. مٺي رن...."

انساني زندگيءَ جا ڪيترائي رنگ آهن. هن جي همت ۽ آتسهم پريل عمل جو به هڪ دائرو هوندو آهي، هن جي سوچ ٽي ڪيس آتم ڪري ٿي. دولت ۽ دهدو ڪيس آتم ڪوڻ

ٿو ڪري. انسان پنهنجي نظرئي خاطر جيئي ٿو. ڪٽي ڪيس آن جي پرچار جو موقعو گهٽ ئي ڇو نه ملي، تہ بہ سنڌس آدم جيئرو رهي ٿو.

ماڻڪ وٽ سسيفس (Sisphus) جي ڏند ڪٿا جي اوٽ بي معنيٰ نہ آهي. "پاتال ۾ بغاوت" ماڻڪ جي آن جذبي جو پڙاڻو آهي، جنهن کي هن پنهنجي زندگيءَ جو حصو ڄاتو ۽ هڪڙي موثر ۽ علامتي انداز سان ظاهر ڪيو، سسيفس لاءِ ديوتا جي حڪم موجب گهري پٿر کي مٿي نيٺ کان انڪار ڪرڻ موت کي سڏڻ جي برابر هو. هو هٿيلائي ڏبڪاري ٿو ۽ ڄاڻي ٿو تہ انڪار ڪرڻ زيوس ديوتا کي بي مانو ڪرڻ جي برابر ڄاڻو ويندو:

"سسيفس پنهنجي هيٺي هستيءَ کي، جيڪا جڳن کان ٽڪل هئي، تاڻي تڙوکڙو ڪيو. آواز ۾ پنهنجي ويرجو وڊيندڙ احساس اوتي چيو: پر زيوس! منهنجو انڪار، انهيءَ روايتي انڪار کان نرالو آهي. هيءَ منهنجي بغاوت، پنهنجن وڏڙن کان نہ، پر اختياري سگهہ خلاف آهي. مرٽي جي آمرٽي خلاف. ڏرتيءَ سان دل رکندڙ جي، آڪاس خلاف. هيٺي جي سريشت خلاف."

سسيفس کي سنڌس انڪار جي سزا طور پاتال ڏانهن نيو ويو. هو جڪڙيل هوندي بہ سوڀارو هو. پاتال ۾ سناٽو هو. ظلم جا پاڇا هئا، پر عزم جهڪو نہ هو. اهوئي مقصد آهي "پاتال ۾ بغاوت" جو.

روزگار جي تنگيءَ جو ذاتي احساس ماڻڪ کي رهيو. هن جي کهاڻين "وقتائتو موت" ۽ "ڪلارڪ جي پهرين تاريخ" ۾ آن تنگيءَ جا خاص طور نشان موجود آهن، انهن ۾ گهر جو هر پاتي هر ضرورت ۽ دوا درمل لاءِ حيران هجي.

شوڪت شوري جي چوڻ موجب ماڻڪ "اگهاڙو سچ چوي ٿو." آهو هن "لڙهندڙ نسل" ۾ بہ چيو آهي ۽ هر کهاڻيءَ ۾ پنهنجي انوکي انداز سان چوي ٿو. اگهاڙو سچ عورت جي

فطرت ۽ سوچن بابت چو نہ هجي.

ماڈک رک رکاءُ نہ ڪيو آهي. آنام ڪهاڻين ۾ ٽين ڪهاڻي آن جو ثبوت آهي. بيمار زال جا وهم وسوسا ۽ مڙس تي پلهار ويندي ٻہ شڪ ٻوڙ. اهو سڀ انساني نفسيات ۾ شامل آهي.

ماڈک جي طرز پنهنجي آهي. هو پنهنجي ڍنگ سان هر گالهہ چوي ٿو. سندس لهجو ڪٿي ظاهر ۾ منجهيل آهي؛ پر بي معني نہ آهي. اهو سبب آهي جو اڪثر 'ڪويسرن' ڪي چيل گالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي آهي ۽ هڪ هڪ لفظ ڏار ڪري آن جي گندگيءَ ڏي پيا ڏيان ڇڪائيندا آهن.

ماڈک جون دواڻون ڪوڙيون آهن، پر اجايون ۽ غلط نہ آهن. سماجي بيماريءَ بابت ٻڌايل نشانيون هرڪنهن ڪي سمجهہ ۾ اچڻ واريون نہ آهن.

"حويلي جا راز" جيتري آسانيءَ سان سمجهہ ۾ اچڻ جهڙا آهن، "پاتال ۾ بغاوت" ڪي سمجهڻ اوترو سولو ڪونهي. ان لاءِ ڪجهہ مٿاڪٽ جي ضرورت پوي ٿي. اهوئي هڪ ليکڪ جو معيار ۽ معراج آهي، جو آن جي ڪٿي ڪي هروڙ لاءِ ڪجهہ سوچجي.

مڱل ماڻهو- جيڱري پيڙا / ولي رام ولپ

ماڻڪ جون آڪاڻيون پڙهجن يا سندس ناول- اهي سڀ هن ڌرتيءَ جا داستان آهن، ڌرتي- جنهنجا ماڻهو اڀالا ۽ اپوجهه جن جا هانءَ هيسيل ۽ من منجهيل. سندس هر لکڻيون پڙهي سندس آواز اڄ به سوچ جي ايوانن ۾ گشت پيو ڪري.

منهنجي من ۾ ڏورانهين هنڌ ڪان سندس آواز جو پڙاڏو گونجي رهيو آهي، "ماڻهو وٽ رڳو هڪ شيءِ پنهنجي هوندي آهي- هن جي پنهنجي پيڙا، ۽ هن سموري سنسار ۾ پي ڪابه دوا ڪيس انهيءَ پيڙاڪان ڇوٽڪارو نٿي ڏياري سگهي سواءِ انهي ڌرتيءَ جي، جيڪا سندس پنهي پيرن جي هيٺان سمائجي سگهي ٿي، جيڪا سندس پنهي هٿن جي ٻڪ ۾ اچي سگهي ٿي."

مان جهڪي پنهنجي پنهي پيرن ڏانهن ڏسان ٿو- اهي نياڳا پير! جن ڪي جيڪر رڳو ٻيهڻ جيتري جاءِ ملي وڃي.... ۽ منهنجا هي خالي هٿ جي اڄ تائين ڪا سوچ قابو ڪري نه سگهيا.

۽ من جي ڏکويل ڪنڊ مان سوچ جو هڪ سلو نسريو، "ماڻڪ!.... پڌاءِ انهيءَ پيڙاکي چا ڪريان جنهنجي هن سموري دنيا ۾ پي ڪا دوا ناهي، سواءِ ڌرتيءَ جي.... ۽ منهنجي هٿن ۾ ڪو هڪ احساس به اهڙو ناهي جو راحت ڏيئي سگهي....!"

وقت جون گهريون اونداهيون منهنجي سامهون آهن.... انهن مان هڪ اونداهي منهنجي آڏو اچي بيهي ٿي، ڏکنڊڙ اونداهين مان هڪ ڏکنڊڙ اونداهي....

"تو مونکي سڏيو؟"

آواز جي هڪ لهر منهنجي ڪنن کي ڇهي ويئي.

"ڪير؟ ڪير آهين تون؟" منهنجو آواز تيز ٿي جهڪو ٿي ويو.

"مان ؟ ماڊ!" هوا جي لهر پري کان کجهه لفظ کٽي آئي.

"ماڊ! پر تون .... هي سڀ پردا پاسي ڪري منهنجي اڳيان!" حيراني ۽ جا ڦڙا منهنجي نرڙ تي اڀري آيا....

"تنهنجو آواز گهٽي دير کان، منهنجي پيرن لاءِ روشني ڪندو رهيو."

اونداهين مان نڪري منهنجي آڏو هڪ پاڇولي جهڙي اونداهي ڏڪي رهي هئي.... آواز جڙ ڏرتيءَ جي ڪک مان ڦٽي رهيو هو.

"تون انهي زمين ۾ سمائجي وئين جنهن کي تون، پنهنجي چوندو هئين؟"

"ها! تڏهن تہ منهنجا دوست، مان توکي چوڻ آيو آهيان تہ ڪڏهن ڪنهن زمين کي پنهنجي متان چئين...."

منهنجي چر پر بند ٿي ويئي، "پل اڳ زمين هجي جنهن تي منهنجا پير جميل هجن؟"

"پاڳل! پنهنجي پيرن ڏانهن ٿورو چتائي تہ ڏس!"

مون گهبرائجي پنهنجون نگاهون اونداهيءَ تي جمائي ڇڏيون.... مونکي ڪل آهي، منهنجا پير زمين تي ناهن.... هوا تي.... نہ! شايد پولار ۾ آهن....

"تون چوڻ چاهين؟"

"اهوئي تہ هلندو رهڻ جي پڙا کان گهٽي وڌيڪ پيڙا تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن تون مڪمل طرح انهيءَ ڏرتيءَ ۾ جذب ٿي وڃين جا توکي ايڏي پنهنجي لڳندي هجي....

هوا ۾ چر پر ٿي.... ڪئين پل ماڻ ۾ لنگهي ويا.

مونکي ڏاڍو ڀؤ ٿيڻ لڳو.... خبر ناهي، اهو پولار ۾ ويهڻ/هجڻ جو ڀؤ هو يا انهيءَ زمين ۾ سمائجي وڃڻ جو، جيڪا منهنجي پيرن جي پاڳ ۾ نہ آئي.

"پر تون هتي! ڪتابن جي ورقن مان!.... آواز بڌجي!"

”ڪتابن جي ورقن مان نہ، تنهنجي خيالن مان. تو غور سان پڙهيو تہ تنهنجي آڏو هليو آيس .... تون سوچڻ بند ڪري ڇڏيندين، اتيئي سمهڻجي ويندس، تنهنجي سوچن ۾.“

هڪ تمام تکو آواز .... منهنجي هٿ ـ تريءَ تي اچي بيهي رهيو ، چگو ! تہ اهائي آهي آڻا ڏرتي ، جنهن کي تون پنهنجي چوندو هئين .... سوچن جي ....

ها ! پنهنجي لائق تہ هڪ ٻہ ڏرتيءَ جو ٽڪرو پنهنجو نٿو هجي ـ رڳو هڪ سوچن جي ڏرتيءَ ڪانسواءِ .... اهي ڪڍن ڦهلجي هڪ راهہ ٻڌجي ويندیون آهن، ڪڍن هڪ چت، هڪ گهر ۽ ڪڍن هڪ سموري دنيا .... تہ ڪڍن سمهڻجي رڳو پيرن جي ترين هيٺيان سمائجي ويندیون آهن .

”۽ پيڙا ؟.... تون جنهن پيڙا جي گاله ڪندو هئين ؟“

”سوچن جي سيني سان نڪري سوچن جي سيني ۾ سمائجڻ جي پيڙا ....“

”۽ انهيءَ جو ڪارڻ ؟“

”نہ ڪي انهيءَ پيڙا جو ڪو ڪارڻ هوندو آهي ، نہ ڪا دوا !“

منهنجي دماغ تي بار چائڻجي ويو آهي، هٿ سان هٿايان ٽوڙ پر هٿي ڏي نٿو ، ”پر تو تہ جيئري ڏي انهي پيڙا جي دوا جون گالهيون ڪيون آهن !“

”جيئري ماڻهوءَ ۽ مئل ماڻهوءَ جي پيڙا ۾ گهڻو فرق ٿيندو آهي، دوست !“

مون بار کان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو آهي ....

منهنجي اڳيان جيئري ۽ مئل ماڻهو جي پيڙا ۽ انهيءَ پيڙا جو فرق هڪ ٻئي ۾ تبديل آهي ....

.... مان سندس مطلب ۽ بدلجندڙ مطلب جو تاءُ جهلي نٿو سگهان . گالهہ متايان ٽوـ ”۽ منهنجا وڇڙيل دوست ! اڄ انهيءَ حسرت جي گالهہ ڪن تا ، جڏهن هٿ ۾ قلم هجي ۽

ذهن ۾ لفظن جو پنڌار پرجي وڃي .... انهيءَ بي چئنيءَ جي باري ۾ـ جڏهن مٿان مات جو هڪ ڳوڙو پٽر پيل هجي ۽ دل هجي جا ڦاٽندي هجي ....”

”تنهنجي دل جي اها بي چئني مونکي ورڻن وچ ۾ پڌڻ ۾ آئي ۽ مون گهريو هو ته منهنجو آواز، اسان جي وچ ۾ آيل کوهيڙي کي چيري تنهنجي ڪن پوي ....“

”ته تنهنجي تاءِ منهنجي تاءِ کي ڳولي ورتو ؟“

مون رءَ ۾ـ اڇي سامهون لهرائيندڙ پاڇولي کي ڇهڻ چاهيو پر اونداهي، اونداهين ۾ الوپ ٿي ويئي .

منهنجو جسم هاڻي پنهنجي سوچن جي ڏرتيءَ ۾ سميٽجي خود بـ هڪ سوچ بڻجي ويو .... ۽ سوچ ڪڏهن هٿن ۾ قابو نٿي ٿئي ....

منهنجو وڏيل هٿ جڙ ڪپجي ڪري پيو .

هڪ ڏگهي مات انهي مختصر عرصي کي پنهنجي هنج ۾ وندرائي رهي هئي ، جيڪو اسان جي وچ ۾ آيو هو .... ۽ اسان جي سوچن جي وچ ۾ ....

مون چوڻ گهريو ٿي ، ”ماڊ ! منهنجا دوست ! تون ته مري هڪ سوچ بڻجي وئين پر انهن جو ڇا ٿيندو جيڪي جيئرا بـ هڪ سوچ آهن ۽ هٿن ۾ نٿا ماپجن !“

”اهو هلندي رهڻ جو حشر آهي جيڪو تنهنجي پيرن جي بي چئنيءَ کي لکيل آهي ....“

ڪنهن هوريان منهنجي پرسان چئي ڏنو ، ”يا خدا ! تون دل جي گونگي حسرت جو آواز بـ بڏي وئين ٿو ؟“ منهنجي نڙيءَ ۾ ڪجهہ اٽڪي پيو . منهنجي حرارت پرئي آواز وري چئي ڏنو ، ”توکي خبر آهي، ماڊ .... تون منهنجي تصور جي ڪيڏو ويجهو آهين .... تنهنجي پيڙا منهنجي پيڙا جي ڪيڏو قريب....

اونداهيءَ جو لهرائيندڙ ٽڪرو منهنجي وڏيڪ ويجهو سرڪي آيو . لڳم جڙ ساهہ ڪٽندو هجي .

"ها! پر منهنجا بدنصيب دوست! منهنجي پيرن کي انهيءَ زمين جو سراپ لڳي ويو هو، جا انهن جي هيڏان هئي.... ۽ تنهنجي پيرن کي انهن رستن تي هلندي رهڻ جو، جيڪي ڪڏهن انهن جا پنهنجا نه رهيا...."

وقت جي گهاٽي ڪوهيڙي مان اپرندڙ آواز جو چٽو ۽ سرد سچ مونکي اندر تائين ڏڪائي ٽو ڇڏي.

اوندها پاڇولا.... اوندهين ۾ گم آهن.... مان پنهنجي پگهريل نرڙ تي هٿ ڦيريان ٽو ـ

ماڊڪ! ماڊڪ!

ماڻ منهنجي آواز سان ٽڻي پئي آهي.

ڪاڪوس جي سونهن

۱۹۳۳ع ۾ جاپاني ناول نگار جُنئي ڇِرو تانيزاڪي جپان جي فائين آرٽس تي هڪ ڪتاب لکيو هو، جنهن ۾ ڪاڪوسن جو تفصيلي جائزو ورتو اٿس. انهيءَ ڪتاب جو انگريزي ترجمو تازو مارڪيٽ ۾ آيو آهي. انهيءَ جي شروعات هيٺين ٽئي ٽئي :

"جڏهن به مونکي ڪو پراڻي نموني جو ڪاڪوس ٿهيل ڏيکاريندو آهي ، انهيءَ جي اڏاوت توڙي ٻيون خصوصيتون مونکي ڏاڍيون متاثر ڪنديون آهن. جاپاني گهر کي پنهنجي ڪشش ٽئي ٽئي پر ڪاڪوس ۾ ٽي سچي روحاني شانتي حاصل ٿيندي آهي.... هتي تڏن جا آواز ۽ جهرڪين جا گيت ٻڌو، چند ڏانهن نهاريو ، ۽ جيڪا به موسم هجي ، انهيءَ جا پنهنجا مخصوص سڪ مان ۾ محسوس ڪريو. مونکي لڳي ٿو هائيڪو- جي ڪوين کي سهڻا ويچار اِتيئي ملندا هوندا . اهو چوڻ اجايو نہ ٿيندو تہ جاپاني فن تعميرات ۾ سونهن جي نظر کان ڪاڪوس ٽي سهڻا آهن."

بي معنيٰ زندگيءَ ۽ ماڻڪ / شوڪت حسين شورو

ماڻڪ سنڌي زبان جو هڪ نهايت ئي ذهين، سڃاڻ، حساس ۽ گهڻ- اپياسي ليکڪ هو. هن جي ذهانت ۽ اپياس هن جي لاءِ شاهه جي لفظن ۾ "اکر اگيان اپري واڪون ٿي وريام" ثابت ٿيا. ماڻڪ پنهنجي هڪ فلسفيانه لکڻي "پاتال ۾ بغاوت" جي ڪردار سسيفس کان چورايو آهي: "ها، جڏهن سوچ نه هئي، انپو نه هو، تڏهن پيڙا به نه هئي، منهنجي درگهٽنا تڏهن کان شروع ٿي جڏهن مون کي منهنجي سرت ٿي ۽ مون پنهنجو پاڻ کي انپو ڪيو. جڏهن منهنجي درگهٽنا منهنجي آڏو پڌري ٿي تہ ان مون کي چيڃاڙي ڇڏيو. هن پاڻ- سجاڳيءَ منهنجي هستيءَ ۾ مانڊاڻ مچائي ڏنو." اهائي ڳالهه ماڻڪ سان ٺهڪي اچي ٿي. جڏهن هن کي پنهنجي سرت ٿي ۽ هن پاڻ کي جن حالتن ۾ ڏٺو تن هن جي وجود کي ڏوڏي ڇڏيو. ڪامٽو چيو آهي، تہ Beginning to think is beginning to undermine سوچ ماڻڪ جي ذهن ۾ ڪات هڻي هن کان زندگيءَ جون بي پرواهيون، نظرياتي وابستگيون ۽ آئيندي جون آئيڊيل اميدون لٽي ورتيون.

ماڻڪ شخصي طور ڪڏهوڪو مري چڪو هو. هن زندگيءَ جو بار هڪ فرض، هڪ نيم، هڪ عادت سمجهي ڏويو پٽي؛ پر هن ان بي معنيٰ زندگيءَ کي معنيٰ ڏني هئي لکڻ سان ماڻڪ ليکڪ جي حيثيت، سان ڪڏهن به ڪونہ مٽو هو ۽ هو اڄ به جيئرو آهي. اسان جا ڪيترا ليکڪ اهڙا آهن جيڪي طبعي طور جيئرا آهن، وڏي جمار ماڻي اٿن، پر هو ادب ۾ گهٽو اڳ مري چڪا آهن. ماڻڪ انهن ليکڪن مان ڪونہ هو. هو آخري دم تائين جيئرو جاڳندو ليکڪ هو.

ماڻڪ ۾ پرپور تخليقي قوتون هيون، جيڪي ناسازگار

حالتن ۾ ڏيل گھٽيل ماحول ۾ ۽ ڪمزور نہ ٿي سگھيون. ھڪ انسان جي حيثيت سان ماڻڪ ڪمزور ۽ ڏنل ھو. ھڪ مستقل ڊپ ھو: عدم تحفظ جو، بي سلامتيءَ جو، اڪيلائيءَ جو ـ ۽ اھو ڊپ ھن جي نسن ۾ رت سان گڏ ڊوڙندو ٿي رھيو: ۽ ھڪ ليکڪ جي حيثيت سان ھو بيحد سگھارو ھو. ھن پنھنجين ڪھاڻين ۽ ناولن ۾ ڏيل ۽ گھٽ ٻوساٽ واري ماحول ۾ Irsecurity سبب پيدا ٿيل ڊپ جو ڀرپور انداز ۾ اظھار ڪيو آھي ـ بنا ڪنھن ڊپ جي. ماڻڪ ڊپ واري ماحول ۾ جيئندو رھيو ۽ آخري وقت تائين لکندو رھيو.

مون ماڻڪ کي زندگيءَ ۾ آھستي آھستي Outsider بڻجندي ڏٺو. ھو ڪنھن وقت سياست ۾ تمام سرگرميءَ سان حصو وٺندو ھو. ڪاليج ۾ شاگرد ليڊر ٿي رھيو ھو. ھن جي تقريرن ۽ نعري بازيءَ ۾ جذبات جي شدت ھوندي ھئي. شروع شروع ۾ پڪو قوم پرست ھو: پر سڪڻي قوم پرستي بنا ڪنھن اصول ۽ آئديالاجيءَ جي سندس دانشورانہ ذھن کي نہ آڻڻي. ھن مارڪسزم جو مطالعو ڪيو. ھن شروعات ۾ جيڪي ڪھاڻيون ۽ ڊراما لکيا ھئا تن ۾ گھڻو ٽٽو قوم پرستيءَ جو موضوع ھو: پر مارڪسسٽ بڻجڻ کانپوءِ ھن جي لکڻين ۾ طبقاتي ڇڪتاڻ وارو جزو شامل ٿي ويو. تڏھن ھو ڏاڍو سنڌي ھو.

منھنجي ويجھي دوست ھئڻ جي باوجود مون کي ھن جون لکڻيون نہ وڻنديون ھيون. مون کي ھن جي لکڻين ۾ پرچار وڌيڪ لڳندو ھو، فن گھٽ. اسان جو پنھنجو ھڪ ادبي حلقو ھو ان وقت، جنھن ۾ امداد حسيني، علي بابا، عبدالحق عالماڻي، منير سنڌي ۽ آڏون ھئاسين ۽ عبدالقادر جوڻيجو به جڏھن ڪونان ايندو ھو. بعد ۾ مشتاق شورو ۽ مدد علي سنڌي به اچي شامل ٿيا. اسان جو ٽولو Angri young man ليکيو ويندو ھو.

اسين روزانو شام جو پھرين مسلم ھوٽل جي ڇت تي ۽ بوءِ جارج ھوٽل ۾ گڏيا ھئاسين. سياست، ادب ۽ وڏن اديبن

جون گلائون روز جا موضوع هئا. چڱي گالهه اها ٿي ته اسان کي دنيا جي ماڊرن لٽريچر پڙهڻ جو شوق جاڳيو. کافڪا، دوستو وسڪي، سارتر، ڪامو وغيره جون لکڻيون پڙهي هڪ ٻئي سان بحث ڪندا هئاسين. ايياس جي لحاظ کان منير اسان سڀني کان اڳرو هو. اسين گهٽو ٽٻو رڳو فڪشن پڙهندا هئاسين؛ پر منير فڪشن سان گڏ تنقيد ۽ فلاسافيءَ جو ايياس ڪيو.

انهن ئي ڏينهن ۾ منير، ماڻڪ ٻڌيو. هن ۱۹۷۰ع واري جنگ کان پوءِ پيدا ٿيل حالتن ۾ هڪڙي ڪهاڻي "بگهڙن جي راڄ ۾" لکي، ماڻڪ جي نالي سان. پوءِ هن جڏهن ناولٽ "لڙهندڙ نسل" لکيو، ته ڄڻ سنڌي ادب ۾ هڪ ڌماڪو ٿيو. ماڻڪ بنا ڪنهن رک رکاءَ ۽ لڪائڻ جي پوري سچائيءَ سان هڪ فرسٽريٽيڊ نوجوان جو ڪردار چٽيو هو، جيڪو سنڌ جي نئين، لڙهندڙ نسل جو نمائندو هو. ان ناولٽ تي سخت اعتراض ٿيا؛ ۽ ماڻڪ جي تخليقي قوتن جي اڳيان اهي اعتراض ۽ گاريون بند ٻڌي نه سگهيا. ماڻڪ انساني من اندر پريل گند ۽ غلاظت کي ڪلبل لفظن ۾ ڪيو هو. سون ڪيترن بزرگ ۽ وڏن اديبن جي واتان ماڻڪ کي ڪچيون گاريون ملنديون ٻڌيون. ماڻڪ جي بي رحم سچائي انهن کي ڏڪي لڳي هئي.

ماڻڪ ڪراچيءَ ۾ جيڪي ست اٺ سال رهيو تنهن دوران اتي جي مشيني ۽ بي رحم زندگي ڇڻ هن جي شخص کي ڪڙڪائي وڌي. هڪ نظرياتي ملڪ جي سفارتخاني ۾ نوڪريءَ ۾ دوران هن کي جيڪي تلخ تجربا ٿيا، تن رهي کهي ڪثر ڪيڙي ڇڏي.

ماڻڪ جي لکڻ جي استائل ۽ موضوع ۾ بدلجي ويا هئا؛ ۽ هن جي طبيعت ۾ به هڪ عجيب تبديلي اچي وئي. هو هاڻي اڳيون جذباتي ۽ جوشيلي مزاج وارو منير نه هو. هن جو مزاج ٿڌو ۽ Irdifferert ٿجي ويو هو. هو ڪنهن ڪنهن وقت مون کي بنهه Outsider لڳندو هو. بحث کان لنوائڻ، چپ چاپ

زهڻ ۽ دوستن جي ڪچهريءَ ۾ ويٺي به ڇڻ اڪيلو ۽ سيني کان الڳ هوندو هو. هن جي اکين ۾ معصوميت هئي نندڙن ٻارن جهڙي ۽ انهن ۾ سدائين هڪ اڃاتو خوف پيو ڇلڪندو هو؛ پر اهو سڀ ماڻڪ کي هڪ ليکڪ جي حيثيت سان مات نه ڪري سگهيو. ماڻڪ جي سجاڳ ۽ سڃاڻ ذهن حالتن سان سمجهوتو نه ڪيو. "پاتال ۾ بغاوت" جهڙي لکڻي ان ڳالهه جو ثبوت آهي.

ماڻڪ سنڌي ادب جو سسيفس آهي. لکڻ هن جي لاءِ هڪ نامعلوم ڊپ کان بچاءُ جو وسيلو هو. ماڻڪ ان ڊپ کان جند ڇڏائڻ جي لاءِ پاڻ کي لکڻ ۾ مشغول رکيو ۽ اها مشغولي هن جي لاءِ سسيفين- ثابت ٿي. هن پڇيو ته نيٺ زندگيءَ جي جبل تي چڙهڻ- لهڻ منجهه رڙ هڄڻ منجهان ڇا پرايت؟ جڏهن ته موت اٽل آهي. ماڻڪ سسيفس جي واتان امر ڪي للڪاري ٿو. ماڻڪ ۾ هڪ هيڻي انڪاري ليکڪ جي هوڏي سرڪشي هئي. هڪ نستي ڏاهي جو، مٿس وڙهيل امر ڪي مڃڻ کان باغي وارڻ. ماڻڪ سسيفس وانگر هر موجود اختيار ۽ جميل، مٿان سوار ٿيل Establishment جي خلاف هو.

ماڻڪ رڳو ڪهاڻي ۽ ناول جي فارم، بولي ۽ اسلوب ۾ تبديلي ۽ نواڻ ڪانه آندي؛ پر هن جا موضوع به نهايت چرڪائيندڙ آهن. هن جي پوئين دور جي لکڻين ۾ هڪ سجاڳ ذهني پيڙا نمايان آهي، جيڪا اڄ جي موتمار ۽ مايوس حالتن جي پيداوار آهي. ماڻڪ انهن حالتن کي قبول نٿو ڪري ۽ ذهني سطح تي انهن کان بغاوت ڪري ٿو. شايد ان ڪري هن پاڻ کي منافقيءَ ۽ ڏڪين سان پريل سماج ۾ Misfit، اڪيلو ۽ هيڻو پاڏيو. نوڪري وڃڻ کان پوءِ نه هن جي ڏنڊي سان دل لڳي ۽ نه وڪالت سان. اهو سڀ هڪ هيڻي، حساس ۽ سچي فنڪار جي سهپ کان ٻاهر هو. هن سمجهوتي ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ماڻڪ هارايل هو، پوءِ به سوپارو- هيڻو هو، پوءِ به اڏول. جڪڙيل هو، پوءِ به سرڪش. نندڻيل هو، پوءِ به هٿيلو.

ممتاز مهر /
ماڻڪ آسرندڙ سوچ جي نمائندگي ڪندڙ ليکڪ.

ماڻڪ جو ڪردائڪ موت انسان کي ڪاميو جي ڪردائڪ ۽ ڪمهلي موت جي ياد ڏياري ٿو. جهڙي طرح البيئر ڪاميو پنهنجي طور فرانس جي جديد تاريخ ۾ هن صديءَ جي نمائندگي ڪئي - فرانسيسي ڪلچر جي مکيه قوت طور آپريو- تهڙي طرح ماڻڪ هن دکي ماڻريءَ (سنڌ) جي نئين ڪلچر، نئين نهندڙ تاريخ/ نئين آسرندڙ سوچ جي نمائندگي ڪئي. هن جديد سنڌي تخليقي ادب جي بنيادن کي نه صرف مضبوط ڪيو بلڪ ان جو رخ به متعين ڪيو.

ڪاميو پنهنجي حياتيءَ ۾ تخليقي ميدان ۾ تمام تيزيءَ سان آپري عالمي شهرت اختيار ڪئي ۽ ويهين صديءَ جي جديد فرانسيسي ادب جي رخ کي بدلائڻ ۾ نمايان ڪم ڪيو. گهڻو ڪجهه ڪرڻو هوس: پر ڪمهلي موت ڪيس وڌيڪ ڪجهه ڪرڻ کان هميشه لاءِ روڪي ڇڏيو. انهيءَ ساڳي ڪمهلي موت ماڻڪ کي به گهڻو ڪجهه ڪرڻ کان هميشه لاءِ روڪي ڇڏيو. موت برحق آهي؛ پر ڪمهلو موت تمام اڻسهائيندڙ ڇٻو، جيڪو زندگيءَ مان رهيل ڪهيل ويساهه ئي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. بقول سارتر: ان موت جو واهيات پڻو هيءُ آهي، ته غير انسانيت انساني ڏانچي/ عمارت کي ڌاهي پٽ ٿي ڪري ڇڏي.

ماڻڪ جي ان ڪردائڪ ۽ ڪمهلي موت جا ذميدار ڪير آهن؟ ڇا اسان انهن ڪارين ۽ بي چهري قوتن کي سڃاڻون نه ٿا؟ محسوس نه ٿا ڪريون؟ اسين انهن جي چهري "آدم بوءِ آدم بوءِ" ڪندڙ قوتن کي چگيءَ ريت سڃاڻون ٿا.... محسوس ڪريون ٿا، ڇاڪاڻ ته اهي اسان جي اعصابن تي به سوار آهن: ڪڏهن بک ۽ بي روزگاريءَ جي روپ ۾، ته ڪڏهن پيدا ٿيل/ پيدا ڪيل بي يقيني ۽ هراس جي روپ ۾. هيءُ پوسٽ وارو

ماحول پيدا ڪندڙ هي فحش طبقاتي سماج آهي ، جنهن ۾ اسان / توهان زندگيءَ جي ائبسرڊتيءَ جي تلخ ذائقي کي چکندا رهون ٿا. بي انصافيءَ خلاف ڪروڌ / ڪاوڙ / احتجاج کي جڏهن اظهار ملندو آهي ، يا جڏهن آس نراس ۾ منجي ويندي آهي ، تڏهن پنهنجي دل چپاڙجندي محسوس ٿيندي آهي. ماڻڪ اهڙين ئي ڪيفيتن مان لنگهندو رهيو. هو پنهنجي امر لکڻين (اگهاڙو سچ) ۾ هيءُ چتاءُ باربار ڏيندو رهيو ته : جذبن کي مروڙيو پيو وڃي .... ساهه مٽ ۾ آهي .... اڙي ڪجهه ڪريو ! ائين هو صدائون هٽندو موت جي ور چڙهي ويو. سسيفس جو روح رڙيون ڪندو رهيو ؛ پر ڪوبه ڪيس پاتال کان باهر آڻي نه سگهيو.

زان پال سارتر ڪاميو جي موت تي لکيل پنهنجي مضمون ۾ چوي ٿو:

"Every interrupted life – even that of so young a man is, at the same time a record that is broken and a complete life."

ماڻڪ ـ اسان جو / توهان جو پيارو ماڻڪ، جنهن پنهنجي امر لکڻين ذريعي پنهنجي وقت / دؤر جي نازڪ ترين انساني جذبن ۽ احساسن کي سندر لفظن جو روپ ڏنو، جنهن جي لکيل سٽ سٽ ۾ درد به هو ته دليل احتجاج پڻ، جنهن هن زندگيءَ کي گهڻو ڪجهه ڏنو ـ گهڻيون ئي آسون پنهنجي من ۾ رکندو آيو، ان ماڻهپي جي موت جي آسري ۾ ته من کو سڻاءُ واءُ لڳي ! تنهن کي هن فحش طبقاتي سماج هميشه لاءِ گڙڪائي ورتو . هڪ نامڪمل (تخليقي) زندگي .... مڪمل ٿيڻ جي تڙپ / آرزو رکندڙ زندگي .... ڪجهه نامڪمل ئي رهجي ويئي. هاڻي اها نامڪمل (تخليقي) زندگي مڪمل ان صورت ۾ نظر

Situations (Part IV) by Jean.
Paul Sartre' P–81.

ٽي اچي ٿو ڪهاڻي موت ان جي مڪمل ٿيڻ جا امڪان ختم ڪري ڇڏيا آهن.

انهن مڙني گالهين جي باوجود حقيقت هيءَ آهي ته ماڻڪ پنهنجي ان مختصر تخليقي زندگيءَ جي دوران تخليقڪار جي حيثيت ۾ جيڪي ڪجهه ڏنو، تنهن کي نه صرف سندس حياتيءَ ۾ ئي مڃتا ملي، بلڪ کيس جديد سنڌي ادب جو سرواڻ ڪري تسليم ڪيو ويو. هن جون اسان وٽ ڇڏيل امر لکڻيون خاص ڪري ڪهاڻي کيتر ۾، ساهتيه جا اُهي معيار آهن جن کي آڏو رکي اسان سچي ۽ ڪوڙي تخليق جي پرک ڪري سگهون ٿا. وقت جي گذرڻ سان ماڻڪ جي لکڻين ۾ موجود سچائين کي وڌيڪ شدت سان محسوس ڪيو ويندو. سندس لکڻين کي وڌيڪ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو، انهن لکڻين جي بهتر تڪ تور ڪئي ويندي.

تخليقي آزاديءَ جو پرچارڪ ليکڪ جيڪو رجعتي قوتن کي بيباڪيءَ سان بي نقاب ڪندو رهيو، جنهن ڪنهن به گهڙيءَ، ڪنهن به مرحلي تي اسٽيبلشمينٽ سان ناهه نه ڪيو، بلڪ وک وک تي اسٽيبلشمينٽ کي للڪاريندو، پنهنجي ڏڪار کي ظاهر ڪندو رهيو- اُهو باغي جذبن وارو ليکڪ.... اعليٰ انساني قدرن جي پاسداري ڪندڙ ليکڪ اسان سيني کي دائمي غم جو داغ ڏيئي هميشه لاءِ وڇوڙو ڪري ويو. ماڻڪ جهڙو / ماڻڪ جهڙو با ضمير- با اصول ليکڪ جڏهن اسان سان گڏ هو، تڏهن هن جو وجود اسان لاءِ هڪ طرح جو ڏيءُ هو؛ سندس تحريرون پڙهي خاطري ٿي ويندي هئي، ته روشن ضمير نه صرف موجوده دؤر/ وقت جي نبض پڪڙي ان کي لفظن ۾ جملن جي صورت ڏيئي رهيو آهي، بلڪ تخليق جي فن جا اُهي معيار به قائم ڪري رهيو آهي.... جيڪي ٻين نون لکندڙن جي رهبري ڪري سگهن ٿا. ماڻڪ جون لکڻيون اعليٰ تخليق جون ڪسوٽيون ٿي رهنديون.

ماڻڪ جي ڪهاڻي موت سان اعليٰ تخليق جو اُهو سلسلو

پورو ٿيو، جيڪو جيڪر جاري رهي ها، تہ اڄا بہ ڏات ۽ ڏاڻ جا اعليٰ نمونا پيدا ٿيندا رهن ها. اسرندڙ سنڌي ادب جي بد قسمتيَ چئبي، جو اهڙا هڪ اهڙي مهان کهاڙيڪار/ ناول نگار/ نقاد کان محروم ٿي ويئي، جنهن جديد سنڌي ادب (خصوصاً کهاڙي جي صنف) کي نئون روپ ڏنو. ماڻڪ سنڌي کهاڙي کلا کي جنهن منزل تي پهچايو آهي، اها منزل رهنمائي ڪندڙ روشنيَ جيان هميشه چمڪندي جرڪندي رهندي ... نون لکندڙن کيَ آتساهہ ڏيارينديَ رهندي. ماڻڪ جي ادبي ڪاوش کي انهيَ تناظر (Perspective) ۾ پرکڻ ۽ پروڙڻ جي ضرورت آهي. ماڻڪ سان پورو انصاف تڏهن ٿيندو جڏهن ڏهني ڪشادگي، وسيع مطالعي ۽ محنت سان سندس فن ۽ فڪر جو جائزو ورتو ويندو. بهرحال، اهو ڪم ادبي چاڙڻ ڪان نہ ماڻڪ جي حياتيَ ۾ ٿيو، نہ هاڻي ٿيڻو آهي.

سنڌي لکو - سنڌي پڙهو - سنڌي ڳالهايو

ماڊک : هر دور جو لیکڪ / عزيز مهراڻوي

ٽي-ايڇ لارنس جي چواڻي "اسان ڏون تجربن کان ڏاڍو ڊڄندا آهيون." پنهنجي جاءِ تي اهاڳالهه آهي ٻه صحيح. حقيقت ۾ اسان نين ڳالهين ۽ نواڻ کان ائين ڊڄندا آهيون جڙ تہ اهي نيون شيون کي جن پوت هجن ۽ متان اسان جي کڏ پٽجي وڃن ۽ اسان جي نهيل نڪيل شخصيت کي هڻي پور پور ڪري وجهن ؛ پر اسان جو دوست ماڊک هڪ مختلف شخص هو، هن سدائين نوان تجربا ڪيا ۽ انهن کان ڪڏهن ڊنو ڪونہ . دراصل اسان انهن تجربن کان ڊڄون انهيءَ ڪري ٿا جو اسان جي سڄي ذات عڪس هوندي آهي پنهنجي زندگيءَ جي مختلف تجربن جي. جڏهن اسان ڪنهن جو نالو ٻڌون ٿا يا ڪٽون ٿا تہ ان هستيءَ جو روپ پنهنجين مڙئني خامين خوبين سان اسان جي ذهن تي اپريو اچي. ان جا ورتاءَ، ان جو اٺڻ ويهڻ، لکڻ پڙهڻ، ياري دوستي، سيئي ڳالهيون مڙيو اچيو ان شخصيت جي تڪميل ڪن. ائين ان جا سيئي پراڻا نوان تجربا ذهن کي لوڏيو وجهن. اسان جو ماڊک سيني پراڻن، نون تجربن جو مالڪ هو. هينئر جڏهن اسين ماڊک جي ياد ۾ اچي هتي گڏ ٿيا آهيون، تہ مون کي لڳي ٻيو ماڊک اڃهو اچي سامهون ويٺو آهي ۽ چوي ٻيو: "يار! عزيز اڄا پندرنهن ڏينهن ٻه ڪونہ ڪتا آهن تہ پاڻ هتي ٽي حيدرآباد ۾ گڏيا هئاسين ، جيئس ۾ ويهي دل کولي ڪچهري ڪئي هئيسين ۽ ٿهڪ ڏنا هئاسين . اڄ آڻون هتي ڪونہ آهيان اوهين ڳالهايو ٿا. ڇا ڳالهائيندا مونتي، ڇا ڳالهائيندا منهنجي شخصيت تي، منهنجي فن تي، منهنجي بي روزگاري تي ۽ منهنجين پوگيل ٻڙائن تي ۽ منهنجن دوستن تي ؟! جيستائين ميز ٽيبي ۽ شاهد جي حوالي سان هوندي تہ گالهائيندا، جيستائين شوڪت شوري، مدد علي سنڌي ۽ امداد جي ياريءَ جي ناتي سان نہ گالهائيندا ۽ جيستائين جام ۽ مهر جي سات جي ناتي

مونتي نہ ڳالهائيندا تہ پوءِ اوهان جو ڳالهائڻ نہ ڳالهائڻ جي برابر آهي.

مونکي ياد آهي ڪراچيءَ جي ڪيترن ريسٽورنٽس ۾ مون ماڊ ۽ شاهد ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحث ڪيا هوندا. ان وقت ماڊ نظرياتي مضمون لکندو هو، جنهن اداري ۾ ڪم ڪندو هو ان اداري جي پاليسين کي اجاگر ڪندو هو، پر اهو سڀ ڪجهه نوڪريءَ جي حد تائين. آفيس کان ٻاهر اچي منجهيل ماڻهن جون منجهيل ڪهاڻيون لکندو هو. آئون چوندو هوس! "يار منير تو ۾ ڪٽي ڊاڪٽر هائڊ ۽ جيڪال جو روح تہ نہ سرايت ڪري ويو آهي؟" پر نہ اهو سڀ ڪجهه اڄ نوجوان جو الميو آهي. منير جي شروعات هڪ نظرياتي ليکڪ سان ٿي، هن ۽ اسان گڏجي ڪم ڪيو؛ پر پوءِ هو سڀني کان ڇڄي الڳ ٿي ويو. هن سماج جي مختلف ڪردارن کي پنهنجي ذات جي لاڳاپي سان ڏسڻ شروع ڪيو ۽ مختلف ڪردارن جي معروضي ڪردار نگاري ڪندي ڪندي، جڏهن Subjectve ڪردار نگاري ڪرڻ لڳو، تہ ڪيترن دوستن ساڻس ناراضگي ڏيکاري.

ماڊ هر دور جو ليکڪ هو ۽ هر دور جو ليکڪ آهي. هو سمجهندو هو تہ اسان جي Subjecti Feeling متاثر ٿي ٿئي، اسان جي وايو منڊل (Socialcircumstances) کان. اسين ۽ اسان جو ذهن بذات تہ ڪجهه ڪونهي (جيتوڻيڪ سڀ ڪجهه آهي) جيڪي ڪجهه آهي، نتيجو آهي، قل آهي اسان جي ماحول جو.

"لڙهندڙ نسل" جا ڪردار اڄ هتي اسان جي سامهون ويٺا آهن ۽ سماج جي سڀني طبقن ۾ به موجود آهن. جي اهي سڀ ڳالهيون صحيح آهن، تہ پوءِ ڏوهہ ڪنهن کي ڏجي؟ نئين نسل جي لڙهندڙ Moral کي يا ليکڪ کي! اهي سڀئي ڳالهيون جيئن مون مٿي چيو آهي ماڻهن کي چرڪايو وڃن؛ پر نہ ماڊ چرڪندڙ ماڻهن مان ڪونہ هو هن نواڻ کي ۽ نون تجربن

کي قبول ڪيو.

جتي ماڊڪ اقتصادي، سياسي ، سماجي ۽ ديسي غلامي جي بدترين انساني پستيءَ جا بخيا ادبيڙيا، اتي لڙهندڙ نسل جي حالت ڏسي ان ماحول کان ونجي، پنهنجي وجود ۾ پنهنجيون ۽ پرايون ويرانيون سموئي هڪ وڏي بحران جو شڪار ٿي ويو. انهيءَ بحران ڪي ڪري هن کي هڪ نئين تجربي مان گذرڻو پيو. هي تجربو اجنبيت (Alienation) جو تجربو هو. اها اجنبيت نتيجو هئي خارج جي Observation کانپوءِ داخلي حقيقتن ۾ ذات جي گهري ۽ گهاڻي Envolvement جو. هونئن ب داخلي ۽ خارجي حقيقتن جو جتي ٽاڻ ۾ تضاد (Contradiction) ٿئي ٿو، تہ اهو تضاد سماجي ناتي سان ذاتي شعور جي وهڪري کي اڃا تيز ڪري ٿو ۽ اديب کي ڪرڪيگارڊ، ڪافڪا، دوستو وسڪي، چيخوف، سارتري ۽ سلويا پاٽ جي سطح تي آڻيو بيهاري. جڏهن شخص خارجي دنيا جي جبر، ڏاڍ ۽ اڌول بيرحميءَ اڳيان پاڻ کي بي وس ٿو محسوس ڪري تہ پوءِ هو پنهنجي سڃاڻ (Identity) وڃايو ويهي ۽ پنهنجي سڃاڻپ وڃائي ويهڻ واري ڪيفيت کيس Alienation جي اوڙاهہ ۾ ڌڪيو ڇڏي. پوءِ اهو اوڙاهہ ڪڏهن مايا ڪو وسڪي، ڪڏهن هيمنگوي ڪڏهن سلويا پاٽ ڪڏهن ايناسيڪستن ڪڏهن بيريتين ۽ ڪڏهن مانيٽي جهڙا پيارا انسان اسان کان کسيو وڃي ، تہ وري ڪڏهن جواني ۾ ٽي شيلي، ڪيٽس ، عالماڻي، حفيظ، ثميره، ماڊڪ ۽ پين ڪي اسان کان ڇنيو ڇڏي .

هونئن ب Alienation ، فراريت، Escapism ، ناڪاريت Nihilism ۽ مزاحمت Resistance جي صورت ۾ ٽي جُلهہ ڪندي آهي ۽ ائين اسان جو دوست پهريائين فراريت ، پوءِ ناڪاريت جو شڪار ٿي مزاحمت ڪندي ڪندي ٽڪجي اسان کان الڳ ٿي وُيو ۽ ويندي ويندي چوندو وُيو :

وُڃڻ ڏي

محبوب مونکي وڃڻ ڏي
ويندس هليو ويندس
ويندس اڏري، ويندس
بڌجي ڪونج، ڪري ڪرڙاٽ اڏري ويندس
وري نہ ورندس
وري نہ موٽي تنهنجي ديس ايندس
ويران وسندين ۾ اچي نہ آباد ٿيندس
ايڏو ڪر ايثار
وڃڻ ڏي، محبوب مونکي وڃڻ ڏي ....

●

"گهڻن سالن کان مون سنڌي ڪهاڻي نويسن ڏي وشواس ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي . ايڪڙ بيڪڙ ڪهاڻي اچي ٿي. باقي سڀ جهونو، رکيل ۽ ردي مال آهي. ڪيترو مال آهي جنهن جي چئجي تہ پئڪنگ سٺي آهي- پر اهو مال وڌيڪ دوکو ڏيندڙ آهي ."

- ڪويتا پشپ

بيئل دل جي خبر / مظهر مهمد

ماڻڪ سان منهنجو گهڻ منهون لاڳاپو هو. هڪ ته دوست فرد وارو لاڳاپو، جيڪو مونکي زندگيءَ جو لاڳيتو ۽ هوند جو احساس ڏياريندو هو. اهو ضروري ناهي ته ماڻڪ کي اها جاڻ هجي، ڇو جو اسان سڀ جاڻي ٻجهي يا اڻجاڻائيءَ ۾ هڪ ٻئي جي زندگين کي ڪو نئون دڳ، ڪو نئون احساس ڏئي ويندا آهيون؛ اهو نئون دڳ ڪيسي گرم ڪرڻ جي ڪا وات به ٿي سگهي ٿي، ته ساڳي وقت اهڙو هاڪاري ورتاءُ به اهڙو ورتاءُ جو فرد کي جيئڻ ويل ۽ مرڻ کان پوءِ به حالتن جي قلهيار کان متاهون ڪيو بيهاري. سان اڃا تائين پاڻ ته ماڻڪ جي موت ۽ ان کان اڳ واري وقت جي چڏيل اثر جو پورو تجزيو نه ڪري سگهيو آهيان، ها هڪ مهل آمهل ڪنهن ڏنگ جو احساس ضرور ٿئي تو، "پر شايد اهو اسانجي بائلاجيڪل سسٽم جو پاڻ مرادو ۽ اڻ روڪ رد عمل آهي."

ماڻڪ سان منهنجو سماجي گانڍاپو پڻ هو. جيتوڻيڪ اسان ۾ ادب، زندگيءَ جي معنيٰ، سياست ۽ اهڙن ٻين موضوعن جي سلسلي ۾ وڏا اختلاف هئا، پر اڄ جي ادبي وڏيرا شاهيءَ وارين روايتن جي خلاف اسان هڪ ٻئي کي هٿو ۽ ٻڌايو، ملندا رهياسين ۽ پرپٽ ڪات ڪونہ هنياسين.

سندس ڪهاڻين جي مجموعي تي تبصرو ڪندي مون لکيو هو ته "حقيقت (وهندڙ زندگيءَ جي پس ۽ پيش منظر ۾) جي مختلف رخن کي الڳ الڳ تخليق ڪرڻ سان، ڇا اسان ڪڏهن به سمپورڻ حقيقت جو اپياس ڪري سگهنداسين." جيتوڻيڪ مونکي ان جو جواب نہ ملیو آهي پر هڪ جواب ضرور ملیو آهي: اهو ته اسان ڪوهه جا ڏيڏر آهيون، سماجي ۽ ادبي لاڙن، نظريي ۽ مجموعي طور انساني زندگيءَ جي ڪيتر ۾ شعوريءَ يا غير شعوري طرح اڃا اسان اهو سمجهيو پيا

ملون ته فرد يا گروپ جي صورت ۾ اسان جتي بيٺا آهيون ، سچائيءَ جون سڀ ڌارائون اتان نڪرن ٿيون. اسان مان جيڪي اهو ورتاءُ ۽ ڪنهن سياسي مصلحت جي ڪري نٽا رکن اهي يقينن مشاهدي جي اٿهوند جا ڏنگيل آهن.

ماڻڪ هڪ مڪمل لاڙو رکندڙ انسان هو ۽ ادب ذريعي ان جو ڪليل ۽ ڀرپور اظهار ڪيائين. اڄ جڏهن ته ٽولي بازيءَ جي ڪري لکڻ ۽ ڇپجڻ سولو ٿي ويو آهي (ادبي معيار کي پري رکندي) شايد اسان اهو احساس نه ڪري سگهون ، ته ماڻڪ بنا ڪنهن گروهه/ٽولي جي اڪيلي سر لکڻ ۽ جيئڻ لاءِ چا چا نه ڪيو هوندو، جيتوڻيڪ اها سڄي خبر سندس بيئل دل ٻڌائي ٿي .

ڪلام

(پاڳو پهريون)

ڪلاسيڪل شاعرن جو ڪلام

ڏوهيڙن سميت

عابده پروين جي چونڊ

ٽڪڙ پبليڪيشن جو هڪ اهم ڪتاب

مهاڳ : امداد حسيني

ٽينڊي مان پانڌاڙ

ٽڪڙ ۾ هر ماڻهوءَ تي ٻه نالا ته هوندائي هوندا آهن. هڪ مائٽن جو رکيل ۽ ٻيو گوٺ وارن جو رکيل. هاڻي ٻه اها پر هلندي ٿي اچي؛ پر هيءَ گاله، ٽڪڙ جي اوج وارن ڏينهن جي آهي. "بچل" تي اهو نالو ته مائٽائڻو هو؛ پر گوٺ وارن مٿس "ٽينڊو" نالو رکيو؛ ٿلهي "بچل" چوڻ سان کيرکيس سڃاڻندو به نه هو؛ چاڪاڻ ته گوٺ ۾ ٻيا ٻه "بچل" هئا، جيئن "بچل گگني" ان کري جنهن "بچل" جي هيءَ ڪٿا آهي، اُن کي مايون، پار، جوان، پڪا توڙي پوڙها.... سڀ کيس "بچل ٽينڊي" جي نالي سان ئي سڏيندا هئا. جتان لنگهندو هو، اُتان: "ابا ٽينڊيا ...." "پائو ٽينڊيا" "چا چاـ ماما ٽينڊيا" پڌي کن ئي پڇي پيس ـ نمٽ هڪ ڏينهن هلي ويو حافظ حامد وٽ ۽ کيس چمائين: "حافظ، هي پلاند اٿئي، منهنجو نالو مٽائي!" حافظ حامد کيس چيو: "ٺيڪ آهي، مٽائي ونبي اڄ!" هو "پاروءَ" جي دڪان تان مٽائي ونبي آيو ۽ حافظ حامد کيس ساڻ ڪري بازار جي مکيه چونڪ تي اچي ٻيٺو. اڳين- وچينءَ جي مهل هئي؛ بازار ۾ ڪلهي گس لڳي پيئي هئي. "بابا ـ ٻڌو ـ ٽڪڙ جا ماڻهو ٻڌو!" حافظ حامد جي آواز تي ماڻهو کيس ميڙاکو ڪري ٻيهي رهيا؛ سندس پاسي ۾ "بچل ٽينڊو" به ٻيٺو هو. حافظ حامد، "بچل ٽينڊي" جو هٿ مٿي کڻي چيو: "بابا ـ اڄ **بچل** تان **ٽينڊو** نالو لاٿو ٿو وڃي ـ اڄ ڪانپوءَ کيس **بچل ٽينڊو** نه؛ پر **بچل پانڌاڙ** سڏيو وڃي!" ۽ اُن پل ڪانپوءَ هو "بچل پانڌاڙ" مشهور ٿي ويو.

ـ امداد حسيني

مان آلن مان آڻان ٽو

تحرير : ڊينيسي ولئيمز / ترجمو :- آغا سليم

* فينڪس دانهن ڪئي

(ڊي-ايڇ لارنس جي موت تي لکيل ڊرامو)

ليکڪ جو مهاڳ :-

هن خيالي ناڪي جو عمل فرانس جي دوآپي ۾ ڏيکاريل آهي جتي ڊي-ايڇ. لارنس فوت ٿيو. لارنس جي موت کان اڳ لنڊن ۾ ٿهيل تصويرن جي نمائش ٿي هئي. فني لحاظ کان هن جون تصويرون اوائلي هيون پر مواد جي لحاظ کان جسم، حواسن ۽ جنس جي موضوع سان تعلق رکندڙ هيون. هن جي انهن تصويرن سان گوڙ مچي ويو. پوليس تصويرون پنهنجي قبضي ۾ ورتيون ۽ انهن کي باهه ٿي ڏنائون پر ڪورٽ مان حڪم نامون حاصل ڪري کين ائين ڪرڻ کان روڪيو ويو.

لارنس جي ڪتابن تي جيئن ماضيءَ ۾ بندش پوندي رهي هئي تيئن انهن ڏينهن ۾ به هن جي انسان جي جنسي جذبي جي گهري مطالعي تي لکيل ناول "ليڊي چيٽرلي جو عاشق" تي بندش پئي.

لارنس انسان جي جنسي جذبي جي قوت ۽ اسرار کي محسوس ڪيو ۽ ان جذبي کي حياتيءَ جي بنيادي ۽ سڪ

---

* فينڪس :- هڪڙو خيالي پکي جنهن جي چهنب ۾ ست سؤ هوندا آهن. ڪنهن ڏينهن هو ديپڪ راڳ گائيندو آهي ۽ هن جي ساري وجود ۾ پنهنجي ٿي راڳ جا آلا پڙڪي پوندا آهن ۽ هو انهن آلن ۾ سڙي رک ٿي ويندي آهي. وري جڏهن مينهن پوندو آهي ۽ مينهن جون بوندون هن جي رک تي پونديون آهن تہ هو وري جيئرو ٿي پوندو آهي.

قوت سمجهيائين ۽ سڀ زندگي انهن ماڻهن سان مقابلو ڪندو رهيو جن ان موضوع کي دور انديشيءَ جي پڙدن ۾ لڪائڻ ٿي چاهيو.

لارنس جي ڪن نظرين جهڙو ته عورت کي مڙد جو محتاج سمجهڻ، هن جي ليکڻين ۾ مونجهارو پيدا ڪري ڇڏيو پر تنهن هوندي به هن جون لکڻيون زندگيءَ جي اونداهن پاڻن جا عظيم اهرام آهن.

ٽينيسي وليمز، نيو اورلينز، سپٽمبر ١٩٤١

هن ڊرامي جي باري ۾ لارينس جي زال فريدا لارينس جو ڪيبل نوٽ.

ڪتاب جو عنوان ڏاڍو سٺو آهي. مون جڏهن هي ڊرامو پڙهيو ته مان وساري ويٺس ته اهو منهنجي ۽ لارينس جي باري ۾ آهي پر هي دنيا، جنهن ۾ تخليق جنم وٺندي آهي، ان ۾ ائين ٿيندو آهي. ڊرامي جو مرڪزي خيال اها ازلي مخالفت ۽ ڪشش آهي جيڪا عورت ۽ مڙد ۾ ازل کان آهي. اها ازلي مخالفت ۽ ڪشش مون ۾ ۽ لارينس ۾ نه هئي. پر اصل حقيقت ڪا بي هئي، ڪاش! مان ويساه ڏيارينڊ لفظن ۾ بيان ڪري سگهان ته اها ڪهڙي حقيقت هئي.... پر اها ڏکي گهالهه آهي. اها چا هئي؟ اها روزاني عام محبت کان بلڪل نرالي هئي. روزاني عام محبت، تمام جلد محدود ٿي ويندي آهي. اسانجي محبت زندگيءَ وانگر آزاد ۽ زندگيءَ جي لامحدود امڪانن سان پريل هئي جنهن اسان کي هڪ بئي سان ڳنڍي ڇڏيو هو. غربت ۾ ساري دنيا، دنيا جي هرهڪ شيءِ اسانجي هئي. اسان رڳو ساهه کڻڻ جي بدران، هڪ هڪ پل، پوريءَ طرح زنده ٿي رهياسين. جو ڪجهه وهيو واپريو ٿي اهو هڪ نئون ۽ نرالو

تجربو هو. موت جي پس منظر ۾ ڪري هرهڪ شيءِ چٽي ۽ واضح هئي. مرڻو سڀ کي آهي ۽ ڪوبہ "Forest Lawn" موت کي ميساري نٿو سگهي.

لارينس جيڪو اکر لکيو تنهن کي نئين معنيٰ ڏيئي چڏيائين چاکاڻ جو هو هميشه متاچري کان هيٺ اونهاين تائين پهچندو هو. اسان بہ ڪيترائي دفعا متاچري تي رهياسين، پر بہ ٽياسين. لارينس پنهنجي موت کي وڏي جرات سان منهن ڏنو يا ائين چئجي تہ موت ۾ هو زنده رهيو. آخر سڀ کجهہ ختم ٿيو ۽ هو بستري تي پيو هو. مون هن ۾ صحتمنديءَ کي محسوس ڪيو. هو اڃا عزم سان هو. هو وڏي ايمانداري ۽ مڙسائي هٿ سان زنده رهيو.

اڄ هيترن سالن کانپوءِ مان هن لاءِ سوچيان ٿي تہ ائين ٿو لڳي جڏهن منهنجي زندگيءَ جي لات کي ڏڏڙي هير چهي ان لات کي وڌيڪ روشن ڪري وئي جيڪڏهن هن کي موقعو ڏنو ويو تہ هو پين جي زندگين جي لات کي بہ ائين ئي وڌيڪ روشن ڪري چڏيندو.

فريدا اريڪس

ڊرامي جا ڪردار: ڊي-ايڇ-لارنس، فريدا ۽ برٽا.

هنڌ :- وينس، فرانس، ايلپس جو ساڻوندي ڪنارو

مهل :- ٽپهري.

ڏيک :- لارنس Sun Porch ۾ ويٺو آهي جنهن جي ساڄي پاسي سج جي بلڪل ساهون دري آهي. ان ساڳيءَ پت ۾ در آهي، جيڪو سمنڊ ۾ نندڙين پهاڙين جي سنهين چوٽين طرف کلي ٿو. تيز هوا ٽي لڳي ۽ ساڻوندي چولين جو آواز ٿو اچي. لارنس ماڻ ڪيو سمنڊ ڏانهن ٿو نهاري. هن جي پٺيان، ڪاهيءَ پت ٽي سنهري، اڇن ۽ قرمچي تارن سان آٽيل ٻينر لڳل آهي، جنهن تي ٻاه جي آلن جي آڪيري ۾ ويٺل فينڪس پکيءَ جي تصوير ٺهيل آهي.... لارنس جي سپ ڪان پياري علامت!

لارنس ماڻ ويٺو آهي. هن جي ڏاڙهي ٻاه جهڙي آهي ۽ پڪل ڳاڙهم سري متيءَ جهڙي رنگ وارو منهن سانيتڪو آهي. هن جا هٿ هن جي مٿان پيل چوڪڙيز واري ڪمبل تي رکيا آهن. انهن هٿن زندگيءَ جي جي زبردست مادي کي جهلي پلاسٽڪ وانگر پلٽي چڏيو هو. هن جون آگريون ويلئس جي ڪاٽين ۾، ڪوئلو ڪيڻ وارن مزورن جي آگرين جهڙيون آهن. انهن آگرين تي سُنهري وار آهن ۽ آگرين جا ڏوڏا آپريل آهن. هن جون آگريون پيڪوڙيل آهن، جيڪي هن جي اندر جي بي چينيءَ کي ظاهر ٿيون ڪن. هن جون ٿورڙيون ويڪريون ناسون ايترو تہ آهستي ساهہ ٿيون ڪڻن، جو ائين ٿو لڳي جڻ سندس ساهہ جي سنهڙي تند هلڪي سٽ سان ڇڇي پوندي. مخالفن سان منهن ڏيڻ لاءِ پيدا ٿيل انسان، اڄ اهڙي شيءَ سان مهاڏو اٽڪائي ويٺو آهي، جيڪا هن جي پهچ کان ٻاهر آهي.

ڪيس پنهنجي غضب، تي قابض رهڻو آهي، ان ڪري هو چوڪڙين واري ڪمبل ۽ هلڪي گاڙهي رنگ جي شال ويڙهي مان ڪيو ويٺو آهي .... هن ڪي ڏسي اندازو ٿئي ٿو، ته چيٽر پنجوڙ ۾ ڦاٿو آهي، پر اڃا هن هار نه مڃي آهي .

فريدا اندر اچي ٿي. اٽڪل پنجاهه ورهين جي قدآور عورت .... ڏند ڪٽائن جي ارون ديوتا جي انهن خدمتگار ٻانهين جهڙي جيڪي فيصلو ڪندين آهن ته جنگ ۾ ڪير ڪير قتل ٿيندو. هن جي هٿن ۾ نفاست سان ويڙهيل پيڪٽ آهي .

لارنس :- (ڪنڊ ڦيرڻ ڪانسواءِ) اهو ڇا آهي ؟

فريدا :- ٻاهر چائنٽ وٽ ٻيو هو

لارنس :- مون ڪي ڏيکار

فريدا :- رڪ واري جو نالو ۽ ائڊريس لکيل نه آهي .... مون درياءَ مان هن جي ٿوري جهلڪ ڏني هئي

لارنس :- ڪا عورت هئي

فريدا :- ها ....

لارنس :- هون ....

فريدا :- نيرو جيڪٽ پاتل پڪي وهيءَ جي ٽڪل ڪنوار.... هن پيڪٽ پورچ ۾ رکيو ۽ موڙ، دروازو کوليو ته ان ڪان اڳ پهاڙيءَ تان چڙ ته رڙهندي لهي وڃي

لارنس :- (هن جي آواز ۾ چڙ ايندي ٿي وڃي) اهو منهنجي لاءِ آهي نه ؟

فريدا :- ها تنهنجي لاءِ آهي

لارنس :- ته ٻوءِ مونکي ڏي .... بيوقوف عورت ، تون سمجهين ڇو نه ٿي

فريدا :- منهنجو خيال هو ته سڄ جي ڪري تنهنجو سياڻ ٿيڪ ٿي ويو هوندو

لارنس :- سچ تہ منهنجي طبيعت وڌيڪ خراب ڪري ڇڏي. ساري منجهند مان ۽ سڄ هڪ ٻئي جا ويچارا ڪيندا رهياسين. مون سڄ ڪي چيو "پوڙهي ڪتي مون کي نيڪ ڪر مون کي طاقت ڏي، منهنجا هٿ جهلي مون کي هن ڪرسيءَ مان کڻ؛ پر سڄ بہ بنھ Hansfran جهڙو آهي، جيڪا ڊاڪٽ کي ڀهاري ڏيندي رهي ۽ ٻڌئين نہ تہ مان هن کان ڇا جي بيڪ ٿو گهران. مان هن کي ڏوهہ نٿو ڏيان. مان بہ بيڪ گهرڻ وارن ڊانهن گهٽو ڏيان نہ ڏيندو هيس. مڙد کي بيڪ گهرڻ نہ گهرجي. مڙد جيڪي چاهي ان تي کيس قبضو ڇمائڻ گهرجي. دشمن جي هٿان کسڻ گهرجي. جيڪڏهن هو وڃي نٿو سگهي، کسي نٿو سگهي تہ پوءِ هن کي ان شيءِ جو خيال ئي دل مان کڏي ڇڏڻ گهرجي ۽ ڪجهہ نہ ملڻ تي مطمئن ٿيڻ گهرجي. هيڊانهن ڏس (هن پيڪيٽ کوليو آهي) سنگترن جي مربي جي برني (ڀاراڻي خوشيءَ سان مرڪي ٿو) هن برنيءَ ۾ آگسٽ جو مهينو بند آهي

فريدا :- اهو مربو نيرن ۾ ڪائجانءِ

لارنس :- (سنهري ڏاڪو کوليندي) جيستائين جيئرو آهيان تيستائين نيرن ۾ هي مربو ڪائي سگهندس .... فريدا ڏس تہ هيءَ برني بہ پوريءَ سائز جي آهي

فريدا :- اجايون گالهيون نہ ڪر (هن کان برني وٺڻ جي ڪوشش ڪري ٿي؛ پر لارنس ٻليءَ واريءَ ڦرتيءَ سان جهٽ هٽي هن جي ٻانهن کي جهلي ٿو)

لارنس :- ڇڏ بيوقوف ان کي ڇڏ

فريدا :- (کلندي) آلا ! لارنس. تو ۾ اڃا ڇڪي طاقت آهي

لارنس :- تو ڇا ٿي سمجهيو

فريدا :- مون کان وسري ويو.... ٻوٽين ڏينهن ۾ ٿون مون سان

چگو ٿي هلين نہ

لارنس :- ۽ تو سمجهيو تہ تو مونکي پالتو بنائي ڇڏيو آهي

فريدا :- ها. پر مونکي چگيءَ طرح سمجهڻ گهربو هو. مونکي خيال ئي ڪونہ هو، تہ تو پنهنجي اندر ۾ ڇا ويڙي ڪيو ڇالاڪ لومڙ، مٺان پيلو ليپ هڻي، تون سارو ڏينهن گاڙهي سڄ کي پنهنجو پاڻ ۾ جذب ڪندو رهين ۽ ان کي سون ٿي اوگاڇڻ لاءِ زهر ۾ بدلائيندو رهين

لارنس :- مون تہ ڇار ٿي آڇيو.... چمڪندڙ لوهي ڇار، تہ جيئن تو کي جهلي سگهان. ڇالاڪ عورت سمجهيئہ جيڪڏهن ان ڇار مان پاڻ ڇڏائي سگهين تہ بيشڪ ڇڏاءِ

فريدا :- (ڪلندي) آلا. تون تہ مونکي ڏکوئين ٿو

لارنس :- (آهستي ڪيس ڇڏي ٿو) ڪوڙ نہ ڳالهاءِ.... تو ۾ زندگيءَ جي قوت آهي. تو کي خدا ايتري گهڻي قوت ۽ مونکي ايتري ٿوري قوت ڇو ڏني. تون ڇاهين تہ منهنجي هانهن کي سڪل ڪانيءَ وانگر ڀڃي سگهين ٿي

فريدا :- نہ نہ.... تون هميشہ طاقتور رهيو آهين. مان ڪڏهن توتي حاوي ٿي سگهيس؟

لارنس :- (آرام سان) تون مون تي حاوي ٿي نٿي سگهينءَ (هن جو ساهہ منجهڻ ٿو لڳي) هيءَ برني دريءَ ۾ رک

فريدا :- (برني کڻي وڃي ٿي) اڙي، هن تي تہ هڪڙو ڪارد بہ لڳل آهي.... تنهنجي پرستارن مان هڪڙي پرستار جي پاران.... ۽ هئي طرف لکيل آهي مسٽر لارنس. مان تنهنجي پوڇا ڪندي آهيان، ان ڪري جو مونکي خبر آهي تہ رڳو خدائي زندگيءَ جي باري ۾ ايترو ڄاڻي ٿو....

لارنس :- جيتوڻيڪ مان پنهنجي خدا کي گهوڙ ۾ ناڪام ٿيس. پر ڄاڻيان ٿو تہ مون نيري جيڪٽ واري ان نامعلوم ڪنواريءَ لاءِ اتفاق سان هڪڙو خدا خلقي ڇڏيو....

۽ پنهنجي ديوتا جي قربان‌گاه تي هوءَ مربي جي نازڪ برنيءَ جو نذرانو کڻي آئي آهي! ڪيڏي نه معمولي عورت آهي! مينهن ۾ جبل جي لاهين تان پٿجي رڙهندڙ نديڙن پٿرن جهڙا ڏرتيءَ جا نديڙا ۽ معمولي جيوَ اهڙي عظيم غير اعتقادي جا حامل ٿيندا آهن. هو پنهنجي خدا کي گولي لهندا آهن۽ڪيس مربي جو نذرانو پيش ڪندا آهن. جيڪڏهن مان پنهنجي خدا کي گولي لهان .... گولي سگهان ته مان پنهنجو سينو چيري پنهنجي دل کي هن جي اڳيان باهر ڏيندس

فريدا :- تون تندرست ٿيندو ٿو وڃين

لارنس :- تو اهو اندازو ڪيئن لڳايو

فريدا :- تون منهنجي باري ۾ جذباتي ٿيندو وڃين. تون پنهنجي باري ۾ صحيح اندازو لڳائي نٿو سگهين. تون حضرت عيسيٰ کي قبول نه ڪرين ها، چاڪاڻ جو هو توکي ٺيڪ ڪري چڏي ها، توکي پنهنجي حقيقي صليب جي لڙڪن مان ڪيڏو مزو اچي ها!

لارنس :- هن وقت تنهنجو ڪنڌ منهنجي هٿن ۾ هجي ها ته....

فريدا :- (هن جي سامهون گوڏا کوڙي) منهنجو ڪنڌ حاضر آهي .... مونکي گهٽو ڏيڻ چاهين ته بيشڪ ڏي

لارنس :- (نرميءَ سان هن جي ڪنڌ تي آگريون ڦيري ٿو) فريدا، تنهنجو چا خيال آهي چا هڪ دفعو وري مان نيو ميڪسيڪو واپس وڃي سگهندس

فريدا :- چونه! لارنس تون جيڪي چاهين سو ڪري سگهين ٿو. اهڙي ڪا رڪاوٽ ڪانهي جنهن کي ٽپي يا ان جي هيٺان لنگهي يا ان کي ڏکو ڏيئي تون پري نه ڪري سگهين

لارنس :- تنهنجو چا خيال آهي ته ڪڏهن مان اچي طاقتور گهوڙي تي چڙهي ريگستاني واچوڙي وانگر وڃي سگهندس ....

مان ادبي ماڻهو نه آهيان .... مان ڪتابن کان ٽڪجي
پيو آهيان. هتي ڪوبه اهڙو ڪونهي جيڪو سمجهي
سڌهي ته ان کان وڌيڪ چڙ ڏيارينڊ مذاق ٻيو
کهڙو ٿي سگهي ٿو ته مون جهڙي انسان جي زندگيءَ
جو اظهار ڪتاب هجن.

فريدا :- نه ته تنهنجي زندگيءَ کي کهڙيءَ صورت ۾ ظاهر ٿيڻ
گهربو هو

لارنس :- ڪنهن نه ڪنهن وحشي عمل جي صورت ۾. مان رڳو ايترو
ڪري سگهيس جو هن دنيا ۾ عورتن، مسودن ۽ بي هوده
رحجانن جو واڌارو ڪيم. ظاهر طور ته اخلاقيات،
ڪوڙي شرم ۽ عقليت جي بورزوا تصورن ۽ انهن خارجي
قوتن سان وڙهندو رهيس، جيڪي اصل ۾ خارجي نه هيون.
منهنجو اصل مقابلو منهنجي اندر ۾ ويٺل ننڍڙي عورت
سان هو. نيرو جيڪٽ پاتل پڪي وهيءَ جي ڪنواري....
جيڪا ان ڪان اڳ جو خدا مونکي منهنجي سڌ جو
جواب ڏي اک جهپ ۾ پهاڙيءَ تان لهي وئي .... هاڻي
مان وري ريگستانن ڏانهن موٽي وڃان ٿو چاهيان، ته
جيئن وري وحشي ٿيڻ لاءِ پاڻ پتوڙي سگهان، مان
"لوبلاس" تي بيهي ڏهن ميلن جي فاصلي تان ان مينهن ۽
طوفان کي ڏسڻ ٿو چاهيان، جيڪو چانديءَ جا فوجي
توپ پائي مارچ ڪندڙ ديون جي لشکر رانگر وڌندو
ٿو اچي!

فريدا :- ڪير ٿو چئي ته تون ائين ڪري نٿو سگهين

لارنس :- تون .... توکي خبر آهي ته مان ائين ڪري نٿو سگهان....
منهنجي اندر جو وحشي مڙد مري چڪو آهي ۽ عورتن
۾ موت کي محسوس ڪرڻ لاءِ ڇهون حواس هوندو
آهي. هو موت جي آمد کي ان وقت ئي محسوس ڪرڻ
شروع ڪندو آهن، جڏهن موت جو اڇا آغاز ئي نه

ٿيندو آهي .... مان تہ سمجهان ٿو تہ اهي عورتون ئي آهن، جيڪي موت کي اندر اچڻ جي اجازت ڏيندیون آهن .... هو سُس پُس ڪري موت کي آڳر جي اشاري سان اندر سڏيندیون آهن ۽ پنهنجي چوغي مان اونداهي دروازي جي چابي ڪڍي هن کي ڏيندیون آهن

فريدا :ـ ائين نہ آهي. عورتون زندگيءَ جي آمد جي قيمت ادا ڪندیون آهن ۽ پوءِ ساري زندگي پنهنجي ٻانهن سان ان دروازي تي صليب جو نشان ٺاهي بيهندیون آهن، جنهن دروازي مان موت اندر اچڻ چاهيندو آهي. مڙد موت سان پيار ڪندا آهن .... عورتون نہ ڪندیون آهن. مڙد هڪ ٻئي کي گهاوَ ڏيندا آهن ۽ عورتون انهن گهاون سان وهندڙ رت کي روڪيندیون آهن.

لارنس :ـ ها .... رت کي پي روڪيندیون آهن .... چگو هاڻي مون کان پري ٿيءُ .... مون کي ايڏي ڇڻ جي ضرورت نہ آهي (فريدا پنهنجا هٿ پري ٿي ڪري) تنهنجون هي آڳريون مونکي ڪمزور ٿيون ڪن .... منهنجي بٽ مان ساري قوت نچوڙي ٿيون وڌن.

فريدا :ـ نہ نہ .... منهنجا پيارا، هي آڳريون تہ ان قوت کي واپس ٿيون آڻين.

لارنس :ـ مان توکان هڪڙو واعدو وڌ ٿو چاهيان .... مان مرڻ وارو آهيان .... جڏهن مان مرڻ تي هجان، تہ خدا جي واسطي فريدا ان وقت مونکي اڪيلو ڇڏي ڏجانءَ .... ان گهڙيءَ مونکي نہ ڇهجانءَ .... نہ تون پنهنجا هٿ منهنجي پيشانيءَ تي رکجانءَ، نہ ٻئي کنهن کي ائين ڪرڻ ڏجانءَ .... ان گهڙيءَ مونکي ڊپ آهي .... اڻاکو انديشو آهي، تہ جنهن وقت مان مري رهيو هوندس ان وقت بيشمار عورتون منهنجي چوڌاري هونديون ـ جنهن وقت مون مان هنن کي اندر اچڻ کان روڪڻ

جي طاقت ختم ٿي چڪي هوندي .... هو سيني درن
۽ درين مان اندر گهڙندڙيون ايندڙيون .... جڏن جي صورت
۾ .... گيرن وانگر گهمگهوڙ گهوڙ ڪندڙيون .... پار ڪيندڙيون
جلندڙ فينڪس کي پنهنجي گهيري ۾ وٺندڙيون .... هنن
جي اکين مان ٽمندڙ نندڙا نندڙا لڙڪ ۽ چمڙين منهنجي
اکين ۽ منهن کي ڍڪي ڇڏيندڙيون .... دلربا ايما ....
ڪنواري برتا .... ۽ کي گهٽ ٿ کي تمام گهٽي
جنسي قوت واريون عورتون ان جڏي ۾ شامل هوندڙيون،
جن مونکي پنهنجي منجهيل ۽ گڏيل جنسي قوت جو
ڪشف سمجهيو .... هو پنهنجي ساهم پوساڻيندڙ منهن
سان موڪي ايندڙيون .... مان اهو نڏو چاهيان .... مان
ائين مرڻ ڏو چاهيان جيئن اڪيلو پوڙهو جانور مرندو
آهي .... منهنجي دل ٽي چوي ، ٿ مان ڏاڍي شدت
سان .... ڏاڍي پاڪيزگيء سان ائين مران جو منهنجي
اندر ۾ نفرت ۽ خوف جهڙن سخت شين کانسواءِ ٻيو
ڪجهه نه هجي، جن کي مان پڃاڻيء ٿائين پهچايان ،
تون سمجهين ٽي نه فريدا ....
سون ۾ اجا ٿائين مڙدانگيء جو گهڻو حصو بچيل آهي.
مان ان سان موت سان ملڻ ڏو چاهيان . مان جڏهن
آخري دفعو رت اوگاڇيان ٿ ڏڻيء جي واسطي مونکي
ڪٽي اهڙي بستري تي نه سمهارجانء، جنهن جي چوڌاري
عورتون گهيرو ڪيو بيٺيون هجن .... اهي آخري گهڙيون
مان گهر ۾ نه گذارينڊس .... مان هي دروازو کولي باهر
هليو وينڊس .... باهر ساموندي پهاڙن جي سنهين چوٽين
ڏانهن هليو وينڊس .... ان وقت ڪوبه منهنجي پٺيان
نه اچي .... اها گاله ياد رکڻ تمام ضروري آهي فريدا
ٿ مان اڪيلائيء ۾ مرڻ ڏو چاهيان، بلڪل اڪيلائيء
۾ .... ساموندي پهاڙن جي چوٽين ۽ ساموندي پاڻيء

جي سات ۾ .... منهنجي متان آس ۽ ستارن جي ٽڏي روشني هجي .... پيو ڪجهه نه .... نه ڪو هٽ .... نه ڪا پانهن .... نه ڪي چپ ۽ نه عورتون .... بي رحم فطرت کانسواءِ پيو ڪجهه نه هجي .

فريدا :- مان ننڍي مچان .... مونکي يقين نٿو اچي ته ڪو چاهيندو هوندو ته مرڻ مهل هن جي ويجهو بي رحم فطرت کانسواءِ پيو ڪو نه هجي .

لارنس :- فريدا، ان جو مطلب ته تون انڪار ٿي ڪرين !

فريدا :- نه نه مان بلڪل راضي آهيان .

لارنس :- تون مون سان واعدو ٿي ڪرين !

فريدا :- ها ها .... چڱو هاڻي تون ڪنهن بي شيءِ لاءِ سوچ ، مان چانهن ڪٽي اچان ٿي .

لارنس :- (اوچتو ڪا شيءِ ڏسي) او منهنجا مولي !

فريدا :- ڇو ڇا ٿيو ؟

لارنس :- هو سُنهري مڇين وارو پيالو ڪٽي هتي منهنجي سامهون دريءَ تي رک .

فريدا :- ڇو ؟

لارنس :- ان ڪري ته جيئن مان انهن جي نظرداري ڪري سگهان .... ان چنڊي ٻليءَ اڄ وري مڇين تي جهپو هنيو هو .

فريدا :- توکي ڪيئن خبر پئي ؟

لارنس :- پهرين ان ۾ چار مڇيون هيون هاڻي ٽي آهن .... اها چنڊي ٻلي وئي ڪيڏانهن .

فريدا :- ٻاهر وئي هوندي .

لارنس :- ته جيئن پنهنجي شڪار کي مزي سان کائي سگهي .

فريدا، اهي مڇيون هتي دريءَ جي چانئٽ تي رک .

فريدا :- لارنس، مڇين کي آس ۾ رکندين ته مري ويندیون .

لارنس :- (کاوڙ ۽ مان) مان چوان ٿو مون سان ايڏي جاڙي نه

هڪ .... مڃيون هڏانهن ڪٽي رک .

فريدا :- (يڪدم اٿي ڇين وارو پيالو ڪٽي دريءَ وٽ رکي وڃي ٿي) تون اڄ ايڏو ڪاوڙيل ڇو آهين ؟

لارنس :- منهنجو خيال آهي ، ته تو پاڻ هڪڙي سنهري مڇي ٻليءَ کي ڏني آهي .... تون ائين ڪري سگهين ٿي .... تون ۽ ٻلي، ٻئي هڪ جهڙيون آهيو ، ٽلهيون متاريون، اکين پوريون ۽ بکيون .... ٺيڪ آهي !

فريدا :- لارنس مڇيءَ جي گهالهه تي ايڏو گوڙ .

لارنس :- اها رڳي مڇيءَ جي گهالهه نه آهي ؟

فريدا :- نه ته ڪهڙي گهالهه آهي ؟

لارنس :- هينئر منهنجي قوت ختم ٿي وئي آهي. ان اهو سوچڻ کان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان، ته منهنجي قوت جو حصو توهان جهيڙين ۾ ضايع ٿي ويو .

فريدا :- (اوچتو منهن هٿن ۾ لڪائي ٿي) او .... لارنس !

لارنس :- هي ڇاٿي ڪرين ؟ خدا جي واسطي روئڻ پٽڻ بند ڪر. مون کان برداشت نٿو ٿئي . اهو مون کي وڌيڪ بيمار ڪري ڇڏيندو آهي .

فريدا :- ان سمجهان ٿي ته تون مون کان نفرت ٿو ڪرين .

لارنس :- (ٿوريءَ دير ۾ ڦڪائيءَ سان هن جي ٻانهن کي چمي ٿو) منهنجون گهالهيون دل ۾ نه ڪر .... مونکي توسان محبت آهي. فريدا ان توسان محبت ٿو ڪيان. منهنجي چانهن ۾ ٿورو رَم (Rum) ملاءِ .... ان طاقتور ٿيندو ٿو وڃان، پوءِ ان پاڪي ايترو ڪمزور ڇو سمجهان؟

فريدا :- (هن جي پيشاني چمي ٿي) منهنجي مرضي آهي ته تون بستري تي ليٽي پئ .

لارنس :- بسترو ته ڏامر ٿو لڳي .... ليٽندس ته چنبڙي پوندو.... ڪهڙي خبر ته ان ان کڏهن پاڻ ڇڏائي سگهندس منهنجو نرڙ گرم آهي؟ (فريدا پيار ان هن جي اکين

ٽي هٽ رکي ٽي ۽ لارنس ہارڙن وانگر جھونگاري ٽو)
منگھٽن جي راڻي، او منگھٽن جي راڻي، گھر ڏانھن پڄ
تنھنجي گھر کي باھ لڳي آ، تنھنجا ہارڙا سڙي ويندا.
(ٿورو مرکي ٽو) منھنجي ماءُ جڏھن ہ منگھٽ ڏسندي
ھئي تہ اٿين چو ندي ھئي ..... گھٽا ماٹھو ڳوڙھا ۽ گٻيل شخصيت
وارا ھوندا آھن، ھنن ۾ اھڙي کا خاص ڳالھ کائنہ ھوندي آھي.
فريدا :- (آڻي وڃي ٽي ۽ ہوءَ فينڪس جي بينر ھيٺان بيھي
ٽي) آلا .... پنھنجي شعلن جي آکيري ۾ وينل بھادر
پوڙھو ۽ کاوڙيل پکي .... منھنجي خيال ۾ تون ٿورو
جذباتي ٽي ويو آھين!
لارنس :- اوچتو پورو اڳتي جھکي) ٽن ماٹھن جي چانھن
تيار ڪجانءِ.
فريدا :- ٽيون ڪير آھي؟
لارنس :- برٽا .... اڄ ھوءَ لنڊن مان واپس موٽندي .... منھنجي
تصويرن جي نمائش جون خبرون آڻيندي.
(ڪرسيءَ تان آڻي بيھي ٽو)
فريدا :- ھي چا ٽو ڪرين؟
لارنس :- ھنکي وڃ لاءِ باھر ٽو وڃان.
فريدا :- وٻھي رھ بيوقوف .... مان ھنکي وڃي ٽي اچان .... پر
خبردار جو ھنکي ھن گھر ۾ رھڻ لاءِ چيو اٽيئي ....
اٿين ڪيئي تہ مان ھتان ھلي ويندس (باھر وڃي ٽي).
لارنس :- ڪڙ ڪڙ .... ڪڙ .... ڪڙ، تون سمجھين ٽي تہ مان
اڃا وڌيڪ ڪڙيون پنھنجي چوڌاري گڏ ڪرڻ ٽو
چاھيان (ھو ڪرسيءَ ۾ ھيڏانھن ھوڏانھن ٽئي ٽو ۽ ہوءَ
ڪمبل ھڪ پاسي اڇلائي پيرن تي بيھي ٽو. متي
ڦرڻ جي ڪري ھو ٽاپڙجي ٽو ۽ ڏاڍي ڏکيائيءَ سان
ساھ کڻڻ جي ڪوشش ڪري ٽو .... اگتي وڌي پورچ
جي باھرين دروازي وٽ اچي ٽو پر کنگھ جي زبردست

دوري جي ڪري بيهڻ ٿي مجبور ٿي ٿو .... هو ڪنڊ ڦيري، پريشانيءَ مان ڪرسيءَ ڏانهن ڏسي ٿو) نہ نہ .... لعنت هجيئي .... مان نہ ڪري سگهندس (اکيون ڪٽي فينڪس ڏانهن ڏسي ٿو بهادريءَ سان سڏي ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ پوءِ ٻاهر وڃي ٿو). ٿوريءَ دير ۾ فريدا برٽا سان گڏ موٽي ٿي اچي .... برٽا نندي قد جي خوش باش انگريز عورت آهي، جنهن جون اکيون ٻارن جهڙيون معصوم ۽ آواز تڪو آهي).

فريدا :- آلا .... هو آٽي هليو ويو!

برٽا :- هن‌کي اٽڻ جي اجازت نہ آهي؟

فريدا :- ٿورڙي ٽڪ سان هن کي ٻيو هيمريج ٽي سگهي ٿو ۽ ان ساڻ هو ختم ٽي ويندو .... لورينزو! ڪٽي آهين؟

لارنس :- (ٻاهران) پوڙهي ڪڙ. ڪڙ .... ڪڙ بند ڪر. مان چانهن ڪٽي اچان ٿو.

برٽا :- هن کي وڃي جهل.

فريدا :- هو جهل ۾ نہ ايندو.

برٽا :- مرڻ جي مرضي اٽس ڇا؟

فريدا :- نہ نہ .... هرگز نہ. هن جا ڦڦڙ ختم ٽي ويا آهن پر هو ساهه ٿوکڻي .... هن جي دل صفاگسي وئي آهي پر اچان ڏڪ ڏڪ ٽي ڪري .... ان جدوجهد کي ڏسي مونکي ڏاڍي تڪليف ٽي ٿئي .... ايتري تہ تڪليف ٽي ٿئي، جو دل ٽي چوي تہ هاڻي هو اها جدوجهد ڇڏي ڏي تہ ڇگو منهنجي مرضي آهي تہ هو هار مڃي ۽ جيڪي ٽيڪو هڃي تنهنکي ٽيڻ ڏي.

برٽا :- فريدا ....

فريدا :- هن جو جسم ٽشو پيپر جي ٽهيل اهڙي گهرڙي جهڙو آهي، جيڪو باهه جي شعلن ۾ هڃي .... شفاف پتيون ٻڙڪندڙ باهه ٽي ويون آهن. ماڻهو سري تہ هن جي

روح کي اڳوات ڏي نڪري وڃڻ گهرجي. روح کي
ماس کان اڳ آهستي آهستي مري وڃڻ گهرجي ، تہ
جيئن کو ڏسي سگهي تہ روح کي پناهہ ڏيڻ وارين
جسم جي پتين کي کيئن روح آهستي آهستي ڇاهيندو
ٿو وڃي.

برٹا :- مان نٿي سمجهان.... مان سمجهڻ لاءِ تيار نہ آهيان تہ هو
مري ڇو سگهي ٿو.

فريدا :- چا هو ائين کري سگهي ٿو- جسم کانسواءِ زنده
رهڻ.... اهڙو شعلو ٿيڻ جنهن لاءِ کو پارڻ نہ هجي.

برٹا :- ها. فينکس ائين کري سگهي ٿو.

فريدا :- فينکس خيالي پکي آهي ۽ هو انسان آهي.

برٹا :- هو انسان کان مٿاهون آهي.

فريدا :- مون کي خبر آهي تہ تو هميشہ هن کي ائين سمجهيو
آهي. پر تون غلطيءَ تي هيين.

برٹا :- تو کڏهن بہ اقرار نہ کيو تہ لورينزو ديوتا آهي.

فريدا :- هن سان سمهڻ کانپوءِ..... نہ مان اهو اقرار کري
نٿي سگهان.

برٹا :- جسماني جاڻ کان وڌيڪ بہ ماڻهوءَ ۾ ڪجهہ هوندو آهي.

فريدا :- پر سڀ کان پهرين جسماني جاڻ آهي.

برٹا :- مان نٿي سمجهان.

فريدا :- يوءِ ٽون لارنس جي اهڙا گالهہ بہ نہ سمجهندينءَ تہ
عورت جي جسم کي سمجهڻ کانسواءِ عورت کي سمجهي
نٿو سگهجي.

برٹا :- منهنجو خيال آهي تہ تو ئي رڳو جسم تائين محدود
رکيو آهيس.

فريدا :- واهہ.... جي اهو سچ آهي تہ پوءِ لارنس کي منهنجو
ٿورائتو ٿيڻ گهرجي.

برٹا :- منهنجي خيال ۾ ان ۾ ٿورائتي ٿيڻ جي ڪاگالهہ ڪانهي.

فريدا :ـ گالهه ته پڌ .... جيڪڏهن هو تنهنجي هٿ چڙهي وڃي ها ته ٿوڻ هن کي ڇا ڪرين ها.

برٽا :ـ منهنجي هٿ ..... فريدا !

فريدا :ـ شايد تون هن کي سندس جسم کان ٻاهر ڇڪي ڪڍي اڇين ها. پوءِ هو ڪٽي هڏي ها .... پولار ۾ !

برٽا :ـ فريدا ....

فريدا :ـ توکي خبر ئي ڪانهي ته لارنس ڇا آهي .... لارنس جي حقيقت، هميشه توکان لڪل رهندي. هن جي هر ادبي تخليق جسم جو اظهار آهي. هن کي انهن ماڻهن کان ڪيڏي نفرت آهي، جيڪي ڪوڙي شرم ۽ منافقت، جي ڪري جسم جي سچ کي لڪائيندا آهن.

برٽا :ـ فريدا. اسان وري اهو ساڳيو ٻاراٽو جهيڙو شروع ڪري ڏنو.

فريدا :ـ چگو جهيڙو ختم ٿا ڪيون. پر لورينزو ۾ باقي جو ڪجهه بچيو آهي ان کي چاڻڻ جي ڪوشش نه ڪر.

برٽا :ـ هن ۾ باقي اهو شيءِ رڇي، بچي آهي جيڪا ورهائي نٿي سگهجي.

فريدا :ـ هشت .... چپ ڪر .... هو اچي پيو.

برٽا :ـ (دروازي ڏانهن وڌي ٿي) لورينزو

لارنس :ـ (ٻاهران) منهنجي ٻلڙي، او منهنجي ٻلڙي تون ڪيڏانهن وئي هيئن؟

برٽا :ـ (خوشيءَ مان) لنڊن ۾ راڻيءَ کي ڏسڻ وئي هيس.

لارنس :ـ (ويجهو ايندي) منهنجي ٻلڙي، او منهنجي ٻلڙي آٽي ڇا ڪيئه؟

برٽا :ـ (ساڳي انداز سان) اچي ڪرسيءَ هيٺان ڪوئي ڪي گوليم. (لارنس ٽرالي ڏکيندو دروازي مان ظاهر ٿئي ٿو. برٽا هن کي حيرت وچان ڏسي ٿي.)

لارنس :ـ (هن کي ڏسي) مان سمجهان ٿو .... مان، توکي ڪنهن

سيکڙات جي هٿن جي ٺهيل ممي ٿو لڳان نہ....

برٽا :- (پاڻ سنياليو) نہ نہ.... لورينزو تون بلڪل ٺيڪ ٿو لڳين

لارنس :- اها لالائي نہ آهي.... پر بخار جي تپش جي گاڙهاڻ آهي.... مان سڙان ٿو.... باهم ۾ پيو برانن.... الائجي چو هن وقت تائين رک نہ ٿيو آهيان.... ڊاڪٽر حيران آهن ۽ مايوس ٿي.... منهنجي هن ٽيڙ واري بيوه وانگي.... هيءَ به سڀ اميدون لاهي ويٺي آهي (برٽا اڳتي وڌي ٿي نہ جهڪي چانهن ميز تي رکي ۽ هن جي مدد ڪري) تون منهنجو خيال نہ ڪر.... مان پاڻيهي سڀ ڪندس

فريديا :- هي ڪڏهن نہ مڃندو.... نہ آرام ڪندو....

لارنس :- وري اها ڪڙ واري ٽان ٽان.... پوڙهي ڪڙ. تون مان ڪري ويهي ڪڙ ڪي ڏس. سمجهئيم.

فريديا :- واهم واهم، ان قرمزي شال ۾ تہ تون واقعي آڪڙ وارو ڪڙ ٿو لڳين.

لارنس :- هيءَ شال مون تي ڪنهن وڌي....؟ ڪٿي تو وڌي هوندي (شال لاهي اڇلائي ٿو) برٽا. آرام ڪرڻ سان مون کي ڪڏهن ٻه فائدو نہ ٿيو.

برٽا :- ٿورو آرام ڪر پوءِ پاڻ پيڙيءَ تي سير ڪرڻ هلنداسين.

لارنس :- ها. اسين ٽيئي وري سمنڊ ڏانهن ويندا سين.

روبا.... ڊَب.... ڊَبُ
ٽي بيوقوف، هڪ ٽَبُ
برٽا ۽ فريديا
۽ پراڻو باهم خور

برٽا :- (هن جي ڏاڙهيءَ کي ڇهي) پراٽا باهم خور.

لارنس :- ڏس تہ مان پنهنجي ڏاڙهيءَ کي ڪيئن ٿو ٺيڪ ڪيان (ننڍڙو آئينو ۽ ڦٽي ڪڍي ٿو)

فريديا :- ٿوڀهن هن کي تہ پنهنجي وارن سان عشق آهي:

لارنس :- (ڦٽي ڏيندي) هن کي منهنجي ڏاڙهيءَ کان ساڙ آهي....

سڀ عورتون ، ڏڻ جي ڏاڍي مڃڻ کان سڏنديون آهن....
چاکاڻ جو هو اهڙي شيءَ کي برداشت نه ڪري
سگهن، جيڪا مڙد کي عورتن کان مٿيرو ٿي ٻڌائي.

فريدا :- (چانهن وجهندي) ڀالهه اُن جي جي بلڪل ابتڙ آهي.

لارنس :- بيشڪ هو مڙدن کي پنهنجي جسمن جي اندر وڃڻ
جي اجازت ڏينديون آهن. پر هنن کي اها اميد هوندي
آهي ته هو وري ٻاهر نه نڪرندا ۽ هميشه لاءِ هنن
جا قيدي ٿي رهندا.

فريدا :- واهه ڪڙي ڪنواري عورت جي ٻڌڻ لاءِ ڪهڙي نه
سٺي گفتگو آهي.

لارنس :- ڏنئم برٽا هائي هيءَ تنهنجي ڪنواري هجڻ جو مذاق
پئي اڏائي.

فريدا :- مان هن جي ڪنواري هجڻ جو مذاق اڏائيندس ! مون کي
ته هن سان ريس ٿي ٿئي ته هيءَ ڪيتري نه خوش نصيب
آهي جو هن کي ڏينهن ۾ ڪيترا ڀيرا اهو ٻڌڻو نٿو
ٻوي ته حياتيءَ جي اصل قوت مڙد آهي ۽ ويچاري
عورت حياتيءَ جي مادي جو رڳو هڪڙو مفعول
ڪرو آهي.

لارنس :- مون کي ڏهن ۾ مفعول نه چيو آهي پر مون هميشه
خطرناڪ چيو آهي (ڦٽي رکي پاڻ کي آئيني ۾ ڏسي
ٿو) مان ڏسڻ ۾ شيطان ٿو نظر اچان؟

فريدا :- ٻڌ برٽا ، هن جي ٻاري ۾ هن جا نظريا هاڻي ڪائناتي
ٿيندا ٿا وڃن .... صبح جو سج اپرندو آهي ته خير ٿي
ته هي ڇا ڇوندو آهي .... نه مان اهو ورجائي نٿي
سگهان .... ۽ ڏهن سج لهندو آهي ڏهن .... خير اهو
ٽون پاڻ پنهنجي ڪنن سان ٻڌجانءَ.

لارنس :- (کلي ٿو) ها.... مان همیشه ڏکڙو جملو ڇوندو
آهيان .... هي تي منٽ انتظار ڪر. ٽون پاڻ ٻڌندينءَ

(آئينو پري ڪري ٿو) ها، پوءِ برٽا ....

برٽا :- ها .... لورينزو

لارنس :- تو اڃا ٻڌايو ڪونہ

برٽا :- ڇاجي باري ۾

لارنس :- تنهنجي خيال ۾ سون توکي لنڊن ڇو سڏ ليو هو.

برٽا :- پنهنجي رستي تان هٽائڻ لاءِ

لارنس :- ان ڪانسواءِ .... خير ڇڏ ان گالهہ کي .... ها اها نمائش.... ماٿن کي منهنجون تصويرون وٺيون ؟

برٽا :- جي .... اهي

لارنس :- ٻڌاءِ ڪٿي برٽا .... هيءُ جن تبستائين نہ مڃيندو جيستائين پنهنجي ڪنن سان نہ ٻڌندو

فريدا :- ظاهر آهي تہ ماٿهو ڪليا هوندا .... لورينزو تون مصور آهين .... ليڪڪ آهين .... تون تہ سڏي ليڪ بہ ڪيڙي نٿو سگهين

لارنس :- ها پر مان ڏنگي ڏڌي ليڪ ڪيڙي تہ سگهان ٿو.... اهوئي سبب آهي جو مان اهڙي تصوير ناهي سگهان ٿو جنهن ۾ زندگي هجي .... پلا ڏسڻ واراگهٽا هئا....

برٽا :- وڏي گوڙ ڪانپوءِ دروازي تي رسو ٻڌي ماٿهن کي اندر اچڻ کان روڪيو ويو

لارنس :- گوڙ ....! ڇاجو گوڙ ؟

فريدا :- هن جن جي خوشي تہ ڏس.

لارنس :- ٻڌاءِ تہ چا ٿيو ؟

برٽا :- عورتن جي ڪلب جي هڪ ميمبرياڻيءَ "آدم ۽ حوا" واري تصوير کي ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي (لارنس ڪل ۾ ٻڌي وڃي ٿو)

فريدا :- لورينزو .... هاڻي صبر ڪر ڪٿي

برٽا :- ان واقعي جي ڪري پوليس کي ڏيان ڏيڻو پيو

لارنس :- پوليس ! (اٿي بيهي ٿو) هن منهنجي تصويرن کي ڇا

ڪيو. باهر ڏنائون .... تباهر ڪيائون ....

برٽا :- نہ نہ . اسان تصويرن کي باهر ڏيڻ خلاف منع نامون حاصل ڪري ورتو

لارنس :- تصويرون محفوظ آهن نہ ؟

برٽا :- ها . بلڪل محفوظ آهن

فريدا :- تون ڪرسيءَ تي ويهہ، نہ تہ توکي بستري تي ليٽائيو پوندو (هن کي ڏکو ڏيڻي ويهارڻ جي ڪوشش ڪري هتي لارنس ڪاوڙجي ڪيس چمات هڻي ڪڍي ٿو)

برٽا :- لورينزو !

لارنس :- مون تي رعب ٿي رکي .... منهنجي ڪمزوريءَ جو مذاق ٿي اڏائي .... مون کي بستري تي ليٽائيندي .... مون کي هٿ ۾ لاٿئہ تہ مزو چکائيندو سانءَ

فريدا :- لارنس ويهي رهہ نہ تہ وري رت ايندءِ

(لارنس ٿوريءَ دير لاءِ هن کي ڏسي ٿوءِ پوءِ فرمانبرداريءَ سان ويهي ٿو)

لارنس :- اها لوئي وري مون کي پاراءِ .... سڄ ساڻو ٿيندو ٿو وڃي. سنهري وارن واري نوجوان ديوتاکي اوندهہ جي رنڊيءَ ورغلائڻ ٿي

فريدا :- هاڻي پڌ .... هي سڄ لهڻ تي پنهنجا ڪلاسيڪ جملا چوڻ وارو آهي (احتياط سان هن جي متان شال وجهي ٿي)

لارنس :- ها تہ پوءِ تصويرون .... ڏاڍيون سٺيون ڪٽي نہ هيون پر انهن ۾ غضبناڪ زندگي هئي

برٽا :- انهن تصويرن ۾ تون آهين .... پر لورينزو تون مصوري ڪرڻ چو ٿو چاهين ؟

لارنس :- مان لکڻ چو ٿو چاهيان . ان لاءِ جو مان آرٽسٽ آهيان .... آرٽسٽ ڪير هوندو آهي .... اهڙو ماڻهو جيڪو ڏاڍي گهرائي ۽ شدت سان زندگيءَ سان پيار ڪندو آهي .... اهڙو ماڻهو جيڪو ان وقت تائين زندگيءَ

سان پيار ڪندو آهي جيستائين هو زندگيءَ کان نفرت نہ ڪرڻ لڳي ۽ پنهنجون ملیون پيڪوڙي زندگيءَ کي ڏڪ نہ هڻي، جيئن ٿوري دير اڳ مون فريداکي ڏڪ هنيو .... زندگيءَ کي اهو احساس ڏيارڻ لاءِ تہ هو اڃا سندس چالبازيون سمجهي ٿو ۽ اڃا تائين سندس آقا آهي .... (لڙائيل ٻيلي روشني گهٽ ٿيندي ٿي وڃي) فريدا.... برٽا، مون پنهنجي فن جي ڪشادن ۽ قربائتين پانهن کي پري پري پکيڙڻ ٿي چاهيو .... ايترو وسيع ٻٽائڻ ٿي چاهيو تہ جيئن اهي پانهون ساري ڏرتيءَ ساري زندگيءَ ۽ ساري ڪائنات کي پاڪر ۾ پرين .... پر زندگيءَ ۾ اونهائيءَ تائين اندر وڃڻ لاءِ رڳو پيار ڪافي نہ آهي ان ڪري مون مٽ پيڪوڙي، زندگيءَ کي ڏڪن تي ڏڪ هنيا .... رڳو لفظ ڪافي نہ آهن .... مون کي رنگ بہ گهرجن .... مون رنگن جي چونڊ ڪئي ۽ ائين پيش ڪيم جيئن مان لکندو هيس .... غضبناڪ ٿي، شدت سان ۽ بنا ڪنهن شرم جي .... هيءَ زندگي آهي .... مون هنن کي ٻڌايو، تہ اهائي زندگي آهي. حيرت ناڪ، اونداهي ۽ هولناڪ .... هنن منهنجي ڪتابن تي بندش وڌي ۽ هو منهنجي تصويرن کي ساڙڻ ٿا چاهين .... اهو ائين آهي جيئن اوهين سڄ کي پهريون پيرو ڏسندا آهيو ۽ هوا اوهان کي انڌو ڪري ڇڏيندي آهي .... زندگي انڌو ڪندڙ آهي ....

(ڪرسيءَ تي اڳيرو ٿي) سڄ هيٺ ٿو لهي .... اوندهہ جي رندي هن کي ورغلائي ٿي

فريدا :- ڪن بند ڪري ڇڏ .... هاڻي هو چوڻ وارو آهي

لارنس :- هن سڄ کي جهلي ورتو آهي .... ٻئي همبستري ٿا ڪن .... سڄ ساڻو ٿي ٻيو آهي .... رندي هن جو ست چوسي ورتو آهي هاڻي هوءَ کيس تباهہ ڪرڻ شروع

ڪندي .... هوءَ هن کي ڇڙڪائي ٿي .... پر هو هن جي
اندر ۾ نه رهندو. هو هن جي پيٽ مان اپري ايندو ۽
پوءِ روشني ٿيندي .... هيس هر گهالهه ۾ آخرڪار روشني
ٿيندي ۽ مان ان روشنيءَ جو پيغمبر آهيان
(ڏکيائيءَ سان اٿي ٿو)

برٽا :- لورينزو !

فريدا :- لارنس. خيال ڪر

لارنس :- بڪواس بند ڪر مون کي هٽ نه لاءِ
(ڇڙندو ڇاڙندو وڏي دريءَ ڏانهن وڃي ٿو)
آخرڪار روشني ٿيندي .... روشني !.... روشني !!
(هن جو آواز وڏي ٿو وڃي ۽ هو. انجڻ جي نمبن
وانگر هٽ ٿو پکيڙي)
عظيم روشني .... عظيم، انڌو ڪندڙ، ڪائناتي روشني!
۽ مان .... مان ان روشنيءَ جو پيغمبر آهيان
(ڏند پيڪوڙي ڇڙي ٿو)

فريدا :- لارنس !

برٽا :- (دهلجي) هي ڇا آهي

فريدا :- رت

برٽا :- لورينزو .... (ڇڙپي هن ڏانهن وڏي ٿي. فريدا هن کي
زور سان جهلي ٿي)

لارنس :- اوهين ٻئي مون کان پري رهو .... مان هي سڀ اڪيلو
برداشت ڪرڻ ٿو چاهيان .... جيستائين سڀ ڪجهه
ختم نه ٿي وڃي پنهنجي جاءِ تان نه چرجو (لارنس
آهستي آهستي زمين تي ائين ڪرڻ ٿو لڳي جڻ ڪو
اڻ ڏٺل هٿ هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندو هجي) پر هاڻي
به هو پٺ کي مضبوطيءَ سان جهلي هاڻ جي ڪوشش
ٿو ڪري)، ساهه کڻڻ جي ڪوشش ۾ سهڪي ٿو....
آخر دروازي تائين پهچي، دروازو کولي ٿو) منهنجي

پٽيان نہ اچجو .... (باهر هليو وڃي ٿو)

برٽا :- (فريدا کان پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي) مون کي ڇڏ .... مون کي ڇڏ .... مان هن وٽ وڃڻ ٿي چاهيان ....

فريدا :- مون هن سان واعدو ڪيو آهي .... ڪابہ عورت نہ....

برٽا :- ٽون وڃ

فريدا :- نہ ڪوبہ نہ .... ڪوبہ هن وٽ نٽو وڃي سگهي .... نہ ٽون .... مان .... ڪابہ عورت نہ ....

برٽا :- هو اڪيلو مري نٽو سگهي .... مان هن کي اڪيلو مرڻ نہ ڏيندس .... ڪو هن کي اڪيلو مرن نہ ڏيندو ....

فريدا :- .... (اندر جي ايذاءُ سان) پر مان ڪيس اڪيلو مرڻ ڏينس .... مون ساڻس واعدو ڪيو آهي .... مان هن کي ائين ڪرڻ ڏينس.

(هوا جي جهوٽي سان دروازو ڪلي ٽو وڃي .... باهر سامونڊي چولين جو شور آهي .... فينڪس وارو ريشمي بيڊ ڪوڙڪندو هيٺ اچي ڪري ٿو .... برٽا ذري گهٽ باهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿي ؛ پر فريدا پنهنجي وحشي انداز سان کيس ٻيهر روڪي ٿي .... انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ ليمپ لڏي ٿو ۽ ڀڙڪي وسامي ٿي وڃي .... برٽ دهشت مان دانهن ٿي ڪري ۽ فرش تي ڪري سڏڪا ٿي ڀري ٿوريءَ دير لاءِ بلڪل مات ڇانيل رهي ٿي ۽ پوءِ لارنس جو هلڪو آواز ڇڻ ڪنهن ڏورانهين هنڌان ٿو اچي ....)

لارنس :- فر.... يدا.

(فريدا يڪدم روئندڙ برٽا کي ڏکو ڏيئي پاڻ کان ڀري ڪري ٿي ۽ تکي آڏامندڙ پکيءَ جي آڏام وانگر ڇڻ تيز آڏامي باهر ٽيريس ڏانهن وڃي ٿي)

فريدا :- (دهشت ۾ بي انداز پيار ۽ پاڇوهہ مان) مان اچان ٿي.... مان اچان ٿي .... منهنجا لوريءَ .... مان ....

مشتاق شوري، جو گهيراءُ

پنج سال اڳ (۱۹۷۷ ع) جڏهن مشتاق شورو ڊگهي موڪل تي چاهشوري آيل هو. تڏهن مشتاق جوگهيرائو ڪيوسين. اڻن ادبين کان- هڪ سوال پَر رائٽر جي حساب سان- سوال هٿ ڪري، مشتاق جي حوالي ڪياسين. اهو لکيل مواد پنج سال هڪ رسالي وٽ پيو رهيو- ۽ انهن ۾ ايتري اخلاقي جرات نه هئي، جو نه ڇپڻ جي حالت ۾ اهو مواد موٽائي ڏين. اسان جي ليکڪ کي سندس لکڻين جي عيوض آجورو نه، فقط هڪ اعزازي ڪاپي ملندي آهي (ٽريجڊي!) ان حالت ۾ اڪثر ادبين وٽ پنهنجين لکڻين جي صرف هڪڙي ڪاپي هوندي آهي، جيڪا به هو ڇپڻ لاءِ ڏيئي ڇڏيندو آهي. ان حالت ۾ جتي اها اڪيلي ڪاپي، نه ڇپي وڃي؛ نه موٽائي وڃي، يا ماڳهين گم ڪئي وڃي، تہ ان ايڏي وڏي نقصان جو ذميوار ڪير ٿيندو؟- ۽ ان جو پورائو ڪير ۽ ڪيئن ڪندو! اهو تہ محض اتفاق آهي جو ان ليک جي رف ڪاپي هٿ چڙهي ويئي.

لکيل ست ڪي اهميت آهي- پر ڇپيل ست کي وڌيڪ اهميت آهي. جا شئي پنج سال اڳ ڇپجي وڃڻ ڪپي ها- سا اڄ اسين ڇپيون پيا. سنڌي ڪهاڻي- ڪلا ۽ ناتي- انهن جوابن جي اهميت ان ڪري به گهڻي آهي، جو سنڌي ڪهاڻيءَ جا لکي ويئي/لکجي پيئي، بابت ننگر سچ چوڻ جو ڪم جو ڪم هو- ۽ مشتاق اهو جوڪم جو ڪم ڪيو. ۽ ان انهيءَ لکيل کي ڇپڻ ان کان وڌيڪ جوڪم جو ڪم هو- جو اسين ڪيون پيا!

- سحر امداد

عبدالقادر جوڻيجو : چيو وڃي ٿو ته سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ کي ختم ڪرڻ ۾ "ورجاءُ" جو به هٿ آهي. ان جاءِ تي جديد لاڙا پيدا ٿيا جن ۾ توهان جو به ڪيترو حصو آهي. پر هاڻ محسوس ڪيو پيو وڃي ته اهي ادبي لاڙا شدت سان "ورجاءُ" جو شڪار ٿي رهيا آهن. اوهان جو ڇا خيال آهي ؟

سنتاڪ شورو : آئون تنهنجي سوال جي بنياد سان Agree نٿو ڪريان، ڇو ته ترقي پسند ادب ان ڪري ختم نه ٿيو جو اُن ۾ ورجاءُ هو/ آهي. سنڌيءَ ۾ ترقي پسند تحريڪ ورهاڱي کان ڪجهه وقت اڳ ۾ شروع ٿي، ورهاڱي جي ڪري سنڌ ۾ان سنڌي ،دبل ڪلاس جي نڪري وڃڻ جي ڪري، ان تحريڪ کي ڪاپاري ڏڪ لڳو. ان ڪارڻ سنڌ ۾ حقيقي معنيٰ ۾ ترقي پسند ادب پيدا نه ٿي سگهيو. ڪجهه ترقي پسند اديب هٿا/ آهن، جن ٿاقوڙا هنيا. پنهنجو نالو چمڪائڻ لاءِ عالمي ادب تان نقل ڪري، پاڻ کي پڌائي، ساٿا ٿي مري ويا ۽ هاڻي ادب سان مستر بيشن پيا ڪن.

پر اصل ڳالهه هيءَ آهي ته مجموعي طرح دنيا جي ترقي پسند ادب سان گڏ پارت ۾ لکجندڙ سنڌي ترقي پسند ادب، جنهن کي حقيقي ترقي پسند ادب ڪوئي سگهجي ٿو، زندگيءَ ۾ حقيقتن کان پري پجندڙ هو/ آهي. ان ۾ پرچار وڌيڪ ۽ ڪلا گهٽ هئي/ آهي. ترقي پسند ليکڪن جي ذهن ۾ صرف Illussions هٿا. اُهي هن ڌرتيءَ جا نه ٻر آسمان تي رهندڙ، مٿي اُڏامندڙ، هڪ ٻئي سياري جي مخلوق هٿا/ آهن. هنن جي حيثيت ڪوهه ۾ رهندڙ ڏيڏر جهڙي هئي/ آهي، جنهن جي سڄي دنيا ڪوهه ئي آهي. هر شئي کي حقيقت کان ڌار ڪري نظريي جي آڌار تي پرکيندا رهيا.

مثال طور رنديءَ جي ڪردار کي پيش ڪرڻ جو انداز لڳ ڀڳ سڄي دنيا جي ترقي پسند ليکڪن وٽ ٿوري گهڻي فرق

سان هڪ جهڙو آهي. انهن جي اڳيان هر رندي (آڳون هتي لفظ هر کي اندر لائين ٿو ڪريان) فلاسافرن جيان سوچي ٿي، پنهنجي اڻڄاڻ زندگيءَ کان نفرت ٿي ڪري؛ هڪ آئيديل زندگي گهاريڻ ٿي چاهي. هوءَ چاهي ٿي سندس گهر هجي، مڙس هجي، ٻار هجن. هيءَ زندگيءَ جا حال ۽ سڌس ڏاهي ويئي آهي سا نفرت جهڙي، ڪراهت پري، ڪروهه ۽ بدصورت آهي، ان جو هن کي ڪٿو احساس آهي. ان کان به وڌيڪ اهميت پري گهالهه جا ترقي پسند ادب ۾ اهم آهي سا آهي رندي‌ءَ جو ڪنهن ترقي پسند اديب سان پيار ڪرڻ جي چڪر ۾ رهڻ.

جڏهن ته حقيقتون ائين نه آهن، جيئن ترقي پسند ادب ۾ گهليو آنديون ويون آهن، حقيتون بلڪل اُبتڙ هيون / آهن. پر اهي ليکڪ جن وٽ سماج کي بدلائڻ، گاڙهو انقلاب آڻڻ، باوقار ۽ جرئتمند هيرا تخليق ڪرڻ جو وسيلو رهيو، سي ان حقيقت کان بي خبر رهيا ته سندن تخليق ڪيل مهان ڪردار ڏسي چڪا آهن ۽ انهن جي لاشن مان بدبوءِ اچي رهي آهي. هنن جا نڪ پوٽيل رهيا ۽ هو "دادا ڪامريڊ" جا ڪردار تخليق ڪندا رهيا.

ترقي پسند ادب جا هيرا، رندين؛ هاري؛ پورهيت؛ چور ۽ گنديچوڙ گهالهائڻ هولهائڻ، ڪلچر ۾ نهايت ئي متئين سطح تي نظر ٽا اچن.

ترقي پسند ادب مري چڪو آهي. ان جي موت جو ڪارڻ ان سان جذباتي اميدون گنڍڻ هو ۽ نه ورجاءُ.

جديد لاڙا / نئون ادب ــ ترقي پسند ادب جي- جاءِ تي يا ان جي ٽڪر ۾ پيدا نه ٿيو آهي. ان جا ڪارڻ بلڪل الڳ ۽ ٻيا آهن.

اوائلي صورت ۾ نئين ادب يورپ ۾ بن مهاياري لڙاين جي ڪري پيدا ٿيل مخصوص بيچينيءَ؛ چڪتاڻ؛ هڪ نئين خطرناڪ ۽ ڀيانڪ لڙائيءَ جي ڊپ؛ موٽسار هٿيارن جي ايجاد؛

شديد سماجي آٽل پٽل ، اختيار پسند ، گروهم پرست ۽ شخص دشمن نظريز جي پر مار ۾ Self جي گم ٿي وڃڻ، هڪ فرد هڪ شخص جي وجائجي وڃڻ جي نتيجي ۾ دهيل، ٽٽل، جهيڙي دانهن جي صورت ۾ جنم ورتو. نئون ادب شخص جو "کجهه به نه" خلاف احتجاج آهي. اهو شخص جي مرده، گريل، سڙيل لاش تي ماتم آهي.

۽ هاڻي سڄي دنيا جون حالتون، لڳ ڀڳ ساڳيون اهڙيون منجهيل ۽ برداشت کان ٻاهر آهن. چو ته سماجي ، سياسي ، — اخلاقي قدرن جي ذليل شڪست ، — اِستبلشمنٽ ، اخلاق، شخص دشمن نظرين جي قيد ، شخص اڳيان هن ڪائنات جي سڄي حقيقت کولي ظاهر ڪري ڇڏي آهي. هو چاڻي چڪو آهي ته ڪائنات جي جوڙجڪ ۽ اسين جيڪا زندگي گهاريون پيا سا Quite intolerable آهي. شخص کي بنا ڪنهن ڪارڻ جي دنيا ۾ پٽڪڻ لاءِ اڇلايو ويو آهي. اهو احساس وڌيڪ پريشان ڪندڙ آهي ته هو خوامخواه چئني طرفن کان دنيا ۾ گهريل آهي. هن جون سڀ راهون موت ڏانهن وڃن ٿيون ، جيڪو آٽل ۽ بي رحم آهي. ڪامٽو جي درامي "ڪالي گلا" جو ڪردار "ڪالي گلا" چئي ٿو:

"Men weep because the worlds all wrong!"

اهڙي حالت ۾ ڪوبه نظريو، سوچ شخص کي آٽت نٽو ڏيئي. خود سارتر جو "هستي واد" نظريو به اڄ بيڪار ۽ بي اثر بنجي ويو آهي. ان ڪري سارتر ۽ ٻين هستي وادين جي هستي واد کي رابرٽ ميوزل، بيڪيٽ، ساروت ۽ بات نئون موڙ ڏنو آهي.

اڄ جو ليڪ بي رحم حالتن ۽ هن دور جي Sufferings کان Poisoned آهي. هن وٽان شخصي تجربن ، ذاتي بوريت، نااسيا ، خوف ، ڳٽني ، ناڪامين ، مايوسيءَ اڪيلائپ، اڻ ڪنڊڙ تڪليفن ، ڏکن ، تباهي ، بربادي ، فنا، بي يقيني ۽ غير سلامتيءَ

جو ڪٽل لفظن ۾ ڪٽل اظهار ڪئي ٿو. هن جي اڪيان شخص پاڻ ۾ وڃائجي ويو آهي. هن جي هستيءَ جو نہ جھڙو حصو رهجي ويو آهي.

ان ناتي ۾ جيڪڏهن سنڌي ڪهاڻيءَ کي ڪاڄي تہ اها ڪنهن به صورت نئين ناهي. سنڌ ۾ نئين ساهت جو ڏيڪ جنم نہ ڏيو آهي. هتي نئون ادب ڪچو چاول ٻار آهي. اسان وٽ صرف لکڻ جي ٽيڪنيڪ، آيتي ءَ ڪٽل هوليءَ کي ڪي جديد لاڙا سمجهيو وڃي ٿو؛ ان جو ڪنٽينٽ، ڪنهن به طرح نئون ناهي. اهو Objective يا روايتي يا رومانيت واد يا ٻيو ڪجهہ آهي. سنڌيءَ ۾ نئون ادب کي قدر بانبڙا پاڻ جھڙو آهي تہ پارت جي سنڌي ليکڪن وٽ ڏي آهي. اهڙي حالت ۾ وقت کان اڳي سنڌ ۾ "نئين" جي نالي سان سڏجندڙ ساهت بابت ڪا فتويٰ ڏيڻ، الزام هڻڻ، غلط ڏيندو.

ٻي طرح آڏون اهو ڇڙ لاءِ هرگز تيار نہ آهيان تہ ڪنهن به ادبي لاڙي جي موت ۾ ورجاءُ جو به هٿ ڏئي ٿو. ڇا زندگي خود به ورجاءُ ناهي؟ هر شيءِ ساڳي. زندگي اڳوات ڪئہ ڏيل ميڪينڪل عمل هيٺ هلندڙ؛ ڪاڻ، ٻيڻ؛ سمهڻ؛ سخت پورهيو ڪرڻ، ٻار پيدا ڪرڻ ۽ آخر ۾ مري وڃڻ.

آسٽريليا جي طنزنگار ڪارل ڪارسد هڪ ڀيري لکيو هو تہ: "منهنجو ويساهہ آهي تہ ڪجهہ ڏئي نٿو؛ رڳو ڪي جملا پاڻ سرادو ٻيا ڌهرائين."

قاسم بگهيو: زندگي خود هڪ سوال آهي، ڇا تو اهو محسوس ڪيو آهي؟ جي ها تہ ان جو جواب؟

مشتاق شورو: ها ان ڪان ٻہ اڳتي اهو ٻہ تہ اسين ڇا آهيون؟ اسان جو مقدر ڇا آهي؟ اسان کي ڪنهن ۽ ڇو ناهيو آهي؟

جواب ناهي. گهٽ ۾ گهٽ مون وٽ ته ناهي ڪامٽو جي "فال" جو ڪردار "Judge Penitent" Self styled Jeen Baptiste Clamence چوي ٿو: "زندگي ڪوڙ آهي، جنهن کي موت ظاهر ڪريو ڇڏي."

لال پشپ لکيو آهي ته: "اڄ جي زندگي هڪ اڻ لکيل ڪويتا آهي. ان جو پورو چٽو عڪس سولو ناهي."

آئون ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته ڪٽي ائين ته ناهي ته شخص جي زندگي ڪنهن ٻي شيء جو نالو آهي. ڪوبہ جواب خود ۾ مڪمل ۽ اطمينان جوگو نہ آهي. انساني عقلي قوتون ايتريون ته محدود آهن جو ڪوبہ ڏوس نتيجو انسان جي پڪڙ ۾ اچڻو ناهي. سائنس ان سوال کي وڏيڪ ڪامپليڪيٽڊ بنايو آهي. مذهب، روايت، سماج ۽ قدرن وٽ بہ ان سوال جو جواب ناهي. ٻيو ته ڇهيو پر خود شخص جو ذاتي تجربو بہ ان ڏس ۾ مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

جڏهن ته سڄي ڪائنات بي معنيٰ، بي ترتيب ۽ غير مناسب آهي ۽ ان کي سمجهڻ جي جدوجهد ڪاهن بہ ڪامياب ٿيٽي ناهي، چاڪاڻ ته ان جو ڪو مفهوم ئي ناهي، جنهن جي ڳولا ڪجي، ته پوءِ ان ۾ حادثي طور پيدا ٿيل زندگيءَ جي سوال هجڻ جي ڳولا ڇا ضروري آهي؟

اهو چاڻندي بہ اسين انهن سوالن جي جوابن لاءِ پريشان آهيون، جيڪي موجود ناهن.

امداد حسيني: لکڻ - نہ لکڻ. وچ ۾ ڊيش (—) وٽيءَ کي ڪيئن ٿو ڪپي سگهجي؟ (—) يا (.) يا ماڳهين (.)؟

مشتاق شورو: نہ - مون کي خبر ناهي، پر (—) جي اڳيان (.) جي لڳي وڃڻ جي پاسيبلٽي کي رد آئون نہ ڪندس.

شوڪت شورو: تو لکڻ ڇو ڇڏي ڏنو آهي؟

مشتاق شوروَ لکڻ مون ان کري ڇڏي ڏنو جو مون کي لکڻ جي پويان ڪوبہ ڪارڻ نظر نٿي آيو ، سواءِ ان جي تہ مون هيل تائين جيڪي ڪجھ لکيو آهي سو رڳو مشهوري ، نالي جي بک ، ڪجھ بنجڻ لاءِ ئي لکيو آهي ۽ ٻيو ڪجھ بہ نہ ۔

Illussions منهنجي ذهن ۾ هٽا ۔ سنڌي ادب ۾ انقلاب آڻڻ ۔ سنڌ ۾ نئين ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪرڻ جو ڀرم ڪٽي پاڻ پڌائڻ ۽ عظيم ليکڪ بنجڻ جي گهيري ۾ آڻون رهيس ۔ جڏهن مون محسوس ڪيو تہ مون سنڌي ادب کي اهڙو ڪجھ بہ نہ ڏنو آهي جو غير معمولي هجي يا جنهن کي ڪا حيثيت ڏيئي سگهجي ، تڏهن لکڻ پاڻهي ڇڏائجي ويو ۔ مون نہ ڇڏيو ۔

آڻون جڏهن بہ پاڻ کي نئين ڪهاڻيءَ جي ناتي ۾ ڪٽان ٿو تہ هيل تائين لکيل سڀني ڪهاڻين کي بس اون ڪرڻ تي مجبور ٿي ٿو وڃان ، ڇو تہ آڻون پنهنجين ڪهاڻين ۾ اڃا پيڙا نہ آڻي سگهيو هوس جا اڄ جو شخص ٿوڪي ٻيو ۔ پر ڪڏهن اڄ جي شخص جي پيڙا کي ، ڀرپور نموني لکڻ ۾ آڻي سگهان ان احساس کي ڪٽي وري لکڻ چاهيان ٿو ، جي لکي سگهيس تہ ! آڻون سمجهان ٿو تہ لکڻ ٻيو ڪجھ نہ پر رفيوج آهي ۔ ليکڪ خارجي دٻاون ۾ دٻجي گم ٿي ويل Self کي اظهار ڏيئي ٿو ۔

هڪ سوال جو آدرشي زندگيءَ سان معنائن ۽ مقصدن جي ڇڪ لٽڪائي گهمندڙن وٽان اڪثر ڪري پڇيو ويندو آهي تہ جڏهن زندگي خود بي معنيٰ بي مقصد آهي تہ ٻوءِ لکڻ کي اهميت؟ اوهين چا لاءِ ٿا لکو؟ شايد ڪٿي انهن سوالن جي پرمار ۾ مون ڪان لکڻ ڇڏايو هجي ۔

پر لکڻ بہ تہ بي معنيٰ ۽ بي مقصد ئي آهي ۔ ائين جيئن زندگي ۔ آڻون هاڻي سوچيان ٿو تہ لکڻ جي ٻويان ڪنهن ڪارڻ جو هجڻ ضروري ناهي ۔ ڇو تہ فتح شڪست ٻئي فضول آهن ،

ماڻهو پوءِ به انهن لاءِ وڙهي ٿو. جمهوريت ۽ ڊڪٽيٽر شپ ۾ بي معني آهن. پوءِ به ماڻهو جابر حڪمرانن خلاف بغاوت ڪري جان ڏين ٿا. آزادي ۽ غلامي اهميت وڃائي چڪا آهن، پوءِ به ماڻهو غلاميءَ خلاف احتجاج ڪري ٿو. اهي سڀئي عمل اسان کي اهو پختو يقين ٿا ڏيارين ته جيئڻ سان نياهڙ اسان جي لاچاري آهي. خودڪشي نه ڪرڻ شخص جي نجي بزدلي آهي. ان لاءِ ٻئي شخص کي ريزن پڇڻ جو حق ناهي. ان ناتي ۾ منهنجي لکڻ کي اهميت نه ناهي، پر شايد هاڻي لکڻ منهنجي مجبوري بنجي ويو آهي.

عبدالجبار جوڻيجو : سنڌي افسانو ڪيتري قدر هڪ ڪامياب نثري صنف جي حيثيت وٺي ويٺو آهي ۽ ڪهڙن افسانا نگارن جي فن کي اوهين اهميت ڏيندا ۽ ڇو ؟

مشتاق شورو : سنڌي ڪهاڻي نظرين، آدرشن جي دٻاءَ ۾ گهٽجي، پوساڙجي وئي آهي. ان ڪري ئي سنڌي ڪهاڻيءَ جو ڪوبه لاڙو ڪامياب نثري صنف نه بنجي سگهيو.

آڻون سمجهان ٿو ته سنڌي ڪهاڻيءَ جي نڙيءَ تي ننهن ڏيڻ ۽ ان جي هر لاڙي جي سڪرات واري حالت جا ڪارڻ سماجي ۽ سياسي وڌيڪ آهن، بين جي پيٽ ۾.

سنڌي ڪهاڻي شروع ۾ جيئن آيري سا آڻون سمجهان ٿو ته غير معمولي هئي. ان دور ۾ (منهنجو رايو ان دور ۽ حالتن ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جي جنم سان واسطو رکي ٿو. ان ڪري آڻون "ان دور" کي انڊر لائين ڪريان ٿو) "ادو عبدالرحمان" "هي رانجهو سنڌي رمز" (امر لال هنگوراڻي) "منجري ڪولهڻ" (ليکو تاساڻي) پيون به ڪجهه ڪهاڻيون جيڪي هن وقت مون کي ياد ناهن، ان دور جي لحاظ کان تمام اهم هيون.

۱۹۴۷ع جي ورهاڱي نه رڳو سنڌي سماج کي ٽوڙي وڌو پر نئين چاول سنڌي ڪهاڻيءَ کي به ڪاپاري ڏڪ هنيو. مڊل ڪلاس جيڪو ڪنهن به سماج جي ڪريم هوندي آهي، سنڌ

تنهن کان محروم ٿي ويئي. ان جي جاءِ غير سنڌي مڊل ڪلاس والاري، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ مان سنڌي مڊل ڪلاس جي پيدا ٿيڻ جون سموريون واٽون بند ٿي ويون.

شوڪت حسين شوري ماڻڪ جي ناولٽ "لڏهندڙ نسل" تي تنقيد ڪندي لکيو آهي تہ "اڄڪلهه ريت هندستان جي ورهاڱي سڌ کي هڪ اهڙو ثقافتي نقصان پهچايو، جيڪو اڄ ثقافتي انتشار جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي."

ورهاڱي کانپوءِ پيدا ٿيل خال کي پرڻ لاءِ هڪ هٽ ٽوڪي موقعي پرست ڳاڙهي ٽهي آپري. ۽ اها پنهنجين جاهليت وارين حرڪتن جو شڪار ٿي رهي ويئي. وچئين دور جي ليکڪن ۾ سڀ کان اهم ڪهاڻيڪار جمال ابڙو هو، جنهن مئل سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نئون ساهه وڌو. ان دور جو اهوئي هڪ ليکڪ آهي جنهن کي حوالي طور ڪٽي سگهجي ٿو. جمال جي ليکڪ جي موت ۾ جمال جي خوشامندڙين ترقي پسند اديبن جو هٿ آهي. جن ڪيس سنڌي ڪهاڻيءَ جو آبو، عظيم ليکڪ ۽ پيو الاءِ چاچا جا لقب ڏيئي، سندس ڪهاڻين جي چند چاڙ نہ ڪئي. جمال تي تنقيد کي گناهه ٺهرايو ويو. ان ڪري پڙهندڙن اڳيان جمال جي ٻوليءَ جي قلابازين ۽ لفظن جي جگليءَ ۾ سندس کوکلا ڪردار لڪي ويا. ان کان به وڌيڪ جمال ادب کي انقلاب جو هٿيو سمجهي ويٺو.

فرئنڪ او ڪونور پنهنجي ڪتاب "Study of short story : lovely voice" ۾ لکيو آهي تہ : "ڪهاڻيڪار بنيادي طور تي سماج جي ڪنهن خاص Submerged طبقي (چاهي اهو اخلاقي طور، چاهي راجينتي طور، چاهي دماغي طور يا شعوري طور Submerged هجي) جو نمائندو هوندي به، هڪ اڪيلو آواز آهي."

ٻيراڻيءَ جو ليکڪ نظريئي ۾ اردگرد گهمندي اڪيلو آواز بنجي نہ سگهيو. ۽ هن سماج طرفان سونپيل Collective

Conscious ۽ ان تخليق ڪري ان کي سماج جي پلي لاءِ سماج اڳيان Subordinate ڪيو.

جيئن ته سماج کي انفرادي شعور نه هوندو آهي. سماج جي مسئلن جو اظهار مجموعي سطح تي ٿيندو آهي. جمال مجموعي شعور سان نباهڻ لاءِ مسئلن جي اظهار سان گڏ ڪيترن هنڌن تي انهن جو حل ٻڌائڻ به ضروري سمجهيو (ڪهاڻي "ڪارو منهن").

جمال انهن تقاضائن کي پورو ڪرڻ لاءِ Supplier بنجي ويو. ان ڪري پڙهندڙ ۽ جمال جي وچ ۾ Personel touch نه رهيو. جمال چاتو- ان جو احساس نه ڪيو، جنهن ڪري هو انفرادي سطح تي پڙهندڙ سان Communicate نه ڪري سگهيو. منهنجي نظر ۾ جمال جي ليکڪ جي موت جو اهوئي ڪارڻ آهي.

ٻئي طرف سنڌ ۾ان تڙيل سنڌي ليکڪ ڏارين ڏرتيءَ تي پير نه ڪوڙي سگهيو. پوءِ به انهن جيڪي ڪجهه ڏنو سو بهترين ادب ۾ شامل ٿئي ٿو. جيڪڏهن مجموعي سطح تي سنڌي ڪهاڻيءَ کي حوالي طور کڻو آهي ته پوءِ رگهو ڀارت ۾ ٻي لکيل سنڌي ڪهاڻيءَ کي کڻو پوندو. باقي سنڌ ۾ لکيل گهڻي ڀاڱي پرتيءَ جو مال آهي.

نئين ڪهاڻيءَ جو ساڳيو ٻي حال آهي. جيڪا هن وقت بانبڙا ٻڌي پاڻي ۾ پوءِ به سنڌي ڪهاڻي / ادب کي جي پڙهڻ لائق بنائي رکيو آهي ته: "نديءَ ۾ لڙهندڙ گل"، "چاندوکي ۽ زهر" "پيار ۽ پاپ" جي ليکڪ موهن ڪلپنا، "دائرو"، "هن جي آتم جو موت"، "ڏڌهن ۽ هاڻي" جي لعل پشپ، "ڪنڌهر" جي ليکڪ گني سامتاڻي، "ٻيلي ماس جي ٽڪر"، ۽ ٽڪر، ٽڪر، ٽڪر" جي ليکڪ انند ڪيماڻي، "پرپا ۽ ڪرانتي" جي ڪي. ايس. ڀالاڻي، "ڪچا ڏاڳا" جي شيام جٽسنگهاڻي، "خالي هٿ" جي موهن ديپ، "هن جي اندر جو جاڙو" ۽ "سخت ڇهري وارو ماڻهو" جي ايشور چندر، "وشواس جو

موت" جي هريش واسوائي ، "هڪ سمند ۽ هيڪلو روح ،" "ڪاري رات رت ڦڙا" ۽ "وهندڙ پاڻي" جي ليکڪ شوڪت حسين شوري، "قربت" ۽ "لڙهندڙ نسل" جي ماڪ، "جيون ڪوئي جهوڙو آهي" جي علي بابا ، "واٽون راتيون ۽ رول" جي عبدالقادر جوڻيجي- ۽ ا ر جليل، عبدالحق عالماڻي، ڏاکر شرما، تنوير جوڻيجو، نسيم کرل، خيرالنساء جعفري ٻي بنائي رکيو آهي.

سنڌي ادب ۾ هاڻي، هن وقت ، جنهن ليکڪ ،ون ٻي تمام گهڻو گهرو اثر ڇڏيو آهي ، جنهن کان شايد اڄون گهڻو ۽ کافي حد تائين متاثر ٿيو آهيان . سو آهي اڀسرڊ پلي رائيٽر ۽ کهاڻيڪار "پريم پرڪاش" اهو ليکڪ ٻي سنڌيءَ ۾ نئين ادب جي گهرجن کي سمجهي سگهيو آهي .

اڄون هتي سنڌ ۾ چپيل هڪ تازي کهاڻيءَ جو ذڪر ڪندس. کهاڻي منهنجي نظر ۾ اهم آهي ان ڪري ان جي چنڊ چاڻ تمام ضروري آهي . اها کهاڻي آهي خيرالنساء جعفري جي "۱۹۶۷، ۱۹۶۸، ۱۹۶۹" ليکڪا جنهن موضوع کي چونيو آهي سو اڄون سمجهان ٿو تہ جديد آهي. اها = هاڻي روايتي بنجڻ کان بچي وڃي ها، جيڪڏهن ليکڪا ڪردارن کي، جتي اهي مڪمل روپ ۾ اڳهاڙا ٿيڻ چاهين ٿا ، زوري ڪپڙا نہ پاراڻي ها. ڪردار کهاڻيءَ جي Situation جي گهرج پٽاندر نہ پر ليکڪا جي مرضيءَ تي چرندا ، ڦرندا ، ڳالهائيندا نظر ٿا اچن . کهاڻيءَ جي پچاڻي لڳي ٿو تہ ليکڪا جي هٿن مان کسڪي ويئي آهي ۽ کهاڻي سچي ۽ سچي اتي ٻڌي روايتي کهاڻيءَ جو روپ ڌاري ڪنهن حد تائين رواجي کهاڻي بنجي ويئي آهي.

ليکڪا ذهن ۾ اڳ ۾ سوچيل رٿا هيٺ "شميءَ" کي ولين، "علي ءَ" کي دوکيباز ۽ نيم آدرشي ، نيم فرئنڪ "نيئور" کي ڪنهن حد تائين غلطي ڪندڙ ، پر معصوميت ۽ سادگيءَ وچان نهرائي، کهاڻيءَ ۾ خوامخواه ڊرامو پيدا ڪري ، جڙتو بنجڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سڀ کان چيندڙ ڳالهہ اها آهي

تہ گھٹو سوچيندڙ ، عمل ڪندڙ پنهنجين دلين جي پٽيرائيءَ ۾ سارتر جا حوالا ڪڍي ايندڙ "پنئور" ۽ عورتپڻو ، سڌ جي حد ڪان وڌيڪ آهي.

علي بابا : انبلٽ ۾ چپيل ٻوهن ڪلپنا ۽ تنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ، هوليءَ، سبجيڪٽ ڪان وڌي بيهڪ جي نشانين تائين کو خاص فرق نہ هو. ايتري تائين جو پنهي ڪهاڻين جي "مان" جي ڪيسي ۾ ڏوکڙ به لڳ ڀڳ ساڳيا آهن. ڇا ٻن جاڙين ڪهاڻين جو جنم به ٿي سگهي ٿو؟

مشتاق شورو : آئون تو طرفان مڙهيل الزام کي مڃڻ لاءِ هرگز تيار ناهيان. تو ڪان اڳ اهو الزام گهٽن طرفان هنيو ويو هو. مون انتي ڏيان نہ ڏنو جو مون چاڻو ٿي تہ ماڻهو انهن ٻن مختلف ڪهاڻين جي پويان مختلف Approach ، رد عملن ۽ Situation کي سمجهي نہ سگهيا آهن. وضاحت جي ضرورت محسوس مون نہ ڪئي. سوال اهم ان ڪري آهي جو اهو مسئلو هاڻي تو طرفان آٽاريو ويو آهي. ڀالهہ اها ناهي تہ تون منهنجو پيارو ۽ گهاٽو دوست آهين پر ڀالهہ اها آهي تہ تون انهن ماڻهن مان آهين جن مون کي شايد ڪنهن حد تائين سمجهيو آهي.

جيئن تون خود به چاڻين ٿو تہ اسان وٽ پڙهندڙ موجود ڪونهن. اسان وٽ جيڪي ادب پڙهن ٿا سي يا تہ خود نيم ليکڪ آهن يا ليکڪ ٿيڻ جي چڪر ۾ آهن. هن وقت، هنن حالتن ۾ اسين ليکڪ ئي هڪ ٻئي جا پڙهندڙ آهيون ، اسان جي اڳيان ڪابہ روايت چڏيل ناهي ۽ اسين هڪ ٻئي جون لکڻيون رڳو ان ڪري ٿا پڙهون تہ جيئن چاڻي سگهون تہ سنڌي ساهت ۾ ڇا ٿيو وهي واپري. اهوئي ڪارڻ آهي، سنڌي ليکڪ، سنڌي ليکڪ جي ڪاپي نٿو ڪري، ڪاپي جي اسان ڪرڻ به چاهيون ٿا تہ اسان کي فرانس، جرمني ۽ آمريڪا جي ليکڪن جي پويان دوڙڻو ٿو پوي. آئون جي ائين چوان تہ سنڌي ادب جو گهٽو حصو انهن ملڪن جي ادب جي ڪاپي آهي تہ غلط نہ ٿيندو.

جيڪڏهن پنهنجي ۽ موهن جي ڪهاڻي پڙهندڙن کي هڪجهڙيون لڳن ٿيون ۽ واقعي هڪجهڙيون آهن ته به آئون ان کي حادثو نه چوندس. آئون هتي اها گالهه مڃي ٿو هلان ته مون پنهنجي ڪهاڻي لکڻ کان اڳ موهن جي ڪهاڻي پڙهي هئي. ٿي سگهي ٿو ته ان ڪهاڻيءَ جو ڪنهن فارم ۾ مون تي اثر رهيو هجي. جي آهي ته گهڻ ۾ گهٽ شعوري سطح تي ناهي. مون هڪ ڏار موضوع کي چهيو آهي. موهن جي ڪردار جي ٻيڙا بيروزگاريءَ جي حالت مان پيدا ٿيندڙ آهي. هو روزگار لاءِ رلي ٿو، پوگي ٿو. هو رستن تي رلندي، لوڪل گاڏيءَ جو انتظار ڪندي ۽ لائبريريءَ ۾ ويهندي صرف پوگي ۽ تڙپي ٿو. پاڻ کي گهٽ ۽ ڪمتر محسوس ڪرڻ جو احساس انهن حالتن مان جنم ورتل آهي، جڪي سندس چوڌاري آهن ۽ جن ۾ هو جي رهيو آهي. هو پنهنجي سڄي ٻيڙا ۽ درد ناڪ حالت جو ظاهري علاج نوڪريءَ کي سمجهي ٿو.

مون Identity جي ڳولا ۾ اڄ جي انسان- بنا نالي، بنا چهري واري؛ اوندهين گهٽين ۾ رلندڙ انسان ۽ سچ کي اظهار ڪيو آهي، جنهن جي چهري جا نقش ڪتجي ويا آهن. ان جو ڪو علاج ناهي. وچايل Self هٿ ڪرڻ ناممڪن آهي. مون اهوئي چوڻ چاهيو آهي.

شايد ان ڪهاڻيءَ جو پهريون خيال مون کي Geen Grenier جي ڪتاب "The disappearance of man from art" پڙهڻ سان آيو، جنهن ۾ هن هڪ هنڌ تي لکيو آهي:

We now walk in a universe where is no echo of 'I' .The Image of the self held in the past eras has been effacted from the universe in which even nature seems to be an abstraction.

مون Self جي موجود نه هڻي، انساني لاچاريءَ، ماٺهو جيڪو ڪجهه ٿيڻ چاهي ٿو، اهو ناهي- ۽ هستيءَ کي اکوڙي ڇڏيندڙ حالتن جي دٻاون کان پڄي ويل ڏارن کي پنهنجي

کهاڻيءَ ۾ اظهار ڏنو آهي. جيڪڏهن آئون اهو کجهه ظاهر ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهيان تہ پوءِ مون کي پاڻ تي رحم کائڻ گهرجي.

ظفر حسن : (الف) سنڌي ادب ۾ جنس (Sex) جي موضوع تي لکڻ جا ڪٿين مثال موجود آهن؛ پر انهن مان ڪي فحش نويسي (Pornography) جي درجي ۾ مجموعي طرح يا انهن جا ڪي پاڳا اچن ٿا يا نہ؟

(ب) توهان پسي ڳاڙهاڳل (رسول بخش پليجو) پوسات ۽ ريشمي وار (غلام نبي مغل) ؛ اوشواس جو جنم (وشنو پناڻيا) ؛ گرپ جو تيج، جيون ڪوئي جهوٽو آهي (علي بابا) کهاڻين ۽ امداد جو نظم : تنهنجي ڪپڙن جا اهي ريشمي گهنج اطلسي رنگ / جن جا بخيا منهنجي هر گهور تي ابڙي ٿا وڃن / پوءِ ان گهور کي ڪهڙو نہ چگو نالو ڏئي / تنهنجي دل ۾ نہ جي جاڳي ٻوي هي شوق هوس .... جي باري ۾ ڪهڙي راءِ رکو ٿا؟

مشتاق شورو : تنهنجي پڇيل سوالن مان سڀ کان پهرين سوال اهو ٿو پيدا ٿئي، تہ سيڪس جي موضوع تي تخليق ڪيل لکڻين لاءِ سيڪس ۽ فحاشيءَ جي حد بنديءَ جو معيار ڪهڙو آهي؟ ڪابہ لکڻي ڪهڙي حد تي اچي فحش ٻڌجي ٿي وڃي؟

اصل ۾ اسان جو فحاشيءَ ڏانهن Attitude سماج جي ناهيل Values سان جڙيل آهي. جيڪڏهن اهڙي لکڻي قدرت سان ٽڪر ۾ بيٺل نظر اچي ٿي تہ ان کي فحاشيءَ جي درجي ۾ شامل ڪيو ويندو آهي. ڪو وقت هو جو رومانيت واد لکڻين کي بہ فحاشيءَ جي قطار ۾ بيهاريو ويندو هو.

برٽش ڪورٽن ۾ ڊي. ايڇ. لارينس جي ناول Lady Chatterly's Lover تي فحاشيءَ جي الزام ۾، زولا کي "نانا" لکڻ تي فحاشيءَ جي الزام ۾ نوبل پرائيز کان محروم رکيو ويو. گستاڤ فلابرٽ تي "ميڊم بواري" لکڻ جي ڪري گارين

جو وسڪارو لاڻو ويو. اڄ اهي شيون عالمي ادب جون لکڻيون سمجهيون وڃن ٿيون.

جيڪڏهن ڊي. ايڇ. لارينس پنهنجي ناول ۾ اهي ٽڪرا شامل نه ڪري ها جن جي ڪري مٿس فحاشيءَ جو الزام لڳايو ويو تہ پوءِ ڇا ناول کي اها حيثيت رهي ها جيڪا ان کي اڄ عالمي ادب ۾ آهي. ظاهر آهي تہ ائين ڪرڻ سان ناول جي مڪمل ڪردار جي نفسياتي پهلوءَ ۽ ان جي حالت ۾ پورو نمونو ظاهر نہ ٿي سگهي ها ۽ ناول کوکلو بنجي وڃي ها.

آئون ان خيال سان بہ Agree نٿو ڪريان تہ هر اها لکڻي فحش آهي، جنهن سان پڙهندڙ جو ڏيان جنسي لذتيت ڏانهن ڇڪجي وڃي؛ يا جن ۾ جنسي لذتن يا فرسٽريشن کي وڌاءُ سان پيش ڪيو ويو هجي. اهو مدار پڙهندڙ تي آهي تہ هو اهڙي لکڻي پڙهڻ وقت، جنسي لذت تي ٿو سوچي يا ان جي Situation تي جنهن هيٺ اها شيءِ لکي وئي آهي. جيستائين وڌاءُ جو تعلق آهي تہ ڏسڻو آهي تہ ان لکڻيءَ جي Situation جي ضمانت ڇا آهي؟ پورپور اظهار ڪرڻ وقت جيڪڏهن تز ۽ اگهاڙن لفظن جي ضرورت پوي تہ انهن کي پردن ۾ لڪائڻ سان ظاهر آهي تہ Situation پورپور نمونو اظهار پاڻي نہ سگهندي. صرف ڪوڪلائپ ئي ظاهر ٿيندي.

عام طرح سيڪس سان واسطو رکندڙ عملن جي اوڪ ٻوڪ کي فحاشي سڏيو وڃي ٿو، پر سوال اهو آهي تہ ڇا سيڪس ڪرڻ فحاشي آهي؟ يا اهڙو گناهہ ٻريو ڪم آهي؛ جنهن تي پردا وڌا وڃن. جي فحاشيءَ جي پرک جي ڪسوٽي اهائي آهي تہ پوءِ دنيا جي ادب جو تمام وڏو حصو فحاشيءَ جي درجي ۾ ٿو اچي.

سنڌي ادب ۾ سيڪس جي موضوعن تي اڪيلي ڪن لکڻين کي مجموعي طرح يا انهن جي ڪن پاڳن کي آئون فحاشيءَ جي درجي ۾ آڻڻ نہ سڏيندس، ڇو تہ فحاشي رليٽو آهي؛ مٽيريل

فارم ۾ موجود ناهي ، مڃيل ناهي . فحاشي Establish ڪرڻ لاءِ ڪوبہ دليل قطعي ناهي ۽ نہ ئي ٿي سگهي ٿو، ان ڪري انهن لکڻين جي ڪن پاڻ ڪي يا مجموعي طرح ردي سڏي سگهجي ٿو ؛ جن ۾ رسول بخش پليجي جي ڪهاڻي "پسي ڳاڙها گل" ؛ وشنو جي "وشواس اوشواس" غلام نبي مغل جي "پوسات" اچن ٿيون؛ جو تہ انهن ۾ سيڪس سان واسطو رکندڙ ڪهاڻيءَ جي ڪردارن يا Situation جي ڏيکاءَ نہ آهي، پر ليکڪن طرفان مڙهيل آهن. جيڪي ليکڪ جي بيمار؛ پروڙيءَ ؛ مردهہ ذهن جي عڪاسي ڪن ٿا. وشنوجي ڪهاڻي، ڪهاڻي نہ پر سيڪس ڪامينٽري آهي.

سڪندر امداد : توتي الزام آهي تہ تو سنڌي پوليءَ کي بگاڙيو آهي !

مشتاق شورو : آئون ان الزام کي قبول ٿو ڪريان؛ ڇوتہ اڄ جي زيرو ڊگريءَ تي پهتل؛ سماج- دنيا جي ليکڪ جي هٿن هيٺ ڪردار؛ هڪ فرد؛ هڪ شخص ڪسڪي ويو آهي. مهان شخصيت؛ هيرو مري چڪو آهي؛ ان کي جنم ڏيندڙ خالق بہ مري چڪو آهي. شخص؛ واقعا ؛ حالتون سڀ پنهنجي معنا وڃائي چڪا آهن . اونهي ڪاهيءَ ۾ ڪرندڙ انسان جي حالت جي احساس جي دانهن اڄ جي ليکڪ وٽان اظهار پائي ٿي . ان ڏانهن ، احساس کي Communicate ڪرڻ لاءِ دنيا جي ڪنهن بہ پوليءَ ۾ پورا لفظ ناهن، دنيا جون سموريون پوليون ايتريون تہ روايتي ۽ اٽپوريون آهن، جو اڄ جي وجايل شخص جي حالت، کي پوري طرح اظهار نٿو ڏيئي سگهجي. اڄ جي ليکڪ جي ضرورت اڳيان پوليون بي وس ۽ لاچار آهن . مجبورن ليکڪ کي پنهنجا فريز ۽ لفظ گهڙڻا ٿا پون . جنهن پوليءَ ۾ هو پاڻ کي اظهار ڏيئي ٿو، ان کي ٽوڙڻو ٿو پوي. پوليءَ کي ٽوڙڻ اڄ جي ليکڪ جي ضرورت آهي. ڪن حالتن ۾ جڏهن پولي اظهار لاءِ بلڪل ناڪاره بنجي وڃي ٿي ۽ ليکڪ پاڻ کي بيوس پائي ٿو تہ ان کي سوال؛ عجب جي نشانين؛ فل استاپ

کاما، ڪيمي ڪولن، ڊيش، خالن جو سهارو ونڻو ٿو پوي.

يورپ ۾ ۽ فرانس ۾ خاص طور تي ساهت ڪيتر ۾ هر نئون تجربو ڊرامي وسيلي، ايڪٽ ذريعي اظهار پائي ٿو. ڇوتہ صرف ڊسڪرپشن ۾ موجوده روايتي، ائپورين پولين ۾ ڪاوڙ، نفرت، ناسيا، بي يقيني، غير سلامتي، ڊپ، چٽن احساسن، ذهني انتشار جي اظهار جي گنجائش ناهي. لعل پشپ لکيو آهي تہ "اڄ جي ڪهاڻي ٽٽل ليکڪ جي ٽٽل جذبن جو ٽٽل لفظن ۾ ٽٽل اظهار آهي."

ڏڪندڙ جذبن جي جيئري جاگندی شاعري

سوچ ڪي لوچ

ذوالفقار راشديءَ

جو

مجموعہ ڪلام

شاعريءَ جي پڙهندڙن لاءِ آڻيهہ ڏوکڙي

ونگار وهندڙ ليکڪ / ٻلي رام ولهپ

مان "ٽڪڙ پبليڪيشن" جي آفيس جي مهورت جي هن شپ گهڙيءَ تي اوهان کي واڌايون ڏيندي هي مضمون انگريزيءَ ۾ پڙهڻ جي اجازت ونان ٿو. اسان جي سنڌي ليکڪن کي وقت بوقت گهٽائي پيڃيده مسئلا درپيش ايندا رهن ٿا، جن مان هڪ آهي رسالن، ڪتابي سلسلن ۽ پبليڪيشنن جي ايڊيٽرن ۽ مرتبن جي سرد مهري. اهي ليکڪن جون لکڻيون پنهنجن رسالن، ڪتابي سلسلن ۽ پبليڪيشنن ۾ پيش ڪري پاڻ تي ڏوڪڙ ڪمائين ٿا پر ليکڪن کي ٽڪو به اجوري طور ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. شايد اهي سمجهن ٿا ته ليکڪ جو نالو ڇپجڻ کافي وڏو انعام آهي باقي ڏوڪڙن کي هو ڇا ڪندو- انهيءَ سان سندس ڪهڙو واسطو؟ ايڊيٽرن ۽ مرتبن کي پنهنجي گهالهه مجائڻ ۽ سمجهائڻ ۾ اسڪل ٿي، ليکڪن جو لڏو گنهرتا سان منظر ٽيڻ لاءِ سوچي رهيو آهي جيئن پنهنجو حق حاصل ڪري سگهي.

ڪتاب لکندڙ ليکڪن توڙي رسالن، ڪتابي سلسلن ۽ پبليڪيشن ۾ لکندڙ ليکڪن جي مسئلن تي ڪوبه سوچڻ لاءِ تيار ناهي- ڪابه گلبه ڪابه سنڌي ادبي سنگت نه پر ليکڪن جي نئين پيڙهي، جنهن سان امداد حسينيءَ جو سورهيه ۽ گرنج دار آواز شامل آهي، اڳيرو وڌي آئي آهي جيڪا پنهنجن حقن جي سنڀال ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهي ٿي.

اسان جي ادبي حلقي ۾ آهستي آهستي تبديلي ايندي پئي وڃي ۽ ڪن پبليڪشنن ليکڪن کي سندن لکڻين جو اجورو ڏيڻ شروع ڪري ڏنو آهي جنهن جو مثال هيءَ "ٽڪڙ پبليڪيشن" آهي.

چاموٽ فلمز پاران "حاضر سائين" کان پوء پيو شاهڪار
"سهڻا سائين"

اداڪار : تهمينہ ، نيني ناز ، صلاح الدين تنيو ، غفار پٺي ، بينا، نور محمد لاشاري، روشن عطا ۽ ساقي ۽ نذر

کهاڻي، اسڪرين پلي ۽ ڊائريڪشن : ايس-گل

مڪالما : قمر شهباز .

گيت : امداد حسيني- **سنگيت :** گل حيدر

پلوڙ آجرڪن لاء
حاجي الله ڏنو سنز جي
آجرڪ سينٽر
دڪان نمبر ؟ ۽ ٢
حاجي محمد حسين ڪلاٿ مارڪيٽ
سري گهاٽ ، حيدرآباد سنڌ
تي اچو